
جَالِڈُ
جَهانگِين
سَاڑُ
شاعري
خادم حسين ابڙو

جالِڻُ جهانگيرَ

ساڻ

شاعري

خادم حسين ابڙو

ڪتاب جا حق واسطا محفوظ

ڪتاب جو نالو
جالن جهانگين سان (شاعري)

شاعر
خادم حسين ابڙو

ڪمپوزنگ
پارس ڪمپيوٽر اينڊ پرنٽنگ ايجنسي
حيدرچوڪ، حيدرآباد

ڇپيندڙ
پارس ڪمپيوٽر اينڊ پرنٽنگ ايجنسي
حيدرچوڪ، حيدرآباد

ڳاڻيٽو
پنج سؤ

سال
ڊسمبر 2010ع

ملهه
200 روپيا

ڪتاب ملڻ جو هنڌ
181_A بکر ڳوٺ، سمهون ال آصف زيرو ميل، سپر هاوي، ڪراچي
موبائل: 0333_2114902
رابيل ڪتاب گهر، اسٽيشن روڊ لاڙڪاڻو

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

سٽاءُ

1. ارپنا
2. ڳوٺ پنهل خان چانڊيي جي شهيدن جو وِچُور
3. حوصلي ۽ اُميد جو شاعر
4. جيڪي ڪُنيءَ سو پاٽِ ۾
5. شاعري
6. بيت ۽ ٽيڙو
7. سنڌ ۾ ملهائڻ جهڙا ڏڻ/ڏينهن (عيسوي سن ۾ ڏنل)

ارپنا

ڳوٺ پنهل خان چانڊئي، تعلقي سڪرنڊ، ضلعي نواب شاهه جي چڱي مڙس پوڙهي ۽ بيمار پنهل خان چانڊئي جي اڳواڻيءَ ۾ سنڌس جوان جماڻ پٽ غلام عباس ۽ ڳوٺائن 29.9.1983 تي ايم۔ آر۔ ڊي (MRD) (Movement For Restoration of Democracy) جي تحريڪ ۾ ٻاڳيياڻيوار ٿيندي، روڊ رنڊائيندي، قرآن شريف پڙهندي، ورديءَ وارن جون سڌيون گوليون سنيون؛ جنهن ۾ سترهن پوڙها جوان ۽ ٻار شهيد ٿيا. مان پنهنجو پورهيو نوڙت ۽ نماڻائيءَ سان انهن شهيدن جي نانءِ ارپيان ٿو.

"تنين جي چوٽي پورب ٿيندي پڌري"

خادم حسين ابڙو

ڳوٺ پنهل خان چانڊيي جي شهيدن جو وچور

نالو پيءُ جي نالي سميت	ذات	ڄمار	ڪرت
1. محمد هاشم پٽ الله بچايو	خاصخيلي	40 ورهيه	هاري
2. محمد رمضان پٽ محمد بخش	= = = =	35 ورهيه	دوڪاندار
3. جناب پٽ ملير	= = = =	16 ورهيه	ٻڪرار
4. ميرو پٽ ٺوهه	= = = =	18 ورهيه	هاري
5. علي گل پٽ شفيع محمد	= = = =	19 ورهيه	هاري
6. ٺارو پٽ محمد عمر	چانڊيو	70 ورهيه	ڪير ڪپائيندڙ
7. گلاب پٽ لال خان	چانڊيو	21 ورهيه	هاري
8. علي شير پٽ حاڪم	چانڊيو	18 ورهيه	شاگرد
9. غلام مصطفيٰ پٽ حاڪم	چانڊيو	14 ورهيه	شاگرد
10. پير بخش پٽ غلام محمد	چانڊيو	50 ورهيه	هاري
11. محمد عرس پٽ نبي بخش	چانڊيو	25 ورهيه	ڊرائيور
12. محمد صديق پٽ نبي بخش	چانڊيو	51 ورهيه	هاري
13. رجب پٽ ٽنڊو خان	چانڊيو	24 ورهيه	هاري
14. الهرکيو پٽ الله ورايو	سولنگي	35 ورهيه	هاري
15. محبوب پٽ ڏٽي پرتو	سولنگي	26 ورهيه	هاري
16. حسين بخش خان محمد	مگٺهار	18 ورهيه	هاري ۽ دهلاري فقير

حوصلي ۽ اُميد جو شاعر

ڏاها چون ٿا تہ "شاعري جي رمزيت کي تمام گھڻو جامع ۽ همہ گير هئڻ کپي، جو تہ عظيم المرتبت ۽ جليل القدر شاعريءَ ۾ ائين ٿي ٿيندو آهي. منهنجي خيال ۾ "جامعيت " ۽ " همہ گيري " ئي ڪنهن شاعريءَ جي سگھہ آهي. ڪنهن بہ شاعريءَ ۾ موضوع جو وسيع هئڻ، زندگيءَ جي هر پهلوءَ تي نظر ڌرڻ، محبت، ميلاپ، وڇوڙو موت ۽ تباهيءَ جي احساس جي ڪيفيت، شاعريءَ کي سگھہ بخشيندڙ جذبا، احساس ۽ ڪيفيتون آهن. فرد کان وٺندي سماج ۽ قوم سان گھرو لڳاءُ، خلوص ۽ عشق ئي سلن لاءِ سانوٽي مند آڻيندا آهن. اها ئي خوبصورت شاعريءَ جي سڃاڻپ آهي تہ ان ۾ زندگيءَ جا سمورا رنگ موجود هجن.

قديم دور کان انسان پنهنجي من ۾ پيدا ٿيندڙ مختلف احساس کي آشڪار ڪرڻ لاءِ حيلا هلائيندو رهيو آهي. سندس اهڙي جستجو ۽ ڪوشش ڪڏهن غارن جي پٿن تي تہ ڪڏهن وڻن جي پنن تي،ڪڏهن چوڏن، پٿرن ۽ چمڙي تي مختلف چٽن ۽ نقش جي صورت ۾ سامهون اچي ٿي. اڄ تائين پنهنجي خيالن کي عام ڪرڻ ۽ هڪ نسل کان ٻئي نسل ڏانهن منتقل ڪرڻ واري انساني خواهش تاحال قائم ۽ اهو سلسلو جاري آهي. انهيءَ سفر ۾ ڪي ماڻهو اهڙا بہ آهن جن پنهنجي لکتن ۾ وقت کي قيد ڪيو ۽ ايندڙ نسلن ڏانهن نہ صرف پنهنجا تجربا ۽ مشاهدا منتقل ڪيا پر ايندڙ وقتن ۾ پيش ايندڙ مسئلن ۽ معاملن کي منهن ڏيڻ سميت انهن جي حل خاطر پاڻ کي تيار رکڻ لاءِ نت نوان خيال ۽ پيغام بہ پهچايا. سندن اهڙي عمل انساني سماج کي مهذب بڻائڻ جي جاکوڙ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو ۽ اڄ اسان جنهن سماج جو

حصو آهيون انهيءَ کي بهتر کان بهتر بنائڻ ۾ انهن ماڻهن جو ڪردار آهي ۽ موجوده دور ۾ اسان منجهان ڪيترائي دوست اهڙي عمل کي جاري رکندي اڳتي وڌي رهيا آهن جيڪي پنهجي فڪر ۽ دانائيءَ وسيلي مختلف ذريعن سان وقت، حالتن انهن جي پس منظر ۽ پيش منظر کي ايندڙ نسلن ڏانهن منتقل ڪري رهيا آهن. اهڙن وسيلن ۾ ذريعن مان هڪ وسيلو شاعري بہ آهي، جيڪو فڪر کي گهڻ رخي انداز سان پنهنجي حال کي هڪ پيڙهيءَ کان ٻي پيڙهيءَ تائين پهچائڻ جو ذريعو بڻجي ٿو.

شاعر پنهنجي دور جو آئينو هوندا آهن. جيڪي سماجي، معاشي ۽ ٻين حالتن ۾ رخن کي پنهنجي تخليقي سگهہ وسيلي عام آڏو آڻيندا آهن. فرد کان وٺندي سڄي قوم جا مسئلا سندن تخليق جا موضوع هوندا آهن. سماج ۾ فرد سان ڪهڙا مسئلا آهن، ان جون بہ خوشيون، غميون وغيره ڪهڙيون آهن؟ ۽ قوم ڪهڙين خوشين، غمن وغيره مان گذري رهي آهي. خوشين جا اسباب ڪهڙا آهن ۽ غمين جا اسباب ڪهڙا آهن. انهن ڪيفيتن جي ڪري قوم ۽ فرد تي ڪهڙا اثر پون ٿا شاعر پنهنجي ذات وسيلي انهن سڀني کي لفظن جي روپ ۾ پوئي مالهائون ناهي عوام آڏو اظهاريندا آهن.

موجوده دور جي اهڙن شاعرن منجهان هڪڙو نانءُ سائين خادم حسين ابڙي جو بہ آهي، جنهن ان خواهش کي هٿ وٺرائيندي پنهنجي سفر جو آغاز ڪيو ۽ هاڻ سندس ان سفر جو ثمر سندس ڪتاب جي صورت ۾ اسان جي سامهون آهي.

شاعري، جيئن مون چيو گهڻ رخي فڪر جي ڦهلاءَ جو واحد ذريعو آهي، ان ڪري هر شاعر گهٽ ۾ گهٽ لفظن اندر وڌ ۾ وڌ فڪر ۽ خيال جو پرچار ڪري ٿو ان خيال ۾ سڀني زمانن جو عڪس ۽ اولڙو هوندو آهي ۽ اهائي هڪ سٺي شاعر جي سڃاڻپ آهي.

سائين خادم ابڙي جي مسودي جي مطالعي مان مون کي لڳي ٿو تہ هُن شاعريءَ

جي بنيادي لوازمات کي چڱيءَ طرح سمجهيو ۽ پروڙيو آهي. هڪ حساس ماڻهو جي حيثيت ۾ هو سمجهي ٿو تہ سنڌي ماڻهو اندروني ۽ ٻاهرين غلاميءَ واري ڪيفيت ۾ آهن. هو خود بہ حالتن جي سنگينيءَ ۽ مسئلن جي دٻاءَ واري پيڙا مان گذريو آهي پر ان باوجود هو مايوس ناهي. اها ڳالهہ وڏي خوشيءَ جي آهي تہ سمورن دردن، بيوفائين ۽ ناانصافين وارا احساس پوڄيندي بہ سندس شاعريءَ ۾ نراسائيءَ جو عڪس نٿو ملي. وٽس، نہ اميدي آهي نہ مايوسي. جيڪڏهن ڪجهہ آهي تہ اُهو سندس شاعريءَ ۾ حوصلي ۽ اميدن جي مشعلن جو تجلو آهي جيڪو ڪيس ۾ سندس فڪر کي منور ڪري ٿو.

محترم خادم حسين ابڙو نہ رڳو سٺو شاعر ۽ اديب آهي، پر سچ پچ تہ هو هڪ اعلي ا انسان بہ آهي. سندس زندگيءَ جي وڏائي جي جهلڪ سندس هر رويي مان محسوس ٿيندي. هو هر وقت نئڊي وڏي سان مرڪندي ملي ۽ ڳالهائي سچ پچ موهي وجهندو آهي. تمام گهڻو ڄاڻندي بہ پنهنجي پاڻ کي ڄاڻو محسوس نہ ڪرائڻ، هر ڳالهہ ايئن ٻڌندو ڄڻ تہ سندس لاءِ اها ڳالهہ نئين هجي پر پوءِ جڏهن پاڻ ان تي ڳالهائيندو تڏهن ٻڌندڙ کي محسوس ٿيندو تہ وٽس ڄاڻ جو خزانو آهي. اهي گُڻَ هڪ عالم جا آهن،هڪ سٺي انسان جا آهن. آئون پڪ سان چوان ٿو تہ سائين خادم حسين جهڙا انسان زماني ۾ گهٽ پيدا ٿيندا آهن.

ابڙي صاحب جي شاعري جا موضوع سگهارا آهن. سنڌ ڌرتيءَ جو سڀاجهو ماڻهو سنڌ جا مسئلا، ساڻن ناانصافي، سنڌ جي پيڙهجندڙ طبقي جي پيڙا ۽ درد سندس شاعري جا اهم موضوع آهن. ڇو تہ لڳ ڀڳ مُني صديءَ کان پاڻ پنهنجي اکين سان هن ڌرتيءَ تي ٿيندڙ لقاءُ ڏسندو رهيوآهي. سندس هيءَ شاعري انهيءَ مُني صديءَ جي ڏکوئيندڙ سفر جو سچو داستان ۽ عرق آهي. سنڌي ماڻهن اها مني صديءَ جي تاريخ سنڌ جي ماڻهن سان بيوفائين، ناانصافي، دوکن، وچوڙن ۽ وڍن سان ڀري پئي آهي.

چليءَ جي مشهور شاعر پئبلونرودا لکيو آهي تہ ”جنهن قلمڪار جي قلم جي مس جو ناتو آزاديءَ لاءِ وڙهندو جوڌي جي رت ۽ پورهيت جي پگهر سان ناهي، جنهن قلم ڪار جي قلمڪاري ۽ قلم جو واسطو غلام ۽ مظلوم سان نہ آهي، اهو قلم ڪار ۽ قلم بي زبان آهي، لاوارث ۽ اجايو آهي.“ سائين خادم ابڙي جي شاعري ۽ انداز پئبلونرودا جي انهن تصورات جي پرپور عڪاسي ڪري ٿو. هونئن تہ سندس شاعريءَ جون ڪيتريون خوبيون آهن پر منهنجي نظر ۾ جيڪي سندس شاعريءَ جون خوبيون آهن تن مان جيڪي خاص آهن اُهي هي آهن تہ موضوع، فڪر، اندازِ بيان ۽ ٻولي.

سمجهہ سچ سورهيہ ڪٽي جي وڪ ڪٽين،
اِتهاس جي لکيل پنن کي جي پڙهين،
ڪالهہ چا ٿيو هو ۽ ڪيئن ٿيو سڀ سٽين،
ساهہ صدقو ڪرڻ لئہ تون ڪر ڪٽين،
آس آهي ڪانہ تون ڪا چُڪَ ڪندين.

سندس شاعري جيڪا گهڻو ڪري نظمن تي مشتمل آهي، ان ۾ هيٺيان نظم موضوع، فڪر، اندازِ بيان ۽ ٻولي جي لحاظ کان خوبصورت نظم آهن. جن ۾ ” آءُ تہ اڄ سيناس ونئون “ ، ” نانءُ ڳچيءَ ۾ پئجي ويو“ ،”جي تون ڪٽندين ڪانہ ترارا “ ، ” ڳالهيون آهن اڪيچار “ ، ”هڪ ڏينهن“ ،”نہ سمجهہ يلي تون اڄ يوتار“ ، ” چڏي اڄ تڏيون وڃئون تا“ ، ” لڱ منهنجا ڪاٽ“ ، ”ٻَڪَ تنهنجي جو ٻاڙيل آهيان“ ، ” درياهہ شاهہ “ ، ” مان وڪيل آهيان“ ، ” غدار جيڪو وطن جو“ ، ” ماڻهو نہ آهن مسلمان“ ، ” وات ڳاڙها اُتي پون“ ، ” چوڙي؟ “ ، ” مان ڪامران ٿي؟ “ ۽ ” سنڌ کي بقاءُ آ“ شامل آهن.

مٿيان نظم سچ پچ وري وري پڙهڻ جهڙا ۽ هيٺين سان هنداڻ جهڙا آهن. هونئن شاعرن، اديبن ۽ دانشورن جو فرض آهي تہ اُهي تعمير ۽ تشڪيل جي

حوالي سان نئين نسل جي رهنمائي ڪن. مرض جي سڃاڻپ ڪن. اُن جي سببن تي غور ۽ فڪر ڪن ۽ ان جي ڇڳيلائيءَ لاءِ ڪنهن سُتي ڦڪيءَ جي ڳولا بہ ڪن. سائين خادم جي شاعري پڙهڻ سان مٿيون ڳالهيون چڱي نموني سان موجود ملنديون.

سنڌس شاعريءَ جاڳ لاءِ سڏ آهي تہ ياڳ لاءِ بہ سڏ آهي. جيئن هو هڪ نظم "ڳالهہ اصل ۾ سمجهڻ جي آ" ۾ چوي ٿو تہ...

جيسين جاڳ نہ ٿيندي دلبر، گهربل ماڳ نہ ملندي ڪنهن پر،

ڪوبي ڪاڄ نہ ٿيندئي ڪتپر، ڳالهہ اها ئي ڳجهڻ جي آ،

خادم جيءَ ڪي جهوري وينو تڪي ٿو ۽ توري وينو

توسان پڻ ٿو اوري وينو ٻئي جي ڪانہ ٻڌڻ جي آ.

هونئن بہ عالم، اديب، شاعر، مصور ۽ ٻيا تخليقار پنهنجي پنهنجي قوم جا ترجمان، سنيارينڌڙ سارينڌڙ ۽ اڳتي وٺي وينڌڙ سونهان هوندا آهن. اهي ڳالهيون ۽ عمل تڏهن ئي ٿي سگهن ٿا جڏهن وٽن وسيع تجربو دوانديشي ۽ حوصلو جستجو جو جذبو ۽ سچائي هجي. اهي ڳالهيون جن وٽ بہ هونديون آهن تن جون تخليقون امر ٿي پونديون آهن. انهيءَ سفر ۾ ڪيترائي سچا ۽ سونهان رهيا آهن. جيڪڏهن انهيءَ سفر ۾ سائين خادم جو نالو ڳڻجي تہ وڌاءَ نہ ٿيندو ڇو تہ سرڪار لطيف جي چواڻي تہ:

محبت پائي من ۾ رنڊا روڙيا جن،

تن جو صرافن، اڻ۔توريو اگهائيو.

ڊاڪٽر محمد علي مانجهي

ڪراچي

19 آگسٽ 2010ع

جيڪي ڪُنيءَ سو پاٽِ ۾

نالو: خادم حسين ابڙو

پيءُ: الله ورايو خان

ماءُ: نُور خاتون (منهنجي بابا جي نُورَڻِ)

➜ گهڻو تڻو اهو خميس جو صبح، حج مهيني جي نائين ۽ انگريزي مهيني جي ڏهين فبروري 1938ع جي تاريخ هئي. امان چواڻي، سج ٻه ڪانا مٿي چڙهي آيو هو جو مان ڪڪراٽين جي پاڙي ڳوٺ ڳيريلي تعلقي لب درياهه /ڏوڪريءَ ۾ ناني جي گهر جائس . سمات ۾ آبڙِ، آبڙ ۾ ڪڪراٽي، منهنجي ذات. مون کي 1947ع کان اڳ جي سنڌ چٽي ياد آهي.

i. 3.3.1943ع تي، سنڌ اسيمبليءَ ۾ پاڪستان جي رٺ آٽيندڙ ۽ مجرائيندڙ سنڌ جي ڌرتي تي، مسيت کان گهڻو گهڻو اڳ، اڏيل مندر کان ڪانئس هجڻ جو حق کسيو هيو. سنڌ جي اتهاس ۾ مذهب، عقيدي، ڌرم ۽ خيال کي مليل آزاديءَ جو حق، "تنهنجو الله توسان منهنجو الله مونسان". نه مڃڻ ڪري 3.3.1943ع واري رٺ مڃجي وئي. اها ڏاڍي وڏي ڀل، اڄ تائين اسانکي لوڙائيندي ۽ روئاريندي اچي ٿي.

ii. سنڌ جي موسيٰ، هيرا جواهر سمجهي، ٽانڊن ۾ هٿ وڌا. پوءِ سڄي ڄمار پنهنجن هٿن کي ڦوڪون ڏيندو رهيو. ابوءِ ابوءِ ڪندو رهيو.

iii. ۽ پوءِ، سنڌ جي تاريخ جو هيءُ ٻار پنهنجي ئي اڏيل ڪوٺ ۾، ستاويهه ورهيه قيد ۾ قابو رهي، وڃي مٽيءَ ماءُ جي هنج ۾ ستو.

iv. سنڌ، چوڏهين آگسٽ 1947ع تي، پاڻ پنهنجي پير تي ڪهاڙو هڻي، نئين نانوَ جي وَرِ چڙهي وئي.

ماءُ منهنجو جندڙو ڪنيو خيالن،
ڪوڙن ڪذابن ڏاگهن ڏڏي آهيان.

دلبو منجهه درياهه پکي پسي آئيا
ويچارا ويساهه آٽي ات اڙائيا.

v. منهنجي اکين سنڌي ماڻهن کي، جيڪي مسلمان نه هئا، سنڌ مان اوچينگارون ڏيندي، پنهنجا پکا ڇڏي، لڏي ويندو ڏٺو.

vi. منهنجي اکين مسلمانن کي، جيڪي سنڌي نه هئا، سنڌ ۾ ايندي پير کوڙيندي ڏٺو.

vii. ڳيريلي مان جڏهن 1947ع جي پڇاڙڪن مهينن وارن ڏينهن ۾، واڻين (هندن) لڏيو پئي، ته ڳوٺ جي ڪنهن به سنڌيءَ (مسلمان) جي منهن تي مُرڪَ/سرهائي ڪانه هئي؛ ۽ نه ئي وري ڪنهن مسيت مان اهو آواز ٻڌو ويو ته ادا! چڱو ٿيو جو ڪافر وڃن ٿا ۽ پاڻ ائر ايندا. اهي ڏينهن ڏرتي ۽ اُڀَ جي وچ ۾ اهڙي اُداسائي ڇانيل هئي، جنهن جو ڪارڻ اسان جا پڙهيل اڻپڙهيل سمجهي نه سگهيا هيا. ڳيريلي جا مندر مهاتما ٻُڌَ جي مُکَ تي ڏِکَ ڏيندڙ ماڻ وانگر، ماٺ تي ويا!............ ويندي اڄ تائين.

- 1951ع جي پڇاڙيءَ وارن ڏينهن ۾ ڳيريلي مان لڏي موري آياسي اُتي بابا جا ماسات، ذات جا هب، رهندا هئا/ آهن.
- اپريل 1953ع ۾ نوشهري فيروز مان سنڌي فائينل پاس ڪيم. 270

چوڪرن ۾ پيو نمبر آيو هوس. تنين ڏينهين سنڌي فائينل وڏي شان وارو امتحان هوندو هئو. اسان موري وارن کي فائينل جي سنبت سائين اشرف علي شاهہ پٽ سائين جعفر شاهہ ڪرائي هئي. تڏهوڪي موري ۾ متيان ٻئي مهربان ناليوارا ماڻهو هئا. امتحان ڏيارڻ لاءِ نوشهري فيروز ڏي اشرف علي شاهہ جو استاد سائين رستم خان شيدي شاگردن کي وٺي هليو هيو.

- 1956ع ۾ مئٽرڪ سيڪنڊ ڪلاس ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان.
- 1964ع ۾ بي ڪام.
- 1953_55ع موري ۾ سنڌي ماستر رهيس.
- 1956_60ع ۾ پي ڊبليو ڊي ايريگيشن حيدرآباد ۾ ڪلارڪي.
- 1960ع جا ڪجهہ مهينا وليج ايڊ ۽ اوقاف کاتن ۾ ڪلارڪي.
- 1961_63ع بورڊ آف سيڪنڊري ايجوڪيشن حيدرآباد ۾ نوڪري.
- 1964ع ۾ ڊسٽرڪٽ سيٽلمينٽ لس ٻيلي ۾ اڪائونٽنٽ ڪجهہ مهينن لاءِ.
- 1964ع ۾ ڪجهہ مهينا سردار لطف علي دل جي روزانہ اخبار خادم وطن حيدرآباد ۾ اڪائونٽنٽ رهيس سردار صاحب ڏاڍو ڀلو ۽ شاناٽتو ماڻهو لڳو.
- 1964_65ع ۾ سنڌ يونيورسٽي پراجيڪٽ ڄام شوري ۾ اڪائونٽ اسسٽنٽ.
- 1965_67ع ۾ گيريلي ۾ ويهي سماجيات جي ڄاڻو سوشلسٽ سُياءُ وڏي ڀاءُ هوميوپيٿڪ ڊاڪٽر عبدالمومن کان هوميوپيٿي سکيس. سندس چواڻي، منهنجي سياوَ ۾ آنڌ مانڌ ۽ پير هڪ هنڌ ٽڪڻو نہ هو. منهنجو سياءُ پاري [Mercury] وارو چيو هئائين .
- 22/2/1969 کان 30/11/1975 تائين پاڪستان مشين ٽول فيڪٽريءَ ۾ نوڪري.
- 4/3/1973 چوٿين مارچ جو ڏينهن ملهائيندي سائين جي ايم سيد سان گڏ

عبدالله هارون ڪاليج ڪڏي لياريءَ ۾ تقرير ڪرڻ جي ڏوهه ۾ تڏهوڪي قانون ڊفينس رولس آف پاڪستان جو ڪيس ٿيو جيڪو نه هاي نه هليو.

- 1/12/1975 ڪان 5/7/1977 تائين PIDC شهدادڪوٽ ٽيڪسٽائيل مل ۾ اسسٽنٽ مئنيجر اڪائونٽس.
- 1979ع ۾ روزانه هلال پاڪستان ڪراچيءَ جو مئنيجر رهيس.
- 27/5/1979 ڪان وڪالت سان واڳيل ويندي اڄ تائين.
- 1997 ۾ اسسٽنٽ ايڊووڪيٽ جنرل سنڌ.
- ڪٽنبي حياتيءَ ۾ منهنجا وڏا هاري ناري رهيا. آٺين ۾ چاڙهين ذت ڏهاڙي سومرا واري حياتي ڏنم.
- خيالن ۾ آدجڳاد ڪان هن مٽيءَ ماءُ جي هنج ۾ ڪلندڙ روئندڙ ٻار آهيان، ڪو بي پَلُ انهيءَ هنج ڪان ٻاهر جالي ناهيان سگهيو.
- هن ڪتاب ۾ منهنجون دانهون ڪوڪون 1/01/2007ع ڪان 31/12/2007ع تائين آهن. انهيءَ ڪان نه اڳ ۾ نه پوءِ نظم ۾ يا نثر ۾ ڇئي لکي سگهيو آهيان.
- ايئين لڳو ته سنڌ، راڻي بينظير ڀٽو جي شهادت واري ڏينهن جي سانجهيءَ تي، سائين جي ايم سيد شهيدن جي ڳوٺ (ڳڙهي خدا بخش) هلي وڃي گڏيل فيصلي ”نه کپي“ جو اعلان ڪيو.
- مان سمجهان ٿو ته لطيف سرڪار جي ”ڌريان ٿي ڌاريا“ ۾ ”جا تومل عيد“ وارن بيتن کي سمجهڻ لاءِ سنڌس قوم سٺ سال ورتا.
- ته سويون سر گهرن وارن لطيف جي لفظن جي معنيٰ به سنڌس سانگين هاڻي وڃي، مس مس، ڪجهه ڪجهه، پروڙي آهي.
- ڏاڍو ڏڄڻو آهيان. انهيءَ ڪري ڪڏهن به ٿاڻو ۾ جيل نه ڏٺم. طاقت، ڏاهپ ۾ سونهن جو ڇيهه ناهي. طاقت، ڏاهپ ۾ سونهن آڏو سدائين جهُڪندو رهيو آهيان.

- ڪڏهن ٻه مٺيءَ ماءُ جي پوٽيءَ جو پلاند نه ڇڏيو اٿم. نارَ جي مالهه ۾ سڄڻ سان سلهاڙيل تري پڳل ڪِنگرِي آهيان.
- مان سسئيءَ جا سڏ سُڏڪا، مارئيءَ جي دانهن ۽ واڇُوڙي ۾ ٻهه جوڳڪُ آهيان.
- منهنجي حياتيءَ ۾ پل پل چڪ ايتري ته گهٽي آهي جو مان لطيف سرڪار جي هيئين لفظن جي معنيٰ ۽ مطلب تي رهيو آهيان ادي آءُ آجاڻ مون سڱ سڃاڻي نه ڪيو. منهنجي جيون جي وڪ وڪ تي ڪيل پل چڪ، اڻجاڻائيءَ سبب، ڏڪ ڪارائيندي آئي آهي، جيڪر هيئن نه ڪريان ها جيڪر هونءَ نه ڪريان ها وارا ويچار ماڻهوءَ جي جند نٿا ڇڏين.
- توڙي جو پڪ اٿم "توڙي هلين تڪڙي توڙي هلين وڪ، لڪئي منجهان لِڪَ لهئي ڪين لطيف چئي" پر پوءِ به وس تو ڪيان ته وسامڻ (فنا) ڏي ويندي وکون هوريان ڪجن ۽ انهيءَ لاءِ ٿي، چمار آهر، يوگا جون ڪسرتون ڪندو آهيان.
- مون کي پڪ آهي ۽ سائين جي ايم سيد به ڪراچيءَ ۾ نشتر پارڪ وٽ سندس بنگلي حيدر منزل تي 1974ع ڌاري مون سان ڪچهريءَ ۾ مڃيو هيو ته ننڍڙي ۾ ننڍڙي پُلَ چُڪَ ڪان وٺي ويندي وڏي ۾ وڏي ڏوهه جي معافي ملڻي ناهي. جوڳي سيڪت اڻتر هجي ٿي.
- پاڻ کي الله سمجهندڙ توهان جي ڪا ننڍي وڏي پل چڪ معاف نه ڪندا. وات سان پلي نه چون پر اندر ۾ سانڍيل پنهنجو وير ضرور پاڙيندا. توڻي جو ساڻن توهان جي ٻانهن ٻڌڻ جي وات چاليهه ورهيه يا سڄي ڄمار چو نه هجي.
- معافيءَ جو وجود ناهي جي تو کي پڪ آهي ته معافي ملي ٿي ته پوءِ جَوَ پوکِ ۽ پوءِ پنهنجي پل جي معافي گهري ڪٽڪ لڻجانءِ.
- ڪرند پسند وارو خيال اڻپورو آهي. جيڪو نٿو ڪري اهو به پري ٿو.

- اتهاس ۾ امڙ سنڌ جي سيڪاريل وينتي منٿ سورهن آنا سچ لڳي ٿي تہ "حقئون بي رکجان ناحقون بي رکجان" ۽ منهنجا هٿ اهو ئي اچاريندي اُڀ ڏي کڄندا آهن.
- لالچ ڪڏهن ڪڏهن نہ پر گهڻو ڪري رچ تي پوندي آهي، جنهن ۾ ماڻهوءَ جي مانَ جو مٽيو وڃائجي ويندو آهي.
- شاعري، سگهڙائپ، حياتيءَ ۾ ڪڏهن ڪئي نہ اٿم. هاڻي ستر ورهين جي ڄمار ۾ 1/1/2007ع کان 31/12/2007ع تائين رڳو اهو هڪڙو ورهيہ اندر جي اوتارن ۽ من جي مونجهارن هي ڪتاب اوهان آڏو آندو. تنهن ڪري منهنجي عيبن هاڻي ڪچي پڪي سگهڙائپ توهان کي سياري جو درياهہ لڳندي.
- منهنجا ناهيل بول ٻڌندي ٻڌندي نيٺ هڪڙي ڏينهن درگاهہ حاڪم شاهہ جا پٽَ، شهدادڪوٽ واري سائين نير عباس شاهہ چيو تہ ڪاڪا ڪراڙا! هاڻي هيءَ تنهنجي وهي آ جو شاعري ٿو ڪرين. توکي نہ علم عروض جي خبر نہ ئي وري سُرَ تال جو ڏيو. اسان کي بسڪوٽ کارائي چانهيون پياري اجايو وينو ٿو پنهنجي شاعري ٻڌائين. وارهہ-نصير آباد روڊ تي، ڳوٺ سوالي واهوچي جي محمد بخش ۽ صدر الدين واهوچن ۽ شهدادڪوٽ جي وينل پنهنجي وقت جي جيئي سنڌ جي شاگرد اڳواڻ اشرف علي کهاوڙ پٽ مرحوم خانصاحب امداد حسين خان، سچو جهڙو سون، اچو جهڙو کير، جيڪي من ۾ سو چپ تي، اندرئون رُڪُ باهرئون گل، جنهن جي ياڳ جي پُڙَ ۾ سور مڙيوئي سجيهہ لکيل هيا، منهنجي محنت تي وري بہ مون کي شابس ڏني ٿي.
- انهيءَ پنهنجي حال تي ارمان ڪائيندي هڪڙيءَ اڌ رات ويچار ۾ وينو هجان تہ لطيف سرڪار منهنجي اڳڻ تي آيو ۽ اچي چيائين.

توڙي تون وڏي تيئن توءِ اُتي آتڻ آءِ
تي پيڙي پيرَمَ وارئين ہي هڏ ڪر مَ ڪاءِ
تہ صرافُ تو صباح ڪوني ڪاتارِن سين

مون نمي لطيف سائينءَ جا پير چميا ۽ هاڻي خوش آهيان تہ اتهاس جي دربار ۾ هن ڪتاب جي ڪري ڪاتارِن سين گڏ سڏبس ۽ ڪتيندڙ ليکبس.

- ← پلي ڪيڏو بہ قرب ملي پر تڏهن بہ وس ڪئي پاڻ ڏاڍِن وٽ درباري نہ تجي. دربار ۾ ادب جا دڙڪا ماڻهوءَ کي هلڪو ڪنگهڻ بہ ناهن ڏيندا.
- ← سنگت رڳو هڪ جيڏن ۾ هڪجهڙن سان ٺهندي آهي . پاڻ ڏاڍِن سان رڳو ۾ رڳو ٻانهن ٻڌڻ جي وات هلندي آهي. اها ڳالهہ نہ سمجهبي تہ وڏا ڏک ڪائبا ۾ ڏک پرائبا.
- ← چالاڪيءَ ڪئون چڱو آ تہ شل ڳويُ ڪري هلائي . ڳويَ وٽ جا سونهن هجي تي سا چالاڪ جي نصيب ۾ ناهي .
- ← "پلئہ پايو سچ آچيندي لڄ مران" جهڙي سنئين سڌي ۽ پلي ہي ڪا وات ئي ڪانهي.
- ← سڪرات ڏي وڃڻ کان اڳ وارا ڪجهہ پَلَ ماڻهوءَ کي پنهنجي ڪئيءَ جو وچور ٻڌائيندا آهن.
- ← پهرين ملهہ پلي جان ڪوڙ جي هجي پر پوئين سدائين سچ جي هوندي آهي.
- ← پلي بک پرم جي شال مَ وجي شان واري چوٽي انهن ماڻهن کي ڏاڍو مزو ڏيندي آهي، جن ڪڏهن بہ بک نہ ڏني آ. سچ اهو آ تہ "ڏوَ بنا ڍوليا ڪانهي ساڃهہ سونهن جي" "ڄڀ پٽ نہ بک پيڙو لُول داناءَ ديوانا ڪري"
- ← هڪ پيري انڌ جي پنڌ ۾ هڪ مُنڌَ نصيحت ڪئي هئي تہ "ڇڏو فصل

ڏُنيا سنگ" پر پوءِ بہ جي ڪاٽي اکيون اتڪن ٿيون ۽ چوھہ کي ڇڪ ٿئي ٿي تہ نصيحتون ڪم نٿيون اچن.

- تمام سگھوئي ڌرتيءَ تي ھن ٽاٽي جي وڏي ۾ وڏي بدي ۽ آفت آمريڪا پنھنجن پاليل بگھڙن سميت برباد ٿي ويندي ۽ منھنجي ڌرتي پڻ پنھنجي شان مان سان ڏکيا ڏينھن پورا ڪري چڙھي پوندي.
- اتھاس (تاريخ) جا پنھنجا واٽون پنڌ ٿين ٿا. سن 1620عيسويءَ ۾ بيڙو May_Flower انگريزن کي کٽي آمريڪا نہ وجي ھا تہ جيڪر ھي گذريل سٺ سال اسان ھيئن نہ لوڙيون ھا.
- اسلام جي نانءَ تي سنڌ سان تاريخ جو تمام وڏو دوکو ۽ ڏاڍ ٿيو پر اھو پانھپ جو واچوڙو ھاڻي ويڃڻ وارو آھي. ڌرتيءَ جاوا وات ڳاڙھا ڪيڙيءَ مئون نڪري ڪمپيوٽر انٽرنيٽ ٿائين بيءَ دنيا سان گڏوگڏ ھلي رھيا آھن. ھاڻي اھو وقت ڪونھي جو انگريزن وٽ تہ بندوق ۽ توف ھجي پر ريڊ انڊين وٽ رڳو سِينگ گز.
- آمريڪا توڙي   توڙي ڪو بہ بيو ايرنڊڙ سامراجي ملڪ سنڌ ۾ سنڌين جو ۽ بلوچستان ۾ بروچن جو سڄڻ نہ ٿيندو.
- سنڌ سچو سال 2007 عيسوي گھٽي ۾ گھٽو نڌٽڪا گھوڙا غيباٽا ھسوار رھي آھي.
- سنڌ جي اتھاس ۾ ھڪ پاسي مخدوم بلاول، لطيف سرڪار شاھہ عنايت شھيد لانگاھہ ۽ سائين جي ايم سيد ڏسجن ٿا تہ ٻئي پاسي قاضي قادن ۽ پير علي محمد شاھہ راشدي ڏسجن ٿا. تاريخ ٻنھي ڌرين جي سنڌن ڪٺيءَ کي وساريو ناھي.
- سنڌ جي اتھاس ۾ ڳوٺ ڳڙھي خدا بخش ضلعي لاڙڪاڻي جي شھيدن بابت اجا گھٽو ڪجھہ لکت ۾ اچڻو آھي. اتھاس ۾ سنڌن بيھڪ نرالي آھي.

- پاڳ جا در بند جڏهن ٿيندا آهن، تڏهن مَتِ ڪسبي آهي . جڏهن ڪنهن جي مت ڪسجي تہ سمجهڻ کپي تہ پڪ ئي پڪ رب رنو اٿس.
- رسمون رواج هزارين سالن کان قومن کي مٿيءَ ماءُ جا ڏنل قاعدا قانون آهن جيڪي سماج ۾ مڪمل مڃتا ماڻين ٿا. رسمن رواجن جي اورانگهہ ڪنهن بہ حالت ۾ چڱي ڳالهہ ناهي. رسمن رواجن کي پٺي ڏيڻ وڏو ڏوهہ وڏو اوگڻ آهي، جيڪو ٻڏيءَ جي ڏور کي ڇني ٿو.
- ماڻهوءَ جي سرير ۾ اک وڏي ڏوهارڻ آهي . ڪڏهن مٽئي تي تہ وري ڪڏهن مِٽيءَ جي مورت تي موهجي پئي تي ۽ پوءِ ڪڏهن ڏاگهہ تي چاڙهي ۽ ڪڏهن روهن ۾ ٿي رلائي.
- وهم گمان اوندهہ جو ٻيو نالو آهي. ماڻهوءَ وس ڪيا آهن تہ انهيءَ اوندهہ مان نڪري پڪ جي پِڙَ ۾ پير پائي پر مومل تائين پهچڻ کان پوءِ بہ راڻو گمان جي وَرِ چڙهي ٿو وڃي.
- ويهہ ئي واٽون انسان کي اجا تائين اوندهہ مان ڪڍي ناهن سگهيون. ڳيرو تپرس جي پيچري تي هلندي هلندي نہ ڳولهي سگهڻ جي ارمان ۾ نيٺ نانهن ۾ هليو ٿو وڃي پر اها ڳالهہ بہ دل سان لڳي ٿي تہ ڪيل پندّ جو سجو وِڇُورُ پُٽ جي اڳيان رکي پيءُ موڪلائي ٿو.
- پنهنجيءَ سڃاڻپ تئون هٿ ڪڻ نہ کپي.
- جيڪي ڪجهہ ڏاڙئي وٽ آهي اهو اسان لاءِ نہ نهندڙ نہ نهڪندڙ ۽ ڪوجهائي سمجهڻ گهرجي.
- سندّ کئون ٻاهر جا رسمون رواج ڪنهن بہ طرح سندّ واسين لاءِ ماناٽتا ناهن.
- مذهب ۽ اسلام جي نانوَ تي اسان جون رسمون رواج اسان جا نالا غير اسلامي چئي اسان کئون کسڻ جي هڻ هٽان ٿيندي اچي ٿي . سانگين کي سُڄيتُ رهڻ کپي .

i. ارغونن، مغلن، نادرشاه توڙي مدد خان، سنڌ سان ايڏو ويل نہ وهايو آهي جيڏو مذهبن ۽ نظرين.

ii. ڪوڙي مسلماني ڀائپيءَ وارو خيال اسانجي غلاميءَ جي وقت کي وڌائي رهيو آهي، ۽ اهڙيءَ طرح ئي ڪميونزم جو چار.

iii. سنڌي ۽ رڳو سنڌي ٿيڻ لاءِ ڪوڙي مسلمانيءَ مان جند نہ ڇڏائبي تہ پوءِ اسانجي ڳچيءَ ۾ پيل

- مسلمان ڀائر
- مسلمان ڀائر
- مسلمان ڀائر

اسان سان اجا ڪهڙا ڪهڙا ڪلوُر ڪندا؟ تون پاڻ سمجهي سگهين ٿو ڀائو! جيترو سوير اک پٽيندين اوترو چڱو.

iv. مذهب يا نظريو رڳو ۽ رڳو سنڌيت هجڻ گهرجي.

v. مذهب ۽ نظريا ۽ وري انهن ۾ فرقا، قومي ٻڌي ۽ سنڌ جي سجاڳيءَ ۽ ساڃاهہ جا ويري ٿين ٿا، ۽ انهن خيالن جو شڪار ٿيندڙ ماڻهو ٻانهپ/غلاميءَ کي آجپو سمجهن ٿا ۽ پوءِ سنڌي قوم جو آجپو سوين سال گهرندو.

vi. انهيءَ ڪان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو دوکو ٿي سگهي ٿو جو ماڻهو ٻانهپ/غلاميءَ کي آجپو سمجهي.

vii. سنڌ کي ئي بهشت/سرڳ سمجهڻ گهرجي ۽ جيڪو بہ ماڻهو سنڌي ناهي، سنڌيت جو ويري آهي تنهن کي هن بهشت مان ڪيڻ گهرجي.

viii. ايڪڙ بيڪڙ کي ڇڏي، ڪو بہ وڏيرو پير ۽ مُلان سنڌي ناهي، ڌاريو آ.

ix. جيڪڏهن تون آچپي جي گهربل واٽ نہ وٺندين تہ پوءِ اج جا ڏاهرا، تون اج جي موڪن جي مدد سان محمد بن قاسم جي لشڪر هٿان وري وري ڪسندو رهندين پوءِ نہ پاڻي تنهنجو نہ اَن تنهنجو نہ ٻنيون تنهنجيون، نہ ٻيلا تنهنجا، نہ تيل تنهنجو نہ گيس تنهنجي، نہ گاه تنهنجو نہ ڪوئلو تنهنجو ۽ نہ ئي ڪرڙ ڪانڊيرا تنهنجا.

x. ڪنهن بہ مذهب يا نظرئي ۾ سگهہ ڪانهي جو قومن جا سياوَ مٽائي. سنڌي سنڌي آ، ڏاريو ڏاريو آ. جي مسلمانيءَ ۾ ڪا سگهہ هجي ها تہ ڳوٺ ڏامراهہ ضلعي لاڙڪاڻي جي بئريسٽر جان محمد جوڻيجي (وفات 22.2.1922) جي قبر اجمير ۾ نہ هجي ها.

xi. واري توڙي جبل چيڪيءَ جهڙا نہ ٿا ٿي سگهن.

xii. اتهاس ۾ سدائين جبل ۽ واريءَ ڪئون چيڪيءَ ڏي گهوڙا ۽ ترارون ڊوڙندا نظر اچن ٿا

← سنڌ جي هن وڏي ۾ وڏي شهر ۾ رهندڙ سنڌي پنهنجا پير جهلين، ٻوليءَ جي ساڃهہ ۽ سڃاڻپ جي سيني اهڃاڻن جو بچاءُ ڪن. ڪين سمجهڻ گهرجي ۽ ڪين ٻڪ هجڻ گهرجي تہ ڏارياڻپ جو طوفان هاڻي لاٿ ڏي آهي. اڄ آهي سياڻي ڪونہ هوندو. انهيءَ پاڻيءَ پُنا ڏينهڙا .

← اسان گهڻي ياڳي اهي لڪ لنگهي آيا آهيون ، جڏهن اسان ڪي بندوق وارن جي ٽيڪ تي جاهل ڪاهل ڪوٺيو ويندو هيو ۽ اسان تي چٽرون ٽيڪنديون هيون.

← اهو ٽاٽو بہ هاڻي ڪونهي جو جنرل چوندا هيا تہ اسان ڪي هيءَ ڌرتي کپي هتئون جا ماڻهو نہ کپن .

← هيءَ مٽي ماءُ اڪ بہ ڄڻي ٿي تہ انب پڻ. لطيف سرڪار جي هيئين

ڳالهہ سورهن آنا سچ آهي تہ

پرين سندي پار جي مڙئي مٺائي

ڪانهي ڪڙائي چکين جي چيٽ ڪري .

- ساڳئي پيٽ مئون ڄڻائي منداڻي ٻئي جنم وٺن ٿيون. ٽيهہ ٻار ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي ساڳين بينچن تي ويهي ساڳين ڪتابن منجهان ڄڻائي سنائيءَ جا سبق پڙهن ٿا، پر پوءِ وڏا ٿي ڌار ڌار نيڪي بديءَ جي واٽن تي هلي پون ٿا. مولويءَ جا واعظ وڏن جون نصيحتون ماٺهوءَ جي سياوَ کي مَٽائي نٿا سگهن. چور کي چوري ڪرڻ جي چِڪَ ضرور ٿيندي، بهشت جي لالچ دوزخ جو دڙڪو ڪم نٿا اچن. اُٽندو اها ئي جا ڪوريءَ جي من ۾ هوندي

- ماءُ جي گرڀ ۾ انگن/ لِڱن سان گڏ شياءُ بہ سِرجي ٿو. اهو سُياءُ ئي پاڻ سان گڏ جيون جي ياڳ نياڳ جا پل پهر لکائي آڻي ٿو. ڪئيءَ اڻ — ڪئيءَ جون سزائون بہ اُتي ئي، اتان ئي لکجي اچن ٿيون.

- هڪڙي چوٽي آهي تہ عقل ريءَ عذاب گهڻا پسندي جندڙي. لطيف سرڪار چوي ٿو تہ مون سان مون پرين پورائيءَ ۾ پال ڪيا. انهيءَ ٻنهي ڳالهين مان ڪهڙي ڳالهہ سچي آهي...؟ مون اهو سمجهيو آهي تہ پورائي گهڻو ڪري بچائي ٿي ۽ عقل گهڻو ڪري وڏا عذاب تو ڏِئي/ڏِسي.

- گهڻو تڻو جيون جي ساهميءَ ۾ ڏکن جو پُڙ سکن جي پُڙَ جي پيٽ ۾ وڏيڪ ڳورو هوندو آهي.

- I ـ گهٽي پاڳي، سزا ۽ سيکت، ڪيل پُلَ چُڪَ ، ڏوهہ گناهہ سان ٻڌل ناهي . سسئي برهمڻ جي گهر ڄائي . پاڻيءَ تي تري اچي ڪنهيءَ وٽ وڏي ٿي . چيڪيءَ جي ڳوهيل سسئي ڏيرن، ڏاگهن ۽ ڏونگر

جي ڏاڍ جي ور چڙهي وئي . ڪهڙو سندس ڏوهہ هئو.....؟ لطيف سائينءَ بادشاهہ جو ڏاڍ تہ ڏسو تہ وري بہ متائنس ميار مڙهيندي چويس ٿو تہ توسگ سجاڻي نہ ڪيو.

واري ورائي توپنهنجا نہ ڪيا

پوريا رنجائي هوند نہ پيئين هيتري

اهو مجيندي بي تہ لکيو منجهہ نراڙ قلم ڪياڙيءَ نہ وهي، امر مونسين ايئن ڪيو ۽ اهو پڻ تہ قضا قلم وهائيو.

II ـ ماڻهو بنهہ بيوس آهي. سدائين لکئي جي پاڻ وٽندين (يفعل مايشاءُ) جي ور چڙهي ٿو وڃي.

- سڀ ڪجهہ سمجهندي، پرجهندي، پروڙيندي بہ ماڻهو آوَجهڙ ڏي ڇو ٿو وڃي؟ اهو آ سندس سُياءُ جنهن ۾ ڀاڳ نياڳ جو لکيو لڪل آ ۽ جنهن ۾ سندس لاءِ سزا ۽ سيکت لکيل آهي .
- اهو هڪ سوال آهي تہ ڇا اهڙي ڪنهن مخلوق سان اسان جي ڀِٽي رجهندي جنهن وٽ ڏرتي ۽ ڏرتي سان ڳنڍيل هر وٿ لاءِ ڌڪار آهي.

i. باهہ متيءَ ۾ ڪڏهن پاڙون هٽي سگهي آ......؟

ii. ماڪڙ جي آنڌ مانڌ ڪڏهن ڪيس هڪ وڻ تي ويهڻ ڏنو آ....؟

iii. بگهڙ هيترا سارا جيوَ ماري کائي ٿو پر پوءِ بہ ڪڏهن سک سان هڪ هنڌ سمهي سگهيو آ....؟

iv. چوڏهين آگسٽ 1947عيسويءَ کان وٺي ويندي اڄ تائين سنڌ اورنگزيب ۽ حسن بن صباح جي ٽولن جي ور چڙهيل آهي. پر انهن جو سج هاڻي منجهند ٽپي چڪو آهي.

v. جيڪي چون ٿا تہ تون رڳو انب کائڻ ۾ رڌل رهہ، تنهنجو وڻ سان ڇا

وڃي. توهان ڪاٿو ڪيو تہ اُهي ماڻهو ڏرتيءَ ڪئون ڪيترو پري ۽ ڪيترو ويجهو / ڇڳل آهن.

- مسلمانيءَ جي اها رَسِي جيڪا دوکي، فريب، ڏاڍ، مڪر ۽ ڪوڙ جي نوڙين سان اُڻيل آهي ان کي وڍڻ کان سواءِ سنڌ آجي ٿيندي؟
- اڻ ڏٺل، اڻ ٻڌل، اڻ سوچيل ۽ اڻ ڪٿيل ڏک بہ ماڻهوءَ کي ڪاٺئون جو ڪاٺي پهچائي ڇڏين ٿا انهيءَ کي لکيو ڇڏجي ٿو.
- مان شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ، علامہ آءِ آءِ (امداد علي امام علي)، قاضي سنڌ جي ابي حيدر بخش جتوئي، سائين جي ايم سيد (سائين غلام مرتضيٰ شاهہ سنائي)، شهيد ذوالفقار علي خان ڀٽي، راڻي شهيد بي نظير ڀٽو، علاما عمر بن محمد دائود پوٽي، سائين سوڀي گيانچنداڻي، سائين محمد ابراهيم جوئي، شيخ اياز ، پير علي محمد شاهہ راشدي، پير حسام دين شاهہ راشدي، رسول بخش پليجي، شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ کي ويهين ايڪويهين عيسوي صديءَ جا ڏاهپ جا پنڊار سمجهان ٿو.
- مان سرويچ سجاولي، ابراهيم منشي، حليم باغي، استاد بخاري، شمشير حيدري، تاجل بيوس، عبدالڪريم گدائي، محمد خان مجيدي، مانائتي ڀيڻ مريم مجيديءَ کي پنهنجي وقت جا بيجل چوان ٿو جن لطيف سرڪار جي سڏ جي پڙلاوَ جي پکيڙ ۾ هلندي سنڌ لاءِ سر گهريا.
- مان بدين جي مولوي حاجي احمد ملاح جي پيرن جي پٽي آهيان جنهن قرآن شريف جو سنڌي شاعريءَ ۾ ترجمو ڪيو. جيڪو اڳي ڪنهن بہ ٻوليءَ نہ ڪيو ۽ وڏي ڳالهہ اها تہ جتي جتي بسم الله الرحمان الرحيم جي معنيٰ ڪئي اٿائين تہ اها معنيٰ ڌار ڌار بيتن ۾ ڏني اٿائين. بسم الله جي معنيٰ ساڳين لفظن ۾ڪٿي نہ هليو آهي.

- مان شيخ عبدالمجيد سنڌي، مولوي خير محمد نظاماڻي، عبدالغفور سيتائي، سائين سوڀي گيانچنداڻي، سائين سردار علي شاهه، سراج ميمڻ، سردار محمد قريشي ۽ فقير محمد لاشاريءَ کي سنڌ جي اخباري دنيا جا سچيت سجاڳ ۽ ويڙهاڪ ايڊيٽر سمجهان ٿو.
- ويهين ايڪويهين عيسوي صديءَ جي هند سنڌ جي اديبن شاعرن سگهڙن محمد ملوڪ عباسي، امر جليل، طارق اشرف، آغا سليم سوڏو سنڌن پيرن تي منهنجا هٿ.
- مهاراجا ڏاهر، دودي، دولهه درياهه خان ۽ سندس پٽن کان وٺي اڄ تائين سنڌ جي سيني شهيدن جا پير چمان ٿو.
- نظير عباسي ۽ جام ساقيءَ جهڙن جاکوڙن لاءِ لک عزتون.
- مان اتر لاڙ وچولي ڪاڇي ڪوهستان جي سگهڙن کي هن مٽيءَ ماءُ جي ٻوليءَ جا سام جهليندڙ مڃيان ٿو.
- پڪ اٿم ته خيرپور ناٿن شاهه ۽ ٻين ايم آر ڊي تحريڪ جي شهيدن ۽ ٽوڙي ڦاٽڪ جي شهيدن سوڏو جنهن جنهن شهيد سهڻي سڀاجهي، سدوري سنڌ ماءُ تئون پنهنجو مٿو گهوريو آ تنهنجو دان وئرٿ نه ويندو. سنڌ نيٺ هڪ ڏينهن سنسار ۾ سگهارو ملڪ ٿي ايرندي، پٽائي گهوٽ انهن شهيدن لاءِ چئي ڇڏيو آهي ته

  ڪيچي ڪاڇوٽي نانگن ٻڌي نينهن جي
  جهڙا آيا جڳ ۾ تهڙا ويا موٽي
  تنين جي چوٽي پورب تيندي پڌري

- پنهنجو جنب ڪائي چڙهيل ماڻهو جڏهن پاڻ مارڻ، آتم هتيا، آپگهات ڪن ٿا ته انهيءَ ٽائي سندن من ۾ ڪا به آنڌ مانڌ چولي اوٿارو اڌمو ڪونه هوندو آهي. ڏاڍيءَ فرحت سان فيصلو ڪندا آهن ته هاڻي وڌيڪ

جيئڻ اجايو آهي. سوامي رام تيرٿ گنگا ۾ ٽپو ڏئي پنهنجو انت آندو. ترڪيءَ جي ناظم حڪمت ۾ اولڊ مئن ائنڊ دي سي Old man and the sea جي ليکڪ هيمنگ وي پاڻ کي گوليون هڻي ماريو. علاما آءِ آءِ قاضي درياهه ۾ ٽپو ڏنو. ميران ٻائي ۽ لطيف سرڪار وهنجي سهنجي ڏوتل لتا پهري سهي سنبري وچي ڪونيءَ ۾ پنهنجي آسڻ تي وينا ۽ پنهنجو پاڻ کي حڪم ڏنائون ته وڌيڪ ساهه هاڻي ناهن کڻڻا. جيئڻ ڪارڻ جيڏيون وڏا وس ڪيام چوندڙن جي جيون ۾ اهو ٽاٽو به اڳي پوءِ اچي ٿو جو چون ته اجا ٽي جيئين....؟! پر هيءَ ڳالهه مڃڻي پوندي ته مٿي ڏيکاريل ماڻهن جي جيون جو پل پل سڪارتو هيو.

🡸 منهنجي جاڻ انوسار پنج ماڻهو جواني توڙي ڪراڙپ ۾ هڪ جيتري سگهه سان وڙهيا آهن ۽ ويڙهه ۾ ٽڪا ٻنهه ناهن. (i) سقراط (ii) علي سائين (iii) دولهه درياهه خان (iv) لطيف سائين ۽ (v) سائين جي ايم. سيد. لطيف سائينءَ جي پڇاڙڪن سرن منجهان سر ڪيڏاري ۾ لطيف سرڪار جي ويڙهه جي سگهه ته ڏسو جو ٽيهٺ ورهين جي ڄمار ۾ چوي ٿو ته

سورهيه مرين سوپ کي ته دل جا وهم وسار،
هڻ ٻالا وڙهه ٻاڪرئين، آڏي ڍال م ڍار،
مٿان تيغ ترار، مار ته متارو ٿئين.

🡸 I – لڳ ڀڳ ٽي هزار ورهيه اڳ مهاڀارت جي نالي سان سانده سترهن ڏينهن وڙهي ويندڙ ويڙهه جنهن کي اسان پانڊون ڪورون (پاڻ ۾ سڳا سوٽ) جي ويڙهه ڪري پڙهيو هيو سا مهاڀارت جي نالي سان مشهور آهي، جنهن ۾ هند سنڌ جي لڳ ڀڳ سيني راجائن پنهنجون سينائون (سينا = لشڪر) پڙ تي آنديون. اها ويڙهه ڪروڪيتر جي پِڙ تي وڙهي وئي هئي. هستناپور (دهلي) کان اتر_ اتر_اوير جي ڪنڊ تي اٽڪل

ٻارهن ـ ڪوهيءَ ۾ اهو پٽ پکڙيل هيو. پوءِ انهيءَ پَٽَ پاٽيپٽ جي ميدان سڏجڻ سان مشهوري ماڻي.

II ـ انهيءَ ويڙهِه جي پهرين ڏينهن ويڙهه جي مک ويڙهاڪ ارجن (پانڊون جو ٽيون نمبر ڀاءُ) جڏهن پِڙَ تي پنهنجي سامهون پنهنجو ڏاڏو ڀيشم، پتا سمان گرو دروڻا چاريو ۽ پنهنجا سوٽ ڏٺا تہ رَتَ ۾ ڏُرڪي پيو ۽ ڪانئس ڳوڙها وهڻ لڳا. پنهنجي رتوان (رٿ هلائيندڙ) ۽ روحاني اڳواڻ ڪرشن مهاراج (گيتا سرجيندڙ) کي چيائين تہ سائين! مان هستناپور جي سنگهاسن (تخت) ڪارڻ انهن سڀني سان وڙهي سندن رت وهايان..؟! اها ويڙهہ منهنجي وس ۾ ناهي.

III ـ سندس رتوان ۽ مهاگرو ڪرشن مهاراج موٽ ڏيندي چيس تہ اي ارجن! اک پٽڻ (جمڻ) کان اڳ تون ڪنهن جو پٽ ناهين ۽ اک ٻوٽڻ (مرڻ) کان پوءِ تون ڪنهن جو ٻيءَ ناهين. هي سڀ مٽيون مائٽيون ۽ سماجي ڳانڍاپا هن جيئري جهان جو مانڊاڻ سمجهہ ٻي ڳالهہ تہ تون اهو نہ ڏس تہ تون ڪنهن سان وڙهي رهيو آهين. تون رڳو اهو ڏس تہ تون ڪهڙي ڳالهہ جي لاءِ وڙهين ٿو. تون سمجهي ڇڏ تہ تون رڳو ۽ رڳو سچ لاءِ ڌرم لاءِ ٿو وڙهين. (ڌرم معنيٰ سچ گيتا انوسار) مان بہ توسان انهيءَ ڪري گڏ آهيان ۽ تنهنجو پاسو انهيءَ ڪري ڪنيو اٿم جو تون سچ تي آهين. ٻين لفظن ۾ (گيتا انوسار) ماڻهو جيڪي پل جيئرو آهي ڪيس سچ لاءِ وڙهڻ گهرجي.

➔ سر ڪيڏارو علاما آءِ آءِ قاضيءَ جي ترتيب ڏنل شاهہ جو رسالو کان سواءِ ٻين سڀني رسالن ۾ آيل آهي. سر ڪيڏاري ۾ لطيف سرڪار جا لڳ ڀڳ پنجهتر بيت چيل آهن. هڪ هڪ بيت املهہ ماڻڪ آهي. ڇا خيال ڇا ڏانءُ ڇا ٻولي ڇا سٽاءُ ڇا لفظن جي موتين جي جڙت! هي هڪڙو بيت تہ ڏسو!

گهوڙن ۽ گهوڙن جيئڻ تورا ڏينهڙا،
ڪڏهن منجهه ڪوڙن ڪڏهن واهي رڻ جا.

- اسان جا ٻئي ويهين صديءَ عيسويءَ جا عالم سڳورا علامہ آءِ قاضي صاحب توڙي علاما عمر بن محمد دائودپوٽو صاحب ٻئي دادو ضلعي جي ڳوٺن جا ويٺل، اسلام جي تاريخ ۽ سنڌ جي تاريخ جا تمام وڏا ڄاڻو هيا. ڇئي نٿو سگهجي تہ لطيف سرڪار سائينءَ جو سر ڪيڏارو ڪين ڇو نہ وٽيو. مذهبي ڳانڊاپن ڪي ڇڏي ۽ تاريخ جي سچ ڪوڙ کي ڇڏي بہ لطيف سائينءَ جو ڪيڏاري ۾ آيل هڪ هڪ بيت ڪين اکين تي رکڻ کپندو هيو. ڪيڏاري جي پهرين بيت جي ٻي سٽ "ڄاڻي هڪ الله پاڻ وٽنديون جو ڪري" جي لفظ "پاڻ وٽنديون جو ڪري" قرآن شرّيف ۾ آيل "يفعل ما يشاءُ" جي ڏاڍي سهڻي ۽ ٺهڪندڙ معنيٰ آهي.
- شهر موري جو سنڌي پرائمري مين اسڪول، سائين محمد چَتل سرهيو هيڊ ماستر ، موري تعلقي جا بہ امتحان وٺندڙ صاحب بيٺ۔عملدار سائين جعفر شاهہ ۽ سائين عبدالخالق ٻرڙو. ضلعي نواب شاهہ جو ڊپٽي ايڊيوڪيشن انسپيڪٽر محترم سائين رحيم بخش ميمڻ. سائينءَ منهنجي ڪي ڇوان سن 1952عيسويءَ جي موڪلائيندڙ ڊسمبر جو پڇاڙڪو آچر ۽ اسڪول جي پٽين اندر اسڪول جي ڏکڻ ۾ ٺهيل وڏو مستطيل هال جنهن ۾ وڏن جي ويهڻ لاءِ ٺلهو.

تعلقي موري جي سيني پرائمري ماسترن کي حڪم ٿيو هيو تہ ڊسمبر جي پڇاڙڪي آچر تاريخ فلاڻيءَ تي صبح جو موري پهچن. سرڪاري گڏجاڻيءَ ۾ حاضر ٿين. اعلان ٿيل آچر تي تعلقي جا سڀ ماستر آيا ۽ اچي انهيءَ مٿي ٻڌايل هال ۾ پيل ڪرسين ۽ بينچن تي ويٺا. هال جي ٿلهي تي مٿي ٻڌايل صاحب پڻ اچي ويٺا.

ٺلهي تي ويٺل مُڪَ ماٺوءَ سرڪاري ڪچهريءَ جي مور رحيم بخش ميمڻ صاحب اٿي ميڙ ۾ ويٺلن کي ٻڌايو تہ بابا ماستر صاحبو! اڄ اسان هتي هن گڏجاڻيءَ ۾ انهيءَ ڪري آيا آهيون تہ توهان کي ٻڌايون تہ سنڌ جي تعليم کاتي جي ڊائريڪٽر صاحب (علاما دائودپوٽي) جو خيال آهي تہ شاهہ جي رسالي ۾ آيل سر ڪيڏارو لطيف سائينءَ جو چيل ناهي. مثال لاءِ ڪيڏاري ۾ آيل هيٺيون بيت توهان کي ٻڌائجي ٿو.

حسن مير حسين کي رنو ٽن ٽولن

گهر ماٺيئين جهنگ مِروُنئين اين ۾ ملڪن

پکن پاڻ پڇاڙٿو تہ لڌيو هوت وڃن.

الا شهزادن سويون ڏئين سچا ڏٺي.

هاڻي ڏسو تہ بيت جي پهرين سِٽَ ۾ چيو ويو آهي تہ حسن مير حسين کي ٽن ٽولن رنو.

ٻيءَ سٽ ۾ اهي ٽي ٽولا ڳڻايا ويا آهن.

(i) گهرن ۾ ماٺهو (ii) جهنگ ۾ مرون ۽ (iii) اين ۾ ملائڪ. پوءِ وري ٽين سِٽَ ۾ پکين جي ڳالهہ بہ اچي ٿي جيڪو چوٿون ٽولو ٿين ٿا.

هاڻي جيئن تہ بيت جي ٽينءَ سٽ ۾ آيل اهو چوٿون ٽولو (پکي) بيت جي پهرين سٽ سان نٿو ٺهڪي ۽ جيئن تہ لطيف سائينءَ جهڙو مهان ڪوي اهڙي وڏي ڀُلَ ڪري ئي نٿو سگهي. تنهن ڪري چئبو تہ اهو بيت لطيف سرڪار جو چيل ناهي ۽ ان هڪڙي بيت جي هنري ڪچائيءَ آڌار ثابت ٿئي ٿو تہ سر ڪيڏارو پڻ تائي گهوٽ جو ناهيل ناهي.

ڪامورو اها ڳالهہ ڪري ڪرسيءَ تي ويهي رهيو. سڄي هال ۾ اهڙي ماٺ واسو ڪري وئي جو سڀئي اچلاءِ تہ ان جي ڪرڻ جو ڪڙڪو بہ ڪن ٻڌن. جيڪو جاتي سو تاتي، سيڪو بت ٻڌجي ويو ڪنهن ڪجهہ نہ ڪڇيو.

ايئين ڪندي سائين جعفر شاهہ اتي ماسترن ڏي منهن ڪري چيو تہ بابا..! مان اهو بيت توهان جي آڏو وري ٿو پڙهان، ڌيان سان ٻڌو. هاڻي سڄي هال جا ڪن کڙا ٿي ويا. هال ۾ حاضر سيئي ڪن ۽ اکيون سائين جعفر شاهہ ۾ کُپي ويون

حسن مير حسين کي (زور ڏئي) رنو ٽن ٽولن،

(ٽن آڳرين تي ڳڻيندي) گهر ماڻهئين جهنگِ مروئين اين ۾ ملڪن.

پهرينءَ سٽ ۾ روئندڙ ٽن ٽولن جا نالا ٻيءَ سٽ ۾ اچي ويا.

ٽينءَ سٽ ۾ آهي تہ

پکين پاڻ 'پڇاڙيو' تہ لڏيو هوت وڃن.

ماستر صاحبنو... ڪڪڙ کي سير وجهبي آ (ڪهبو آ) تہ ڪڪڙ ڳڙڪندو آ يا روئندو آ...؟!

اتي انهيءَ بيت جي ٽينءَ سٽ ۾ پکين کي پهرين ٽن ٽولن کان ڌار ڪري لطيف سائينءَ انهن کي ڳڙڪندو ڏيکاريو آ ۽ بيت جي ٽين سٽ معنيٰ ۽ مطلب ۾ پهرين ٻن سٽن کان بنهہ ڌار بيٺل آهي. مجبو تہ بيت ۾ ڪنهن بہ قسم جو جهول ناهي. اهو بيت بہ لطيف سائينءَ جو آ تہ سر ڪيڏارو بہ لطيف جو آ. جيڪڏهن سر ڪيڏاري کي شاهہ جي رسالي مان ڪڍڻ لاءِ صاحبن وٽ ٻيو ڪو بيت آهي تہ اهو بيت ٻڌائين تہ انهيءَ جي پرک ڪجي.

پنهنجي ڳالهہ پوري ڪري سائين جعفر شاهہ ڪرسيءَ تي ويهي رهيو. هال ۾ ويٺل ماسترن جي ميڙ کي جو بيت جي چٽي معنيٰ ملي وئي تہ همراهہ ڌس تہ ٻهڪن پيا.

ڪيڏاري جو ٻيو ڪو بيت جيئن تہ دائودپوٽي سرڪار وٽ ٽيڪا ٽپڻيءَ لاءِ هيوئي ڪونہ سو نيٺ اعلان اِهو ٿيو تہ ڳڏجاڻي ختم. دائودپوٽي سرڪار کي سُر ڪيڏاري کي شاهہ جي رسالي مان ڪڍڻ جي الله توهار

موري مان ڪري سچيءَ سنڌ ۾ پکيڙيل هئي، سا موري وارن ايئين لت ڏئي بند ڪري ڇڏي ۽ ڳالهه ڳڙ تي وئي.

➔ پڙهندڙن سان شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ جون ٻه ڳالهيون ٻه هٿ ڪرڻ ٿو گهران. هيءَ ڳالهه ياد رکڻ وٽئون آ ته سائين مرزا صاحب پنهنجي جيون ۾ ڏار ڏار مضمونن تي ننڍا وڏا 457 (چار سو ستونجاهه) ڪتاب لکيا.

مون کي خبر ناهي ته هيٺ ڏنل ٻه ڳالهيون ٻئي ڪنهن هنڌ لکيل آهن الائي نه هڪڙي ڳالهه تعليم کاتي سان لاڳاپيل لاڙڪاڻي جي سائين الله داد خان چغتائيءَ ٻڌائي ته:

سائين مرزا قليچ بيگ پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ سنڌ ۾ ڪيس هلائيندو رهندو هو. هڪ ڀيري لاڙڪاڻي ضلعي جي تعلقي ميرو خان ۾ ڪيس هلائڻ آيو. هڪڙي ڪيس ۾ دانهين (فريادي) هڪڙو (هندُو) واڻيو هو جنهن جي دانهن اها هئي ته سائين! محمد نالي فلاڻي ڳوٺ جو ماڻهو ون کان اوڌر تي سودو وٺي منهنجا پئسا کائي ويو آهي.

صاحب جي ڪورٽ شروع ٿي ته ڌرين کي سڏ ٿيو. ٻئي ڌريون مرزا صاحب جي آڏو اچي بيٺا. واڻيو ڌوتيءَ ۾ ڳوناڻو گوڏ ۾.

واڻئي کئون مرزا صاحب پڇا ڪئي جنهن مسلمان جي اوڌر کائي وڃڻ جي دانهن وٽس ورجائي. مرزا صاحب پوءِ ڳوناڻي ڏي منهن ڪري کانئس پڇيو

نالو ڇا ٿئي؟

محمد: ڳوناڻي پنهنجو نالو نماڻائيءَ سان ٻڌايو.

پٽ ڪنهن جو آهين؟

عبدالله جو.

تنهنجي امڙ جو نالو ڇاهي؟ صاحب پڇيو
آمنت.. ڳوناٺي جواب ڏنو
تو واٺئي جا پئسا ڪاڏا آهن؟
نہ سائين....
هاڻي مرزا صاحب ڳوناٺي جا جواب ورجايا.
نالو........ محمد
پيءُ جو نالو........ عبدالله
ماءُ جو نالو......... آمنت
اڙي واٺيا..! هي ڳوناٺو تنهنجا پئسا ڪائي نٿو سگهي. هي ماڻهو امانت ۾ خيانت ڪري نٿو سگهي. هي ماڻهو ڪڏهن بہ ڪوڙ ڳالهائي نہ ٿو سگهي.
واٺيا...! تون بنهہ ڪوڙو آهين. نڪري وڃ ڪورٽ مان.
واٺيو ڪورٽ مئون نڪري ويو.
مرزا صاحب پوءِ گوڏر کان پڇيو تہ
محمد پٽ..! ٻني ٻارو اٿئي؟
ڳوناٺي جواب ڏنس تہ نہ سائين.
پوءِ مرزا صاحب جي حڪم تي بہ چار سو جريب انهيءَ محمد نالي ڳوناٺي کي ڏنا ويا. اها ڳالهہ آهي اڄ کان لڳ ڀڳ هڪ سو ورهيہ اڳ جي.

➜ مرزا قليچ بيگ صاحب جي ٻي ڳالهہ جيڪا مون کي موري جي مشتاق علي ڪمالاٽي (ادي بهادر) پٽ سائين احمد بخش پٽ بهادرخان ڪمالاٽيءَ ٻڌائي سا هيئينءَ ريت آهي:

موري جي شهر ۾ ٻہ يار رهندا هيا هيءَ ڳالهہ بہ اٽڪل هڪ صدي اڳ جي آهي. سندن نالا هئا حيدرشاهہ ۽ بهادر خان ميمڻ (ڪمالاٽي) ٻئي ڄڻا پوليس ۾ هوندا هئا . تڏهوڪي موري جي اتر اولهہ واري ڪنڊ جي شاهن جي پاڙي ۾

سندن گھر هئا. مرزا قليچ بيگ تڏهن ڪنهن سرڪاري عهدي تي هوندو هئو. گهڻو ڪري مختيارڪار يا ڊپٽي ڪليڪٽر هيو ۽ سڄيءَ سنڌ ۾ منزلون ڪندي ماڻهن جا ڏک سور ٻڌي ڪيس هلائيندو هئو.

هڪڙي ڀيري 1902 ڌاري مرزا صاحب موري ۾ منزل ڪئي. انهيءَ ڏينهن مرزا صاحب جي ڪورٽ ۾ رکيل ڪيسن ۾ هڪڙو جوابدار حيدرشاهه پڻ هيو.

حيدرشاهه پنهنجي يار ۽ پٽي ڀائي بهادر خان سان گڏجي سهي سنبري ڪورٽ ۾ آيو. جڏهن سڏ ٿيو ته جوابدار حيدرشاهه حاضر ٿئي ته حيدرشاهه ڪورٽ ۾ اندر هليو ويو.

ڪورٽ جي ٻاهرئون بيٺل بهادر خان ڏاڍيان وڏي اوچينگار ڏني جا اندر ويٺل مرزا صاحب ٻڌي ورتي. مرزا صاحب حيدرشاهه کان پڇيو ته اهو ٻاهريون ماڻهو جنهن وڏي اوچينگار ڏني آ سو ڇاٽو چوي؟

حيدر شاهه ڏاڍو ارڏو ماڻهو هئو. مرزا صاحب کي بيپرواهيءَ سان جواب ڏنائين ته اهو ٻاهريون ماڻهو چوي ٿو ته اڄ حسين جو ٻچڙو ور چڙهي ويو آ يزيد جي، اڄ الائي ڇا ٿيندو. الله سائين شل خير ڪري.

مرزا صاحب جهٽ پٽ حڪم ڏنو ته انهيءَ اوچينگار ڏيندڙ ٻاهرئين ماڻهوءَ کي اندر آندو وڃي.

سو بهادر خان اندر اچي مرزا صاحب جي آڏو اچي بيٺو. مرزا صاحب پڇيس ته بابا! تو ٻاهر اوچينگار ڏيئي ڇا پئي چيو. بهادر خان نهه پهه جواب ڏنس ته سائين! مون پئي چيو ته اڄ حسين جو ٻچڙو ور چڙهي ويو آهي يزيد جي. اڄ الائي ڇا ٿيندو. الله سائين شل خير ڪري.

مرزا صاحب جوابدار حيدر شاهه جا ڇيل ساڳيا لفظ بهادر خان جي واتئون ٻڌي اچرج ۾ پئجي ويو. اتي جو اتي بنا ڪيس هلائڻ جي حيدرشاهه کي ڇڏي ڏنائين.

- هڪ ڀيري 1984 ڌاري، سائين سوڀي گيانچندا ڻيءَ سان گڏ سکر هاءِ ڪورٽ ۾ ڪيس هلائڻ لاءِ ويس. ڪيس جو ڪم اڪلائي ٻاهر نڪتاسين. سنڌ هند جي اتهاس ۾ "ويهين صديءَ جي" شڪارپور ڇائو شيخ مبارڪ اياز ۽ ڳوٺ ٻنڊي تعلقي ڏوڪري لب درياهه ضلعي لاڙڪاڻي جو وينل سوڀو گيانچندا ڻي، علم ادب توڙي سياست جي دنيا ۾ ٻه وڏا نالا آهن. جيڪي هندستان پاڪستان جي 1965ع واري ويڙهه ۾ ٻئي گڏ واڙيا ويا هئا. سائينءَ سوڀي چيو ته اياز چاڪ ناهي هل ته وڻائنس ٿيندا هلون. شيخ صاحب وٽ وياسين ڳالهيون ڪندي سائينءَ سوڀي چيس ته جوئي (محمد ابراهيم جوئي) سان ڇهي وڃ (گهرو مامرن ۾ شيخ صاحب ۽ جوئي صاحب وچ ۾ ڪا اڻبڻت ٿي پئي هئي). شيخ صاحب چيس ته جويو تمام ننڍڙو ماڻهو آهي . انهيءَ سان ڇهڻ جو سوال ئي پئدا نٿو ٿئي . اچا تون هجين ته پوءِ ڳالهه ٻي آهي . سائينءَ گهڻو ئي سمجهايس پر شيخ صاحب جي جوئي صاحب لاءِ ڪاوڙ نه گهٽي . نيٺ جڏهن شيخ صاحب ڪئون موڪلائي لاڙڪاڻي روانا ٿياسين ؛ ڏٺم ته سائين ڪاوڙ ۾ آهي . سوالي اکين سان جو نهاريو مانس ته چيائين ته پيڻسان (شيخ اياز) پاڻ کي الائي ڇاڻو سمجهي. جيڪو پنهنجي زال سان سچو ناهي سو ماڻهو سڏبو؟

سوڀي گيانچندا ڻيءَ جا مٺيان لفظ ٻڌي اندر ۾ جو جهاتي پاتم ته شرم ۾ ٻڏي ويس.

- حياتيءَ جي پڇاڙڪن ڏينهن ۾، سکر چڙي ڪراچيءَ اسهڻ ڪان اڳ، هڪ ڀيري شيخ اياز چيو سوڀي کي ته سويا! هاڻي مونکي ڪڏهن ڪڏهن خيال ٿو اچي ته الله آهي. سائين سوڀي وراڻيس ته اهو چڱو خيال آهي. شيخ اياز پڇيس ته اهو ڪيئن؟ سائين سوڀي کلي جواب ڏنس ته

پڇاڙڪن پهرن ۾ ماڻهوءَ سان اها ويڌن ٿيندي آهي. اياز ڪٽي مات ڪئي.

- مرحوم پير علي محمد شاهه راشديءَ جو پراڻو پيارو سنگتي سائين غلام رسول سومرو ويٺل لاهورين جو پاڙو لاڙڪاڻو ۽ لاڙڪاڻي جي وڏي سماجي شخصيت اڄ هنن سٽن لکڻ تائين حال حيات آهي. تنهن ٻڌايو ته 1954 عيسويءَ ڌاري ٻاڪري عيد ويجهي هئي. راشدي صاحب چيو ته هيءَ عيد ڪراچيءَ ۾ ٿا ڪريون. تون به هت مون سان هج . سو سانجهيءَ جو ٻارڙن سان گڏ (ايلفي) زيب نساءِ اسٽريٽ تي هڪڙي بوٽن جي وڏي دوڪان تي چڙهياسين . اهو دڪان اڳوڻي گورنر جنرل غلام محمد جي پاءُ ۽ سئوٽن جو هيو. راشدي صاحب جو اندر گهريو ته گهڻي ادب سان اٿي راشدي صاحب سان مليا. ۽ ڳالهين ڳالهين ۾ پڇيائونس ته توهان پاڪستان ڇو ناهيو. راشدي صاحب ڪرسيءَ تي ويهي دڪان ۾ نظر ڦيرائي مالڪن کان پڇيو ته هي ڇا جو دڪان آهي؟! دڪاندارن وڏي ٺپرس مان راشدي صاحب ڏانهن ڏٺو. ادب سان ٻڌايائونس ته سائين راشدي صاحب ! توهان کي خبر آهي ته هي بوٽن جو دڪان آهي، توهان ته پلائي ڪري هت آيا به رهيا آهيو. راشدي صاحب پوءِ دڪان جي مالڪ کي چيو ته هن دڪان ۾ پيل هڪ هڪ منهنجي مٿي تي هڻندا وڃو . سڄو دڪان خالي ٿئي ته به پاڪستان ٺاهڻ جو جيڪو ڏوهه مون ڪيو آهي تنهنجي سزا پوري نه ٿيندي .

مون غلام رسول سومري صاحب کي عرض ڪري ڪانئس موڪل ورتي ته اها مٿي سندس ٻڌايل ڳالهه جيڪڏهن مان ڪاٿي لکان ته پلي لکان . پر پوءِ سُتت ئي، سنڌ کي "اهي ڏينهن اهي شينهن" جهڙو ڪتاب ڏيندڙ ون يونٽ ٺاهڻ جي ڪم ۾ جُنبي ويو.

- ننڍي هوندي گهٽو ڪري ائين ٻڌبو هيو تہ جنهن ساهہ ڏنو آ، سو گراهہ بہ ڏيندو پر هاڻي جڏهن اتڪل گذريل پندرهن ويهن ورهن کان اخبارون ٻڌائن ٿيون تہ اَنُ اپائيندڙ سنڌ جا مرد توڙي زالون پنهنجن ٻچن کي سيني سان سانڍي بک وگهي، گراهہ نہ ملڻ سبب پاڻ کي باهہ ڏئي ساڙي ٿا ڇڏين يا ماني نہ ملڻ ڪري ٻچن سوڌو کوهہ ۾ ٽپو ڏئي پاڻ کي ماري ٿا ڇڏين تہ مان ڳولهيان ٿو انهيءَ کي جيڪو ساهہ تہ ڏئي ٿو پر گراهہ نٿو ڏئي. ڪاڏي ويو گراهہ ڏيڻ وارو......؟!
- جيڪي بہ ڏريون ان اپائيندڙن کان گراهہ کسي کين پاڻ کي باهہ ڏئي ساڙڻ يا کوهہ ۾ ٽپو ڏئي بک مان جند ڇڏائڻ جي لاءِ بيوس ڪري ٿا وجهن انهن ڏرين جي لاءِ پڻ باهہ ۽ کوهہ جو بندوبست ٿيڻ ڏاڍو گهربل آهي. ڪڏهن اهو ٿاٽو ايندو؟ وقت بادشاہ ڪڏهن اهي ڏيک ڏيکاريندو...؟!
- سنڌ چنگيزخانن ، تيمور خانن ، نادر خانن جا پير اگهاڙا ، چپ سڪل ، لٽا ليڙون ٿيل ۽ کين اس ۾ رلندو ڏسڻ گهري ٿي.
- ڪنڌن مٿون ڪِليون هاڻي نڪرڻ گهرجن. بگهڙن جي ٻچ تي لڙيءَ رات تي ٿاڻن جي ڳوٺن تي ڪاهہ هاڻي بند ٿيڻ گهرجي.
- ڳوٺن ٻيلن کي باهيون ڏئي غريبن جي گهرن کي ساڙيو ٿو وڃي. هاڻي ٿاڻا ۽ اوطاقون باهہ جي ٻِلي ٿيڻ کپن. سنڌ جي ڪعبي مٿون سيني خدائن جون منڊيون پيچي کين آڙاهہ ۾ اڇلائڻ گهربل آهي.
- I - ادا! جي پنهنجي الله ۾ پَتِ ڪرين تہ مون تنهنجي چوري ڪانہ ڪئي آهي.

II ـ ادا! 'تنهنجو الله' تو سان 'منهنجو الله مون سان '.

هزارين ورهين کان سنڌي سماج ۾ ڪم ايندڙ، ڳالهايا ويندڙ اهي مٿيان

ٻئي جملا جي سمجهه ۾ اچي وڃن ته سنڌي ماڻهن کي سنڌ جو سُياءُ ۽ مذهب (ڌرم) سمجهه ۾ اچي ويندو.

- چنگيز خان جي وصيعت هيءَ به هئي ته ڌرتيءَ تي گهَرَ نه اڏجو ڇو ته ڌرتيءَ تي گهر اڏڻ سان توهان مئون وحشيپڻو ختم ٿي ويندو. گهر، مَنَهَن ، ڳوٺ ، شهر ساڙڻ لاءِ ضروري آ ته وحشيپڻو سلامت رهي. سيني هٿيارن ۾ وڏيڪ موتمار هٿيار ماڻهوءَ جو وحشيپڻو آهي.
- ڪنهن به ملڪ /مذهب جي اتهاس (تاريخ) کي پڙهڻ پُرجهڻ لاءِ گهربل آهي ته عقيدي جي عينڪ لاهجي.
- ٿلهي ليکي، ڏسجي ايئين ٿو ته ڪيترن ئي مذهبن/ ڌرمن کي درٻاري ڏاڍ ختم ڪري ڇڏيو. باقي رهيل مذهبن جي پٺيان سائنس هٿ ڌوئي لڳي آهي. جڏهن مذهبن/ ڌرمن جو سماجي ڪارج ئي نه رهندو ته پوءِ انهن مذهبن جون فلاسافيون به لڙهي وينديون. بدِّمت ۽ جين ڌرم کي سنڌ مان هندومت تڙي ڪڍيو ته هندومت کي وري اسلام. ڪن مذهبن کي ترار تڙيو ۽ ڪن جي پڇاڙي وري سائنس ڪندي.

جيڪو خيال ڪالهه گهربل ۽ سجايو هيو اُهو اڄ وهم گمان ۾ اجايو لڳي ٿو. ڪالهوڪو سچ اڄ ڪوڙ آهي. اها جٽ پراڻن خيالن سان نوان ڪندا ٿا اچن.

تيل ڪيڻ لاءِ گهاڙي کي گهربل هيو ڏاند. پر هاڻي نيٽ ڏاند جي جند به ڇٽندي وڃي ٿي. ورهين پڇاڻا وهمن ۾ ورتل ڏاند به هڪ ڏينهن ماڻهو ٿيندو.

- اڄ نه ته سڀاڻي ڪنهن به ڌرتيءَ تي ڏارين خيالن جي حڪمراني ناهي رهڻي.
- ڏک گهٽائڻ، سک وڌائڻ جي ڳولا ۾ ماڻهو هيلهه تائين تمام گهڻو وڃائي چڪو آ. ڪسجي به گهڻو ڪجهه ويو آهي ته مليو به گهڻو ڪجهه آهي.

- اهو هڪ سوال آ تہ ساندھہ جاکوڙ ۽ گهڻ پاسايون کوجنائون ماڻهوءَ کي نيٺ بربادي ڏي تہ نہ ٿيون وڃن. مٿيءَ منجهان پيٽرول، گئس، ڪوئلو ۽ بيون شيون ڪيڻ سان سنسار جي ستاوَ سان ڪا هٿ چراند تہ ناهي؟
- هزارين ورهين کئون پنهنجي جيئندڙ لفظن کي گهُٽا ڏئي ماري ڏاريا لفظ آڻي اسان سنڌ جي ساڃهہ ۽ سڃاڻپ کئون پري ٿيندا ٿا وڃئون.
- جنهن ملڪ اچ تائين پيٽرڪ لوممبا، احمد سوڪارنو، شيخ مجيب، اندرا گانڌي، ذوالفقار علي ڀٽي ۽ راڻي شهيد بينظير ڀٽو کي مارايو تنهن کي نيٺ سواءِ ڏوڙ ۽ ڇائيءَ جي ڪجهہ بہ پلئہ ناهي پوڻو.
- راڻي شهيد بينظير ڀٽو بلڪل سچ چيو هيو تہ اڻويهين صدي يورپ جي، ويهين صدي آمريڪا جي ۽ ايڪويهين صدي ايشيا جي آهي. مان رڳو مٿينءَ ڳالهہ ۾ اهو واڌارو ٿو ڪيان تہ ٻاويهين صدي پڪ ئي پڪ آفريڪا جي هوندي.
- پيار ۾ ماڻهو اڻ گهريو ڪير پٽ تي ٿو وڃي.
- جيون جي جوت ۾ ٻاڙي اوڙي ۾ گهمندي ڦرندي اکيون سڌيون ڪري ٻيءَ ڏِر ڏي نہ نهارجي.
- I ـ جيڪڏهن تنهنجي اک ڪنهن ٻئيءَ اگهاڙي جي ٻُئيءَ تائين وئي ۽ توان ٻئيءَ اگهاڙي تي ڪهل ڪئي تہ پوءِ پڪ سمجهہ تہ سڀاڻي تنهنجي ٻئي اگهاڙي ٿي ويندي

II ـ ٻيرين اگهاڙي تي ڪهڪاءُ ڪرڻ جي سزا توکي اها ملندي جو تون اڳتي هلي پاڻ ٻيرين اگهاڙو ٿي گهاريندين.

III ـ قوم ڏي نهارڻ معنيٰ پاڻ کي وسارڻ. قوم کي ڪڻ يا پاڻ کي.

- جيڪڏهن تون ڪنهن جو سڱ/سڳ/امانت آهين تہ پوءِ چڱو اٿئي تہ

پرائي سَڳ کي سنڀال ۽ پرائي امانت ۾ خيانت نہ ڪر.

- i سمجهہ ۾ سهپ هڪ جيتري نہ هجي.
  ii سُڀاءُ (مزاج) هڪجهڙو نہ هجي.
  iii سماجي سگهہ، ٻيهڪ، حيثيت هڪ جيتري نہ هجي.
  iv سڪ ۾ چڪ هڪ جيتري نہ هجي.
  تہ اهڙي سنگت کئون پاسو ڪجي.
- گهٽ ڳالهائڻ گهٽي ٻڌڻ جهڙي پلي ٻي وات ئي ڪانهي.
- سچو سائي کي سنگتي سمجهي تہ اهڙو چسو ڪو ٻيو؟
- هو سائو ستابو تون سچو سڪٽو. اها سنگت ڪانہ هلندي
- گهڻو ڪري سنڌي ڪامورو ڏارين لاءِ حاتم طائي ۽ پنهنجن لاءِ بگهڙ هوندو آهي.
- سرڪاري ماڻهو مُنهَن ۾ شينهن پر پويان گدڙ کان بہ گوءِ کٽي ويندو آهي.
- جيڪڏهن تون حڪيم طبيب يا ڏاڪدر ناهين تہ پوءِ مُکَ ۾ اڪيون کُپائيندو نہ ڪر.
- I ـ مٺيءَ ماءُ جي ڏاهي پٽ جون ڳالهيون تہ ٻڌ
  چوي ٿو تہ:
  i پاتشاهي نہ پاڙيان سرتيون سُٺيءَ ساڻ
  ڍڪي اگهاڙن کي ڪين ڍڪيائين پاڻ
  ٻيهر جاپي جاڻ عبر جي اوصاف کي.
  ii ورڻ ٿا ميوو ڪن پاڻ نہ کائن پانهنجو
  نڪر پتر چاپڙون ڏوٽا ڏار سهن
  ڦري ٿا ڦَرُ ڪن نيت مقابل پانهنجي.

II ـ سٺيءَ جي بيوسائي اها آهي جو اگهاڙن کي ڍڪيندي ڍڪيندي ڪانئس پاڻ ڍڪڻ وسري ٿو وڃي.

III ـ پٽ ڏٺيءَ جي ڏسيل واٽ تي جيڪڏهن تون هلي ٿو پوين ۽ "وڻ تا ميوو ڪن پاڻ نہ کائن پانهنجو" وانگر ٿي ٿو ڏيکارين تہ پوءِ جڳ چوئي ٿو تہ "هڏئون ڏئي هٽاءِ تہ مالڪ ڏِيئي مزرا" هاٽي ڏي مُنهن انهيءَ چٿَر ڪي.

- I ـ ڪنهن کي منهن تي سچ چوڻ تي هِرندين تہ پوءِ گامو سچار واريون ٽوڪون بہ سَهڻ پائو.

  II – گامون ٽيڻ لاءِ شينهن جي دل تي گهرجي. جي اها اٿئي تہ پوءِ ياڳ وارو آهين. وس — وارن، وڏيرن، پوتارن، منهن تي سچ چوڻ واري کي، گامون سڏي، سدائين ڪيس خسيس، ننڍڙو ۽ بيوقوف ماٺهو ڪري ڏيکارڻ جي واٽ پي ورتي آهي. پر سچ چوڻ وارو (گامون) ڪچهريءَ ۾ ويهي / بيهي جڏهن، ڪوتن، ڪوڙن درٻارين ۽ لاٽرين جا چوڏا لاهيندو آهي تہ پوءِ اهي ماٺهو پنهنجن بغلن ۾ لِڪڻ لاءِ جايون ڳوليندا آهن. پر پوءِ سندن پنهنجي ڪچ بہ ڪين پناهہ نہ ڏيندي آهي.
- جيڪو ماٺهو واٽ تي پيل ڪندو ڪٽي پاسي تي اڇلائي ٿو اهو ماٺهو هوريان هوريان ڦاهيءَ چڙهڻ ڏي سُرندو ٿو وڃي.
- پيءُ پٽ ۾ پيڙ ياءُ جي ڳانڍاپن کي چِڏي انگل ۾ پنڻ ۾ ڪيترو سنڌو آ...؟ خبر ناهي!
- سرحد جي خان غفار جي پوٽي، ولي خان جي پٽ اسفنديار وليءَ سچ چيو آهي تہ مصلحت ۾ بيغيرتيءَ ۾ تمام ٿورڙو سنڌو آهي. اهو تي ٿو سگهي تہ جنهن ڳالهہ کي تون مصلحت چوين قوم تنهنجي ان مصلحت واري واٽ کي بيغيرتي سڏي
- ڏاريو ڪيڏا بہ وس ڪري پر سنڌ کي اڳتي وڌڻ ڪئون رنڊائي [illegible] سگهي.

- آمريڪا سنڌ بلوچستان کئون هارائي چڪو آهي. قومي آجپي واري ويڙهه ۾ سونهاري سنڌ سوپاري ٽيڻ ڏي وڃي رهي آهي.
- سُئيءَ جي پاڪڙي جيتري جاءِ ٽئون به اسان هٿ ناهي ڪنيو. نه ڪالهه نه اڄ ۽ نه ئي وري سڀاڻي. آمريڪا توڙي ٻيا اُپرنڌڙ / اسرنڌڙ سامراجي ملڪ اک سان ڇوڏو ٻڏن.
- 2/7/712 عيسويءَ ۾ جيڪو سنڌ سان دوکو موڪي ميربحر ڪيو ۽ عربن ڏاڍ ڪيو اهو دوکو ۽ ڏاڍ چوڏهين آگسٽ اڻويهه سو سنتيتاليهه عيسويءَ تي ورجايو ويو آهي.
- 27/12/2007 تي خميس جي سانجهه سائين جي ايم سيد سن مان اُٿي هلي شهيدن جي ڳوٺ ڳڙهي خدابخش اچي شهيدن سان گڏجي شهيدن کي ساڻ کڻي وقت کئون 'نه کپي' وارو فيصلو نيٺ ميڙايو.
- اڄ جي سپر پاور جي هٿ ۾ لڪل تيلي ۽ باڪس آهي پر سنڌ جو واتڳاڙهو سندس وِکِنِ کي چٽر ۽ ڏڪار سان ڏسي ۽ سمجهي رهيو آهي.
- سنڌ جو ڪوئلو پيٽرول، گئس ۽ ٻي معدنيات توڙي سمونڊ نه آمريڪا کي ملندو ۽ نه ئي وري ٻين کي. جيڪي ڪجهه اسان وٽ آهي اهو رڳو ۽ رڳو اسان جو آهي.
- منهنجي مرضيءَ کان سواءِ منهنجي گهر ۾ مزمان رهن ٿا. پر مزمان نيٺ مزمان، پرائي گهر مئون نڪرن ئي نڪرن.
- وقت جي وهڪري ۾ اٺ سَوَ ئي ڪجهه ڪونهن ته سٺ سٺر ورهيه ڪهڙي ڳالهه آهي. اسپين ۾ عربن اٺ سو ورهيه حڪومت ڪئي، پر اڄ اتي نه ڪلمو آ نه مسيت آ ۽ نه بانگ ڌرتيءَ جي پٽ ڪاتي به ڪڏهن به ڌارئي کي پنهنجي گهر ۾ رهڻ نه اڳي ڏنو آهي نه اڄ ۽ نه سڀاڻي.

- هيءَ ڪيڙي هن ڏاند جي آهي ڪالهہ بہ اڄ بہ تہ سياڻي پڻ.
- ٽُرا نيٽ تري ۾ هليا ويندا ۽ حيدر جي هاري حقدار جو جهنڊو جڳ ۾ نيٽ جهلندو.

i هن اڱڻ تي اياز رهڻو آ ايوب نہ.

Ii هيءَ زمين ذوالفقار جي آ، ضياءَ جي ناهي.

iii هي ملير مارئيءَ جو آهي، مشرف جو ناهي.

iv هي پڪا پنهوارن جا آهن، پرويزن جا ناهن.

- ڏسڻو وائسڻو سيبتو ماڻهو جي وهنوار ۾ ڪُتي پوي تہ ڦڏي ڪي نبيرڻ ڪان اڳ ۾ اِهو ڏسجي تہ ڪاٿي ڪا بيوسائي ڳچيءَ ۾ پئجي وئي اٿس يا ڪنهن ڪارڻ من ۾ ڪوٽ آيو اٿس.
- جيڪڏهن ڏيتي ليتيءَ ۾ ڪس ڪاٽي پئجي وڃي تہ پوءِ ساڳئي ماڻهوءَ سان بيو پيرو وهنوار نہ ڪجي.
- منڊائي موت ڏيندي آ تہ چڱائي بہ وڃائيندي ناهي.
- منڙا ڳهُرَ تہ ڳهُرانءِ ۾ پنهي پاسي اکين ۾ نہ لالچ هوندي آ ۽ نہ لوڀ. اکين ۾ رڳو اُتميو آدرياءَ هوندو آهي ۽ ڳهڻو ڪري پاڻ ۾ ڳالهائيندڙيون بہ رڳو اکيون آهن.

جيڪڏهن ساهہ کڻندي بہ هڪ ٻئي ڏي نهاريندي بہ ڏريون هڪ ٻئي آڏو بوتا بڻجي وڃن، ڳالهائي نہ سگهن تہ سمجهڻ کپي تہ ٻوليءَ جا پکي پپر تئون اڏري اُڀ جي نيراڻ ۾ گم تي ويا آهن.

پيار ۽ پنهنجائيءَ جا روپ ڳٽي نٽا سگهجن.

- جيڪي ڪيس گهربل هيو اهو تو وتئون ڪيس نہ مليو. تنهن ڪري آڏيءَ جو اٿي، تنهنجو پاسو چڏي عزت اورانگهي، مينھنا مچي، درياھ تپي، ميھر ڏي وئي. او ڏمَر! سهڻي بي ميار آ.

- اِها چوٽي گهڻو ڪري ٽڪو دل سان لڳي ٿي تہ اُهو وڻ ڪونهي جيڪو واءَ نہ لوڏيو هجي.
- ٻئي جا عيب ڏِسڻ پنهنجا عيب سار.
- ماءُ جي پيار جو سِڪايل پٽ وَني بہ ماءُ جيڏي چونديندو. پيءُ جي پيار جي سِڪايل ڌيءَ وَرُ (مڙس) بہ پيءُ جيڏو ڳوليندي.
- خبر ناهي تہ ايئين ڇو آهي پر اِهو ڏٺو ويو آهي تہ ڪي اوپرا اکين کي ڏاڍو وڻي ويندا آهن ۽ ورڻي ڪي اوپرا، چڱا سنا، بنهہ نہ لڳندا آهن.
- I ـ نگاهہ تہ نگاهہ پر ماڻهوءَ جو آواز بہ ڪن تي پوي ٿو تہ اثر ٿو ڪري.

  II ـ ٿهڪ ڏيندڙ جا ٿهڪ بہ جيڪڏهن ڪن تي پون ٿا تہ ڪڏهن ڪڏهن بيوس بڻائي ڇڏيندا آهن ۽ دل چوندي آهي تہ ڪيئن ڪري بہ انهيءَ ٿهڪ ڏيندڙ کي ڏسجي.
- بار اوترو رک جيترو سنگت سهي سگهي، نہ تہ سنگت پڇي ويندئي.
- سنگت اوتري ڏار جيترو پچي سگهين. نباهي نہ سگهين تہ پاسيرو ٿي وڃ.
- I ـ ڏکئي ۾ ڏکيو هنر ڳالهائڻ آهي، چوندا آهن تہ ڏُڏو کير ٽٽين نہ پوي.

  II ـ ڳالهايل لفظ ترار کئون تکا ۽ جبل کئون ڳورا هوندا آهن.

  III ـ ماڻهو اهڙو ڪي نہ ڳالهائي جو پوءِ پنهنجي واتئون نڪتل لفظن تي ارمان ڪري. ماڻهو پنهنجي واتئون ڪڍيل لفظن جا نتيجا ضرور لوڙيندو يا ماڻيندو.

  IV ـ اها چوٽي نہ وسارجي تہ زبان چانو ۾ بہ وهاري تہ اُس ۾ بہ. گهربل، وٽندڙ، وقتائتا ٻول ماڻهوءَ کي جيءَ ۾ جايون ڏياريندا آهن.

  V ـ ايندي چونئي آءَ ويندي چونئي ويهہ ۽ ايندي نہ چونئي آءَ ويندي نہ چونئي ويهہ. گهڻو ڪري پنهنجي ڳالهائجندڙ لفظن جو جادو هوندو آهي.

- ڪرڻ لاءِ سٺي ۾ سٺو ڪم آهي چوري چٺي ۾ بيگناهہ جا ڳوڙها اگهڻ.
- وڏ ۾ وڏ لاپائتو (لاپ = فائدو ڏيندڙ) ڪم آهي لکڻ. تنهنجي لکت سماج ۾ تنهنجو مان وڌائي ٿي. لکڻ جي معنيٰ آهي تہ تون ڪِلِڪَ مَش يا پنو پين کڻي ويهي جڏهن ڪاڳر تي پنهنجا خيال چِٽِين ٿو ۽ پڙهندڙن سان اورين ٿو تہ تنهنجو اهو اورڻ تيسينتائين هلندو ايندو جيسينتائين اهي تنهنجون لکتون ماڻهو پڙهندا ايندا. تون تيسينتائين جيئرو آهين جيسينتائين تنهنجون لکتون ۽ ڪتاب ماڻهو پڙهندا ۽ ڳائيندا. پلي تہ تون ساهہ کڻڻ ڇڏي ڏي.
- جيترو وِٽُ هجي اوترو بار کڻجي.
- غريب پائر جڏهن ملڪيت ورهائيندا آهن تہ ننڍو (مکياري) چوندو آ وڏي کي تہ ادا...! بابو امان منهنجو ناني ۽ پيڻ تنهنجا. چو تہ ويچارن وٽ ورهائڻ لاءِ ٻيو ڪجهہ ڪو نہ هوندو آهي سواءِ گهر پاتين جي.
- ڪنهن وهانوَ ۾ لطيف سرڪار جڏهن ڪنوار جي مٿي تي هٿ رکيو تہ ڪنوار مرڪي کيس ٻڌايو تہ "مون کي ماروئڙن سج ٻڌائي سيج ۾" لطيف سائينءَ چيس تہ ڏيءَ..! وري بہ تنهنجا مائٽ تنهنجا مياري نہ ٿيا. ويچارن وٽ جيڪي هئو توکي ڏنائون.
- سنڌي ماڻهوءَ جي ٻانهي ڏسندين تہ توکي "رب جي رضا تي راضي" جي معنيٰ سمجهہ ۾ اچي ويندي.
- جيترو تي سگهي، گهُر جون گهٽائجن.
- جيون جي ريل ۾ پنهنجن ماڳن ڏي سُرندي، پٽنا کان پهتل هڪ همراهہ سان ڳالهيون ٿيون. سندس خيال هيو تہ سنڌ جي سرير ۾ سهپ سورهيائي سمجهہ ۽ سوجهرو ڪونهي. ٻوليءَ تي ڳالهائيندي مون کيس چيو تہ توکي خبر آهي تہ عربن عيسوي تاريخ 18/11/641 تي مصر فتح ڪئي. عربن

سن عيسويءَ جي تاريخ 2/7/712 تي موڪي ميربحر جي غداريءَ سبب سنڌ بہ فتح ڪئي. اج مصر ۾ ڏارين (عربن) جي عربي ٻولي ڳائجي ڳالهائجي ٿي. مصر وارن ڪئون سنڌن اباڻي ڪسجي وئي. پر انهن ساڳين فاتحن جي عربي ٻولي اج تائين سنڌي ٻوليءَ جو آگونو بہ نہ پٽي سگهي.

سنڌي ٻولي پنهنجي شانَ مانَ سان اج بہ دائم قائم آهي. توڙي جو توهان اسان جي ڳوٺن کي باهہ ۾ ٻک جي ور چاڙهي ڇڏيو آهي. خبر اٿئي تہ ڇو هت ڪا بہ ڏاري ٻولي اُسري اُپڙي نٿي سگهي.

ڏارئي جا تارا ڪريل گهڙيال جي ٻانهن (ڪانٽن) وانگر هڪ هنڌ بيهي ويا. سندس ڇَپرن ڇنيجڻ ڇڏي ڏنو ۽ لڱو مون کي تڪڻ. ٻڌايومانس تہ مصر جي نيل درياهہ کي ٻئي پاسا واري هئي. وٽس نہ چيڪي نہ وڻ ۽ نہ واهڻ. وٽس ڳوٺ ڪونہ هئا. رڳو نيل جي ڪنڌين تي چار پنج وڏا شهر هئا انهن شهرن کي فتح ڪرڻ ۾ عمروبن عاص کي دير ئي نہ لڳي. اهي ويچارا بہ چار شهر سولائيءَ سان ڳوهون ڪائيندڙن ۽ ڏاچين جو کير پيئندڙ بدوين جي ور چڙهي ويا. هزارين ورهين جي سهڻي سيبتي تِڪُنبا ـ تَڪَرَ (پئرامڊ) اڏيندڙ ٻولي ترار جي تاوَ تيک کي منهن ڏئي نہ سگهي. مصر وارن اسڪندريا ۾ عمروبن عاص جي آڏو 18/11/641 عيسوي ۾ هٿيار ڦٽا ڪيا.

اونچي ڳاٺ ٻڌايومانس تہ او ڏاريا...! سڄو سنسار ويڃي گهم، جاچي ڏس. توکي اسان جهڙي ڇيڙهالي سورن سانديل قوم ڪاٿي بہ نہ ملندي. جيئن منهنجا ڳوٺ جيئي منهنجي امڙ ۽ جيئي منهنجي ٻولي.

همراهہ تي ڇپ ڪري پئي چپ ٿي ويو. اهڙو ڪچي جهڙي پِٽِ.

- لوڙهي ۽ ويڙهي جو واهي تجي. واڪا ڪري واهت ڪجي.
- سٺي ۾ سٺي ڳٺوان ، ڳٺن پريل سماج جي اڏاوت لاءِ سٺي ۾ سٺو تعليمي/ سڪيا جو تاجيپيٽو گهربل آهي.

- سپورنج جو ڪم اهو آهي تہ رياست جي چوڦير ليڪ اندر طاقت جي بُتَ ڪي اگهاڙو ڪرڻ لاءِ ڪيس پيچي پورا ڪرڻ لاءِ پنهنجا ويچار وات تي آڻڻ جي الاتوهار ڪري
- هيٺن جو لتاڙجڻ نئينءَ مئون ناهي . جي هلڻ لڳنداسي تہ واٽون اسان جي واهر ٿينديون.
- وس ڪئي ڪنهن سڄڻ ڪئون اوڏر نہ گهرجي نہ ڪٽجي.
- وڏي جمار ۾ تہ هٿ تنگڻ وڏي پَلَ آهي. پنهنجي عزت بچائجي.
- اوکيءَ ويل ڪنهن سڄڻ تي بار نہ ٽجي. ٽڏي ڪوسي سر تي سهي وڃجي.
- مانيءَ مهل سنگت ڏي نہ وڃجي، پر پاڙي جي ملان سان ڪيس مليل ڦڪر ۾ يلي حصو ڳنڍجي . ڪائڻ پيئڻ ۾ ساٿس ياڱيپائيوار ٿجي.
- جيڪو ماٺهو جيترو گهٽو قرب ڏئي ، انهيءَ جو اوترو ٿورائتو ٿجي ۽ اوترو ئي ڪائنس ڊڄجي .
- اڻ ڪيل ، اڻ چاتل ، پَل چُڪ ۽ ڏوهہ گناهہ جي سزا سيڪت شل نہ ملي.
- وقت تي ويساهہ ناهي . ڪڏهن ياڳ تو آٽي ڪڏهن نياڳ.
- وڏيءَ جمار ۾ شل گهڻ ـ پاساوان ڏک نہ لڳن . چو تہ سهپ گهٽ هجي تي.
- پيريءَ ۾ سنگت وٽ اچ وڃ گهٽائجي.
- ڏنو واٺنو ٻڌو سٽيو سنڌ توڙي سنگت سان اوريندو اچجي.
- ڪيل پنڌ جي هيٺانهِن مٿانهِن تي روئجي ضرور ٿو.
- ڪراڙپ ۾ پنهنجي جهوليءَ ۾ ڪيل چڱايون گهٽ ۽ ڪيل منداپون وڏيڪ پسجن ٿيون.
- جيڏا سرتا هليا وجن ٿا تہ اباٽڪائي وڪوڙي وجي ٿي .

- ڪاتي بہ ، ڪڏهن بہ ، ڪنهن جي واتئون پاڻ بابت ٿيندڙ ساراهہ تي سرهو نہ ٿجي.
- جهڙي ڪرٽي تهڙي پرٽي تہ ٺيڪ آ پر جي نہ ڪٽي پرٽي پوي تہ پوءِ؟
- ماڻهو ڪٽي ڪيترو بہ پيرڙيو هجي پر سنگت جي اڪين اڳيان اگهاڙو هجي ٿو.
- لڳي ٿو تہ "بهشت دلاسو دوزخ دڙڪو" وارو خيال اجايو ناهي. وڏي بيوسائي آهي تہ "مذهبن ملڪ ۾ ماڻهو منجهايا". پر پيارا! مذهبي ڪٽرپڻي جي ڪڻ مار سنڌ اجهو جاڻ نڪتي. "تنهنجا ويچار توسان منهنجا ويچار ... اري رچايل وات آوس ليي پوندي
- ڪجهہ بہ فاني ناهي ... ڪر ڪالهوڪو خيال فاني آ ۽ اجوڪو روپ فاني آ . پراڻ نواڻ ۾ هي جو ورجاءُ ٿيندو اچي ٿو.
- خيال مذهبن کي پيدا ڪيو ۽ خيال ئي مذهب ... ي مارينده و.
- ڏاهپ جو ڏاڻو نيٺ عقيدن جو انت آڻيند ... ي تي ڏاريو خيال مري ئي مري
- خيال جي ڪڇندڙ وک اونداهيءَ مئون ڪيڏي سوجهري ڏي وڌيون ٿي وڃي.
- مهاسيا مان بل پاس ٿيڻ ڪري 10/4/1967 تي سنڌي ٻولي هند .ستان جي پندرهين قومي ٻولي ٿي وئي. اهو ڪم اصل حيدرآباد سنڌ جائي جيرامداس پٽ دولتر ... ڪيو. سرڳواسي جيرامداس 1930 کان آل انڊيا ڪانگريس جو ... ماڻهو ۽ هندستان جي پهرئين وزيراعظم سرڳواسي جواهر لال پنڊت ... ي ... نهروءَ جو ويجهو سنگتي هو. شهيد اندرا ديويءَ کي ننڍي هوندي، هند ... کٽي کيڏايو هئائين جيتڻ ئي اندرا گانڌيءَ (تڏهوڪي هندستان ... ي وزيراعظم) کي سنڌي ٻوليءَ کي هندستان ... قومي ٻولي ڪرڻ لاءِ جيڪي ٿين تہ مائيءَ ديرڻ ... ي نہ ڪئي. سنڌي ٻوليءَ جو بل 10/4/1967 تي پاس ٿي ويو. پهريائين اهو خيال ان وقت جي مهاسيا جي

ڪاہي ڏر جي اڳواڻ اٿل بهاري واجپائيءَ کي هيو پر جيرامداس چيس تہ چڏ تہ اهو ڪم مان ٿو ڪيان. هندستان جو آئين سنڌي ٻوليءَ ۾ بہ ڇپيل آهي، جنهن کي اهي سنوڌان چوندا آهن. هاڻي هندوستان ۾ ارڙهن قومي ٻوليون آهن.

- بيوقوفيون بي سمجهايون ڪڏهن سِرُ ڪٽن تہ وري ڪڏهن آسمان تي پهچائين.
- ٻاٻاڻي ٻولي پنهنجي جياپي لاءِ پنهنجي سونهن سروپ سنڀالڻ لاءِ وقت سان وڙهندي ٿي اچي.
- مولانا عبيدالله سنڌي چوي ٿو تہ هيٺئون ڪان متي وڃڻ لاءِ هيٺيان گڻ گهربل آهن. i جذبن (اوتارن) تي لت ii پاڻ کي سُرت ۾ رکڻ iii امانت جي واهت iv رِتيل ڳتيل وات تي هلڻ ڪاڻ ڏکيايون سهڻ v ساندهہ هلندو رهڻ ۽ vi پوَ (ڊپ) ۾ پنهنجو پندُ نہ ڇڏڻ.
- دنيا ۾ ڪي ڳالهيون اهڙيون ٿين ٿيون جو ماڻهوءَ وٽ اڄ تائين آيل علم انهن ڳالهين بابت سمجهاڻي نٿا ڏيئي سگهن. نئين پاڪستان جي تڏهوڪي وزيراعظم جناب ذوالفقار علي ڀُٽي کي سندس مقرر ڪيل تڏهوڪي پاڪستاني فوج جي ڪمانڊر انچيف ضياءُ الحق پنجين جولاءِ 1977 تي ملڪ تي مارشل لا مڙهي ڀُٽي صاحب تي خون جو ڪوڙو ڪيس هلرايو. شهيد ڀٽو ارڏو اٽموٽ ۽ بي ڊپو ماڻهو هيو. چيائين تہ ضياءُ الحق ملڪي دستور جي ڀڃڪڙي ڪئي آهي. جيڪڏهن مان ڇٽس تہ ڪيس جوڳي (سزا) سيکت ڏيندس. ضياءُ الحق جي من تي وڏو ڊپ ويٺل هيو تہ جيڪڏهن مان ڀُٽي کي ڇڏي ڏيندس تہ پوءِ ڀٽو مون کي نہ ڇڏيندو. سو جڏهن بہ ملڪ ٽوڙي ملڪن جا امير سفير وٽس ويندا هيا تہ ڀُٽي کي جيئدان ڏي تہ انهن کي موت ايها ڏيندو هيو تہ ادا! قبر هڪڙي، ماڻهو اسان ٻہ آهيون. هاڻي انهيءَ هڪڙي قبر ۾ يا تہ ڀٽو پوي يا

مان. نيٺ ڪورٽ کان پنهنجي لاءِ ڦاهيءَ جو فيصلو وٺي ڪيس 4/4/1979 ۾ ڦاهو ڏنائين. اها هڪڙي قبر پنهنجي سان پرچي وئي. پوءِ جڏهن جنرل ضيا جي پنهنجي مرڻ جو وارو 17/8/1988 تي آيو ته وقت بادشاهه وٽ اهو سوال اڀريو ته ڌرتيءَ تي ضياءَ ۽ پنهنجي جي جهيڙي ۾ قبر هڪڙي هئي سا ته پنهنجي پري ڇڏي ۽ هاڻي جيئن ته ضياءَ قبر ۾ وڃڻ کان نابري واري هئي تنهن ڪري ضياءَ لاءِ ڇا ڪجي. پوءِ وقت بادشاهه اهو فيصلو ڪيو ته جيئن ته جنرل ضياءَ الحق مٽيءَ کي پنهنجو ناهي ڪيو تنهن ڪري ڪيس باهه جي حوالي ڪيو وڃي ۽ پوءِ وقت بادشاهه اپ ۽ ڌرتيءَ جي وچ ۾ ڪيس 17/8/1988 تي باهه جي حوالي ڪري ڇڏيو.

- سيئي مذهب ڌرم چڱائيءَ جي واٽ وٺڻ جي مَتِ ڏين ٿا پر جي ڪيس سندس سياءَ به موڪل ڏئي ته!
- i ڪوتاهه ڪنڌ (منڍي ڪلهن تي هجيس، ڳچي نڙي ننڍڙي يا بنهه ننڍڙي هجيس) ۽ ٿُلهي پِني ii چَتونءَ وانگيان ڇهنبيارو نڪ iii ڪلهن وٽ مڙيل پُٺا iv ڪچو بصر نه وٽيس v بت آهر ٻانهون ڊگهيون ۽ ڳالهائيندي هٿ گهڻا هلائي vi گول اکيون vii مٿي ۾ مڇن جا وار ڇاهي جي وارن جهڙا کهرا viii ٻندرو ٿلهو ix گهڻي هيناهين وٺي. مٿين ماڻهن کئون پري پچ ، ڇڇي گذار ۽ ساڻن وهنوار نه ڪر منجهائن چڱائيءَ جو آسرو اميد نه رک.
- I ـ پاڪستان جي پهرئين فوجي ڊڪٽيٽر (آپيشاهه) جنرل ايوب خان جو مارشل لا 08/10/1958 تي آيو. تڏهن سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر علامه آءِ آءِ قاضي صاحب هوندو هيو. جيئن ئي مارشل لا آئي ته ٽورن ڏينهن اندر اهو حڪم نڪتو ته جنهن به سرڪاري ڪاموري وٽ جيڪو جيترو به گهر آهي اهو ڪامورو پنهنجي گهر جو اڱ ڪنهن

ڪنهن فوجيءَ کي ڏئي. جڏهن علامہ صاحب کي آڪٽوبر جي پڇاڙي يا نومبر 1958 جي مهينن ۾ انهيءَ حڪم جو سيڪ آيو تہ علامہ صاحب جهٽ پٽ پنهنجي نوڪريءَ تان هٿ ڪنيو. فيبروري 1959 ڌاري علامہ صاحب وتايو ڪانفرنس سنڌ يونيورسٽيءَ جي ميدان تي گهرائي هئي. پلان نٿو تہ ان ڪانفرنس ۾ سائين مخدوم محمد زمان طالب المولي جن بہ آيا هئا، حيدرآباد جو تڏهوڪو ڪمشنر سيد هاشم رضا پڻ آيو هو. (سيد هاشم رضا ۶ جنوري ۱۹۴۸ عيسوي تي برنس روڊ ڪراچي واري علائقي ۾ ٿيل هندن جي ڪوس وقت ڪراچي جو ڊپٽي ڪمشنر هيو.)

II ـ هن وتايو ڪانفرنس جي ڳالهہ جيڪا مون کي هت ڪرڻي آهي سا اها تہ علاما صاحب چيو تہ وتائي فقير جي ٽوٽڪن تي روئڻ گهرجي پر اسان کلندا آهيون. ہي ڳالهہ علاما صاحب ان ڪانفرنس ۾ اها ڪئي تہ هر ماڻهوءَ کي پنهنجي آتم ڪهاڻي (سندس سماجي حيثيت پٽاندڙ) پنهنجي ڪتنب ڪهول يا قوم لاءِ ضرور لکڻ گهرجي.

III ـ ہي ڳالهہ جا علاما صاحب لاءِ ڪرڻ گهران ٿو اُها اِها تہ (مون ڏٺو) 1957 ڌاري وائيس چانسيلريءَ واري زماني ۾ هر جمعي جي منجهند جو نماز کان اڳ يونيورسٽي توڙي حيدرآباد شهر جا ماڻهوعلم جي دنيا سان لاڳاپيل ڏاها ماڻهو وڪيل پروفيسر، ان ڏينهن يونيورسٽيءَ جي لائبريري هال ۾ اچي گڏ ٿيندا هيا. اوير ڏهون اولهہ منهون تلهو هوندو هيو. اتي علاما صاحب جن اچي مک ماڻهوءَ جي ڪرسيءَ تي وهندا هئا. پوءِ يونيورسٽيءَ جو ڪو نہ ڪو عالم سگورو پروفيسر صاحب ڪنهن ڳالهہ تي مضمون پڙهندو هيو يا ليڪچر ڏيندو هيو. ڊپارٽمينٽ آف فلاسافيءَ جو هيڊ تڏهن، گهڻو ڪري، هالن جوشفيع محمد ميمڻ هيو. اهڙيءَ ئي هڪڙي منجهند جو علاما صاحب تقرير ڪندي لئبريريءَ ۾ پت سان

لڳل ڪتابن سان پريل ڪٻٽن ڏي آگر ڪنئي ۽ چيائون تہ هي دنيا جا
ڏاها انهيءَ اوسيڙي ۾ آهن تہ ڪڏهن تا توهان مهرباني ڪري هنن جي
ڳالهہ ٻڌو. اهو هيو علاما صاحب جن جي ڳالهائڻ جو ڏانءُ.

- مان گهٽ ۾ گهٽ 1956 کان 1962 تائين جي حيدرآباد جي ڳالهہ ڪندس تہ ان وقت هي شهر سپورنجن جي کهول جو وڏو مَنَهُن هيو. سنڌ يونيورسٽيءَ جو رجسٽرار آغا تاج محمد خان (اهڙو ٻيو رجسٽرار سنڌ يونيورسٽيءَ ويندي اڄ تائين نہ ڏٺو) هيرآباد ۾ اڏايل اورينٽئل ڪاليج جو باني ۽ هلائيندڙ مخدوم امير احمد، ڪچهريءَ ۾ ڪل پوڳ جا گل ورهائيندڙ مولوي محمد عثمان ڏيپلائي، مولانا غلام محمد گرامي ، محمد ابراهيم جويو. سنڌي ادبي بورڊ سان سلهاڙيل شمشير الحيدري ۽ ابن حيات پنوهر، تلاءَ نمبر ٽئين تي طبي ڪاليج سان واڳيل حڪيم ، شاعر ، ڏاهو فارسيءَ ۾ تاريخي ڪتابن کي سنڌيءَ ۾ آڻيندڙ نياز همايوني، ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۾ نوڪري ڪندڙ وڏو اديب شاعر آغا سليم، طارق اشرف ۽ غلام نبي مغل (فوڊ کاتي مان رٽائر ٿيو) جهڙا سونهارا صاحب رهندا هيا. آغا تاج محمد خان ۽ مخدوم امير احمد کي الله سائينءَ ڳالهائڻ جي هنر جي وڏي ڏات ڏني هئي. ٻئي صاحب اٽي جڏهن تقرير ڪندا هيا تہ ميڙ ڪيڏو بہ وڏو هجي پر لڳندو ايئن هيو تہ سواءِ سندن وجود ۽ آواز جي اُتي ٻيو ڪير بہ نہ هوندو هيو. اهڙي سانت ٿي ويندي هئي. شيخ اياز سکر مئون هلي حيدرآباد ايندو هيو تہ رٽز هوٽل صدر ۾ مولانا گراميءَ سان سندس جهيڙو ٻڌڻ وٽئون هوندو هيو.
- پٽ ڌڻي، سنڌ ڌڻيءَ کي اسان پڙهيل توڙي اٻپڙهيل ماٺهو گهڻو ڪري لطيف سرڪار ڪري سڏيندا آهيون . سرڪار لفظ جي معنيٰ آهي حڪومت / حاڪميت . جاتي جاتي سنڌي ٻولي رَسي وَسي ٿي اتي

لطيف سائينءَ جي حڪومت / حاڪميت هلي ٿي. اسان سنڌي ماڻهو جڏهن بہ لطيف سائينءَ کي ياد ڪندا آهيون يا سندس نالو وٺندا آهيون تہ اسان جا ڪنڌ ادب ۾ ميڄتا سان پٽ ڏڻيءَ آڏو جهڪي ويندا آهن.

- لطيف سائين اسان جو مذهبي مهندار ناهي، اسان جو سماجي سالار آهي. اسان پکن پٽن پيهن تي پسجئون پنن ۾ پجهئون، اسان ڀڪران ريڍار، اوٺار، وڃار، ميهار، ڏنار يا هاري هجئون هرحال ۾ هر هنڌ اسان سان لطيف گڏ آهي. ٽڏين ڪوسين سکن ڏکن ۾ اسان ڪٿون پري ناهي. اسان سنڌي ماڻهو لطيف جي سرڪار ۾ رهئون ٿا. تنهنڪري سنڌ وارن لطيف سان لفظ سرڪار ڳنڍي ڇڏيو آهي. سندس ڏنل جهونگار جهانگين کي جيارينديون اچي ٿي.

ڪڙو منجهہ ڪڙي جيئن لوهار لپيٽيو
منهنجو جيءَ جڙي سپيريان سوگهو ڪيو.

- ڪيئن چئون تہ اسان لطيف جا عقيدت مند آهيون يا عاشق؟ ٿلهي ليکي وڏيڪ تهندڙ تهڪندڙ اِهائي ڳالهہ لڳي ٿي تہ ڏينهن رات جي پل پهر ۾، چئني مُندن ۾ اسان جنهن جي سرڪار ۾ کلندي روئندي رهئون ٿا اُها آهي لطيف جي سرڪار. اسان هندو هجئون يا مسلمان ڀيل هجؤن يا باگڙي ڪولهي؛ سڀني جي پنهل ۾ پتي آهي.
- گهڻو تڻو ماڻهوءَ کي سندس عقيدا ڪونہ ٿا هلائين.

ڪيس سندس سُياءَ واٽ تو وٺائي. ڪو بہ ماڻهو پلي تہ پاڻ کي سني، شيعو هندو، مسلمان، سِکُ يا عيسائي سڏائي پر سندس اصلي مذهب/ ڌرم سندس سُياءُ هجي ٿو. ڪوڙي جو ڌرم ڪوڙ چالاڪ جو مذهب چالاڪي، ڪوٽي جو مذهب کوٽ سچي جو مذهب سچائي هجي ٿو.

- عقل چاکي تو چئجي، ماڻهوءَ جون اکيون جيئن جاڏي ڏسن، سندس ڪن

جاڏهون جيڪي ٻڌن ۽ پوءِ سوچي سمجهي فيصلو ڪجي تہ هن ڳالهہ ۾ هيءَ واٽ لاياٿتي ٿيندي ۽ پوءِ سندس خيال ۽ عقل پٽاندڙ ان واٽ تي هلي پوي تہ چئبو تہ عقل اها واٽ ڏيکاري اٿس ۽ اهو ئي عقل آهي. چئبو تہ ڏسي وائسي سوچي سمجهي پنهنجي مرضيءَ انوسار هلڻ ۽ پنهنجي خيال پٽاندڙ مامرن کي نبيرڻ کي عقل چئجي ٿو. ٿلهي ليکي چئجي ڪٿي تہ عقل ماڻهوءَ جي پنهنجي مرضيءَ تي هلڻ جو سوجهرو ۽ سگهہ آهي. ماڻهوءَ جو پنهنجي عقل تي اختيار آهي. عقل ماڻهوءَ کي اونده ۽ اوجهڙ ۾ وڃڻ کان بچائيندڙ ڏيئو آهي.

- عقيدو (عقد = ٻڌجي وڃڻ) چئجي ٿو ٻڌائيندڙ/حڪم ڏيندڙ طاقت کي اکيون ٻوٽي اکين تي رکڻ ۽ مڪمل ميڄتا ۾ رهڻ . عقيدي جو اختيار/حڪم ڪنهن بہ پرک ۽ سمجهہ سوچ کان مٿانهون هجي ٿو. عقيدي جي ٻڌايل ڪا بہ ڳالهہ ۽ مليل ڪو بہ حڪم ميٺو ئي ميٺو آهي ۽ حڪم کي ڪنهن بہ خيال عقل جي ڪسوٽيءَ تي پرکڻو ناهي ، پرکڻ جي موڪل ناهي.
- عقيدو عقل جو حاڪم آهي. جيڏي سگهہ عقيدي وٽ آهي اها عقل کي مليل ناهي. عقيدو درياهہ ٽپي ويندو پر عقل اَڌَ تي بيهي رهندو ۽ واهي بہ ٽپي نہ سگهندو. عقيدي وٽ پڪ آهي عقل وٽ شڪ آهي. عقيدي وٽ ٻِوَ ڊپ بنهہ ناهي ۽ عقل يو ڏَپَ جي چار ۾ ڦاٿل رهي ٿو. عقيدو اٺ پيرا اوڙاهہ آڙاهہ ۾ وڃي وري بہ ويندو پر عقل وٽ اها سگهہ ناهي. عقيدو بهادر آهي عقل ڊڄڻو آهي. عقيدي وٽ مليل حڪم تي نہ هلڻ ۽ سوچڻ گناهہ آهي پر عقل جون ڄنگهون جيون جي پنڌ ۾ وک وک تي ڊپ سبب يڪتارو ٿي ويندليون آهن. عقيدت مند سان پاڻ ساڻ نہ هوندو آهي. پر عقل جون اکيون ڦري گهري پنهنجي چوڌاري پنهنجي اگهائي سگهائيءَ

ڏي پيون ڏسنديون آهن. عقيدي وٽ ويساهه جي واڳ آهي پر عقل وٽ
پرک ۽ جاچ آهي. عقيدي جي انڌ کي اکين جي گهرج ناهي. پر عقل
جون اکيون ڏينهن جو به پيون چرڪنديون. عقيدي وٽ "مان "ناهي رڳو
تونهي تون هجي ٿي. پر عقل وٽ رڳو "مان" هجي ٿي. عقيدي جي
الاتوهار هن خيال سان ٿئي ٿي ته حڪم ۾ ڪوبه ڦند ڦير ڪونهي ميٽو
آ ۽ حڪم تي هلڻو آهي. عقل جي وک ڪڇندي ئي ڪانه جيستائين
کيس پڪ پوي ته حڪم صحيح مليو آ. حڪم تي ويساهه نه هئڻ سبب
عقل عمل کان اڳ وچڙي پوندو ۽ سندس وکون ہڏايل پنڌ ڏي کڃي نه
سگهنديون. عقيدي وٽ اکيون ڪونهن عقل وٽ دل ڪانهي.

- عقيدي وٽ هلڻ جي سگهه گهڻي پر ماڳ ڪونهي. عقل وٽ ماڳ ته آهي پر گهربل سگهه گهٽ بنهه گهٽ چو ته عقل جي واٽ تي ڊپ جا نانگ کيس چرندا پرندا نظر ايندا آهن. عقيدتمند پر- وس آهي جڏهن ته عقل پنهنجي وس ۾ آهي. عقلمند وٽ پنهنجي واٽ پنهنجو ايرادو آهي جڏهن ته عقيدتمند وٽ پنهنجي واٽ پنهنجو ايرادو ناهي.

هلايو ته هلي وڃان بيهاريو تان بس.

- عقيدو تڪ تور جي گناهه کان مٿي چڙهيل آهي پر عقل جي هٿ ۾ سمجهه جي ساهمي هوندي آهي. جيڪا هر ڳالهه هر گهڙيءَ گهاٽي واڌي جي خيال جي تڪ تور ۾ رڌل رهندي آهي. عقيدو عشق جو هيونالو آهي پر عقل محبت جي هيٺئين ڏاڪي تي بيٺل آهي. عقيدي وٽ فرحت پر عقل جي اکين ۾ آنڌ مانڌ هوندي آهي. عقيدتمند کي ڪرڻ لاءِ حڪم کپي پر عقل کي دليل کپي. عقل کي وڻ، وڻ ۾ لامون ڏار ٽاريون ۽ ٽارن تي ويٺل پکي اهو سڀ نظارو ڏسڻ ۾ ايندو پر عقيدت جي اک سواءِ پکيءَ جي هيو ڪجهه به نه ڏسندي.

- پر هي انٽرنيٽ هي موبائيل فون ۾ سائنس پاران سڀ ڪجهه ڪنهن به معجزي يا ڪرامت ڪونه ڏنا آهن. دليل جي دنيا ۾ هلندي هلندي عقل ماڻهوءَ کي هٽ پهچايو آ.
- گهڻ پاساوان ڪم ڪندي، چارئي ڪنڊون گهمندي عقل اسان کي نانهن ڏي وٺيون ٿو وڃي . ڪالهه تائين اسان جنهن نه ڏسجي سگهندڙ جهان کي نانهن ٿي سڏيو انهيءَ نانهن کي اسان اڄ Space جو نالو ڏنو آهي جنهن ۾ جنهن منجهان، وٺان گهمندي اسان چنڊ سوڌو ڪنهن نه ڪنهن پئي هنڌ کي ڳولي ۾ ڏسي رهيا آهيون جتي اسان جا پير ڪپن. عقل ماڻهوءَ جو سونهون ۾ ماڻهو عقل جو ٻانهو آهي. عقل ڌرتي اپ توڙي پاڻيءَ ۾ جيوت جا اهڃاڻ ڏاهيندو ٿو وڃي. عقل جيون جو ويري آهي. اهڙو ويري جنهن کي اسان واهرو سمجهڻ لاءِ بيوس آهيون.
- ڏاند ڪٺون هِتي توڙي هُتي، هن جهان ۾ ڪنيل وکن بابت پڇاڻو ناهي ٿيڻو. ڇو ته ويچاري وٽ ڇا ڪجي ڇا نه ڪجي بابت سمجهه ڪانهي. هڪڙو ٽونڪو ٻڌو اٿئون ته هڪڙي ڏينهن ڏاند اوچتو ٽڙي وڃي مسيت ۾ بيٺو. ملان کي ڏاڍي چِڙَ لڳي سو ڏاند کي سندس مالڪيائيءَ سوڌو گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳو. ڏاند جو مالڪ به ڏاند جو پيرو ڪڍندو اچي مسيت ۾ پهتو. ۽ ملان کي چيائين ته ملان ڏاند کي گهٽ وڌ نه ڳالهاءِ ويچاري کي خبر ناهي ته هيءَ مسيت آ ۽ مسيت ۾ ناهي وڃبو. ويچارو اڻڄاڻائيءَ ۾ مسيت ۾ گهڙي پيو آ. ملان جي پوءِ به ڪاوڙ جهڪي نه ٿي. سو ڏاند جي مالڪ چيس ته ملان ملان! اڙي چوانءِ ٿو ته هن ساسيءَ کي سمجهه ڪانه هئي ته مسيت ۾ ٿو گهري، تو مون کي ڪڏهن مسيت ۾ ڏٺو آ؟... ڏاند جي مالڪ جي خيال ۾ بي سمجهه تي ذمر تيڻ نه گهرجي ۽ نه ڪانئس پڇاڻو تيڻ گهرجي. ۽ نه ئي وري ڪيس سيڪت / سزا ملڻ گهرجي. ڇو ته هن وٽ

ڪنهن به ڪم (عمل) بابت گهربل سمجهه ڪانه هوندي آ. ڏوهه گناهه اتي ليکبو جتي ڪو ماڻهو اهو ڄاڻيندي ته هي ڪم ڏوهه جو آ ۽ پوءِ هو اهو ڪم ڪري

هاڻي تورو اڳتي وڌئون ٿا.

جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪيڙيءَ ۾ ٻيٺي ٻيٺي مال چاريندي چاريندي هي جهان ڇڏي ٿو ته پوءِ هن معصوم ماڻهوءَ لاءِ ڇوٽڪارو ڇو هئڻ گهرجي. ڏوهه گناهه جي خبر ئي جنهن کي ڪانهي تنهن کان ڇوٽڪارو ڇو؟ حضرت عيسيٰ به الله سائينءَ کي ائين ٿو چوي ته مان اڃا ٻار آهيان مون کي ڏوهه گناهه جي خبر ناهي سو جي مان ڪو ڪم ڪيان ٿو جيڪو ڪرڻ تو وٽ ڏوهه آ ته مون سان انصاف نه ڪر مونتي ٻاجهه ڪر مونتي مِهر ڪر.

عدل ڇٽان نه آءُ ڪو ڦيرو ڪجهه فضل جو.

- I ـ مجيجي يا نه مجيجي پر اِهو سچ آهي ته ماڻهو بت ـ پوڄا کئون ٻاهر نڪري نٿو سگهي. پيار ۾ ٻانهپ، ڏاهپ جي ميجتا ۽ طاقت اڳيان نوڙت اِهي سيئي پوڄا / عبادت جا ڏيک / اهڃاڻ آهن. سونهن ۽ ڏاهپ پڻ طاقت جا روپ آهن. پل پهر واري تنهنجي نيڻ ـ نهار پوڄا جو پاٺ آ ۽ عبادت جو ٽاڻو آهي. چئي سگهجي ٿو ته جا گهڙي جيوت آهي سا گهڙي عبادت هلي رهي آهي.
- جڏهن تون سوچ ۾ آهين ته اهو ٽاڻو به تو وٽ نظارا آهن. توٽي جو تنهنجون اکيون پٽيل آهن يا پوٽيل. جا گهڙي ڪنهن موهيندڙ مورت ۾ مگن آهين ته پڪ ئي پڪ تون عبادت / پوڄا ۾ ورتل آهين. اهو قانون سڀ ڪنهن سان لاڳو آهي.
- اهو تي نه ٿو سگهي ته جنهن تنهنجي ننڊ ڦٽائي هجي اهو پاڻ ڪونگهرا هڻندو هجي.

- نون نياپن کي ميٽو ئي پوندو، انهن جو آڌر ياءُ ڪرٽو ئي پوندو. هر ڪو خيال هر ڪو نياپو نانهن مئون اچي ڪي ٻه چار پل پهر پنهنجي جوت جواٽي ماٽي نستو ٿيندي ٿيندي پنهنجا پيرا ڇڏيندو پنهنجو سماجي ڪارج پورو ڪري موتي نانهن ڏي هليو وڃي ٿو. ڪيس نئين نياپي، نئين خيال لاءِ جاءِ ڇڏڻي پوندي. نئين خيال نئين نياپي ڪئون ڪن لاٿار ڪري نه ٿي سگهجي. پوئتان آيل مڪڙيءَ کي ڪِرڻ، ٿڙڻ لاءِ جاءِ ڏئي گل کي ڇٽي ڍيٽو پوندو. نوارڻ جو طوفان جهلئي نه جهلبو.
- آيل مذهب ٿڏن ڪوسن ملڪن جي ماڻهن لاءِ سماجي گهرجن انوسار سماجي قانون شريعتون ناهي، جيترو ٿي سگهيو پنهنجي جوت پٽاندڙ جيئرا رهيا. پر پنهنجي جوهر ۾ نون خيالن جي جُلِهُنِ جي ڪريه هيڪڙائيءَ (one_ness) ڪئون ڇچندا ويا. ٽولا ٽولا / ڀاڱا ڀاڱا / فرقا فرقا ٿيندا ويا ۽ مجتا جي جاءِ هوريان هوريان نهڪر وٺندي وئي. وقت جو وهڪرو ايڏو ته ڇوهو آهي جو خيال جو پير ڪن پل مس هڪ هنڌ ٽِڪڻ جي ڪري ٿو ته خيال لُڙهي ٿو وڃي ۽ پوءِ ڪو ٻيو خيال ! عقيدا رياستي ڏاڍ جي ڇانوَ ۾ ڪجهه وقت رهن ٻه ڪٽي پر پوءِ نيٺ ماڻهوءَ وانگر عقيدن ۽ خيالن سان ٻه اها ئي ڪار ٿئي ٿي ته جا ڄمندي سا مرندي تون سمجهي ڏس سردار.
- مذهبي پوئلڳيءَ جو وڏي ۾ وڏو نقصان اِهو آهي ته عالم سگورا، پنهنجي سماجي سگهه وڌائيندو اچڻ لاءِ، ماڻهوءَ (پوئلڳ) کي الله رسول جا حڪم يا قول چئي، انهن حڪمن تي هلڻ تي هيرائن ٿا. پوءِ حڪمن تي هلندي هلندي پنهنجي سوچ پنهنجي پرک اٽجاٽائيءَ سبب پوئلڳ ڪئون کسجي وڃي ٿي. ماڻهو پوءِ وڃي ٿو ٻڪو پوئلڳ ٿيندو ۽ ڪيس درجه ملي ٿو راسخ ـ ال ـ عقيدت جو. معنيٰ ته عقيدي، مجتا تي پختو بيٺل. پوءِ

ڪيس اهو ئي سڀ ڪجهه سچ لڳي ٿو جيڪي سائين جن فرمايو. عقل ۽ دليل جي دنيا منجهئون ماڻهو پوءِ نڪري ٿو وڃي. حڪمن ۽ قولن جي ابتڙ جيڪو خيال، وهم، گمان اندر ۾ اچيس ٿو/ اٿپن ٿئيس ٿو تہ انهيءَ ۾ پيءَ واٽ. دليل تي توبهہ توبهہ چئي سامهون آيل دليل، پرک جا در بند ڪري ٿو ڇڏي اِهو چئي تہ ڪيس شيطان ٻي واٽ ٿو ڏيکاري. مذهبي عالم اڳواڻ پاڻ پنهنجي چولي (چوغي) ۾ ڇاهي خبر ناهي.

۽ عالم سڳورو پنهنجي پوئلڳہ مريد کي وڃي اتي ٿو پهچائي جو حڪم جو ٻندو پنهنجو سڀ ڪجهہ ڇڏي پاڻ تئون پنهنجي سوچ خيال تئون هٿ کڻي ٿو وڃي ۽ پوءِ ايئين ويچارو پوئلڳ حسن - بن - صباح جهڙن جي ور چڙهي ٿو وڃي.

صليب، شهادتون، زهر، ترارون، خنجر، ڪاٺ (جيل) ماٽيندڙن جي ڪئي ڪرتئي جو ڪتيو پوئتئون ايندڙ گاديون والاريندڙ گادي نشين ڪاڻ لڳن ٿا ۽ ٽولا نهن ٿا. اهي ٽولا پنهنجون پنهنجون بادشاهتون (فرقا) ناهي انهن کي بچائڻ وڌائڻ لاءِ ٻين ٽولن سان، جن جي پنهنجي ڏار پوئلڳي هجي ٿي، پنهنجي پوئلڳن، مريدن جا ٽولا ۽ لشڪر وني ويڙهہ ڪن ٿا. ٽڪر ڪائن ٿا. ۽ پوءِ اهڙيون مريديون خادميون سماج ۾ ويچا وجهن ٿيون ۽ قوم صدين ڪان اهڙين پوئلڳين جو شڪار ٿيندي اچي ٿي. فرقن واريون ٻڌيون قومي ٻڌيءَ کي تمام وڏو ڌڪ رسائين ٿيون. اِهو آهي، ٿلهي ليکي، اسان وٽ گهڻو تڻو تواريخ جي مهربانين جو وچور. قاضي قادن جي چوڻ تي شاهہ بيگ ارغون هٿئون مخدوم بلاول جي 1/3/1521 عيسوي تي گهاڻي ۾ پيڙهجي شهادت، ميان نور محمد ڪلهوڙي هٿئون لطيف سائينءَ ڏي

موڪليل ڏهه جي دهلي ۾ اڙدي گهوڙي، ڪلهوڙن جي چُرچ تي شاهه عنايت لانگاهه جي 6/5/1719 تي نٽي ۾ شهادت، ٻاون جي مڙهي پيڻ لاءِ مخدوم عبدالرحيم گرهوڙيءَ جي 15/3/1778 عيسويءَ تي شهادت ۾ 1964ع ۾ خيرپور رياست جي نيڙهيءَ جي سني مسلمانن جون شيعن مٿن مائتن، سئوٽن ماساتن تي محرم جي نائينءَ جي رات جو پوئين پهر ۾ گهرن تي چڙهايون، گهرن، مينهن ۽ ڳئن رڍن ٻڪرين جي واڙن کي باهيون ۽ پنهنجن جا ناحق خون. ۽ اهڙا ڪيئي مثال آهن خانقاهن، درگاهن جي مهربانين جا. ۽ پوءِ وري الاتوهار ٿئي پلاندن جي. پلاند وري ڪڏهن به پراڻا ناهن ٿيندا. منهنجي ملڪ ۾ پنهنجن سان پلاند ٿين ٿي ٿين.

- مذهبن، نظرين، جي پهرئين پنڌ، پهرين وکن ۾ سچايون ميڄائون چوٽ تي هجن ٿيون. پر پوءِ جڏهن سائين جن پاڻ، هي جهان رب جو چڏين ٿا، اکيون پورين ٿا تنهان پوءِ، حڪم احڪام ۽ قول سندن جاءِ والاريندڙن وٽئون پوئلڳن جي ڳچيءَ ۾ پيئجي وڃن ٿيون. اڃا به وڏيڪ وَيل انهن قومن ۽ ملڪن سان ٿئي ٿو جن جي ڌرتيءَ تي اهي مذهب، نظريا، خيال، سندن پنهنجي ڌرتيءَ جا ڌرتيءَ وٽان مليل ڪو نه هجن ٿا. ڌونگر توڙي واريءَ تي سِرجي وڌا ٿيندڙ خيال، رسمون رواج ۽ پوءِ اهي رسمون رواج قانون جو روپ وٺندڙ حڪم ٻڌجي جڏهن چيڪيءَ وٽ اچن ٿا ته وس ٿا ڪن ته چيڪيءَ وٽ پنهنجو جيڪي ڪجهه هزارين ورهين کئون آهي، اهو بدعت، غير شرعي ۽ گناهه چئي اتهون ميساريو وڃي ۽ آندل حڪم مڃايا وڃن.

سنڌ (چيڪيءَ) تي، عربن (واريءَ) وٽئون آيل مسلمانيءَ جا قانون ايئين ئي مڙهيا ويا آهن. سنڌ جي اتهاس ۾ نهاريو ته ڏسبو ته وس ڪيو ويو

آهي تہ سنڌ جا نيڪامر سنڌ جي سونهن گناهہ بدعت ۽ غير شرعيءَ جي نانوَ تي ڪائنس ڪسي وڃي. پر انهن ٻاهرين رسمن رواجن، قانونن حڪمن کي نهڪر تڏهن ۽ انهيءَ ڪري ملي تي جو اهي قانون ۽ حڪم ان ڌرتيءَ جي پنهنجي فطري، سُڀاويڪ (مزاجي) لاڙن، رسمن رواجن سان ويڙهہ ۾ اچن ٿا.

- سچ ڪوڙ جي ويڙهہ ۾ هڪڙا هيڏي هجن ٿا ۽ ٻيا هوڏي. وچ ۾ چٽي ليڪ نڪتل آهي. وچ تي ويهڻ لاءِ ڪا بہ جاءِ ڪانهي. ڪو بہ ماڻهو اڻ-ڌريو ناهي. جيڪو ماڻهو چوي ٿو تہ مان ڪنهن جي بہ پاسي ناهيان اهو ڪوڙ ٿو ڳالهائي. جيڪو پاڻ کي اڻ-ڌريو سڏي ٿو اهو ظالم-ڌر جي پاسي آهي.
- سن 680_10_13 عيسويءَ تي ٿيل ڪربلا جي ڪوس عرب، اُٺَ ۽ واريءَ جو سياءُ سمجهائي ڇڏيو.
- ڪربلا، گهٽ ۾ گهٽ، پنهنجي خيال تي ڄمي بيهڻ جو سَٽُ ڏئي ٿي ۽ پنهنجي خيال تئون مُنڊي گهورڻ جو اتساهہ ڏئي ٿي.
- صبر جي معنيٰ پنهنجن حقن تان هٿ کڻڻ ناهي. صبر جي معنيٰ آهي پنهنجي خيال ۽ پنهنجي حقن لاءِ ڄمي، ٻير کوڙيو وڙهڻ.
- ننڍي ۽ ڪينجهر جي وچ تي ساموئيءَ جي پِڙَ تي شهيد دريا خان جو ميلو ساليانو سال ـ جنوريءَ تي لڳندو هو جي. دولهہ دريا خان پنهنجن پُٽن ۽ قوم سوڌو ـ جنوريءَ ـ ـ ـ تي ساموئيءَ جي پِڙَ تي شهيد ٿيو هيو. جڏهن پنيءَ اڳهاڙن جا پُٽَ پنهنجي منيءَ ماءُ جي سينڌ سنوارڻ جهڙا ٿيندا تہ اهڙا ميلا صرور ۽ ساندهہ لڳندا.
- ڳالهين ۾ ويچارن ۾ سئو سيڪڙو سهمت ٿيڻ نہ تنهنجي وس ۾ آهي ۽ نہ منهنجي وس ۾. منهنجي امڙ مون کي سوين سال اڳي سِپيءَ سان سُٽي ٻياري

هئي. هنن لفظن جي، تہ تو کي چوان، تہ پائو..! جي منهنجي ڳالھ توکي دل سان نٿي لڳي تہ مڙئي خير آ. تنهنجو الله تو سان منهنجو الله مون سان. ساڳي خيال تي نہ هجڻ ڪارڻ هڪ ٻئي سان ورونهن رکڻ بنھ نہ جڳائي ۽ سنڌي ماڻهو پنهنجي سُپاوَ ۾ اهڙو ويرُ ورونهن ناهي رکندو.

- اڄاڻائي ڪيڏي سهڻي آهي؟ جي تون اڄاڻائيءَ جي سونهن ۾ گم ٿيڻ گھُرين تہ پوءِ پاڙي جي ٻارڙن سان ڪچهريون ڪندو ڪر.
- ڳوٺ دودو خان سرڪاڻي لاشاري، لڳ روشن آباد. تعلقو ٽنڊوباگو ضلعي بدين (جهُڏي گدام کان لڳ ڀڳ 4 ڪوھ پري) جي ويٺل مراد خان لاشاريءَ جي گهر ۾ 1880ع ۾ جاول هارياڻي بختاور ڪٽڪ جي اڻ-ڪنيل / اڻ- توريل ٻارِ ۾ پنهنجن ٻچڙن لاءِ ڪيل محنت جو ڀاڱو بچائيندي، قادياني چوڌريءَ جي بندوق سان 22 جون 1948ع (22/6/1948) تي شهادت ماڻي، جڏهن 21 جون 1953ع (21/6/1953) تي ٻيو جنم ورتو تہ وقت بادشاھ سندس نالو مٽائي رکيو بينظير. سنڌ جي ساڳي ڏيئڙي، راڄن جي راڻي، پنهنجن غريبن ٻچڙن جو اٽو بچائيندي ساڳين هٿن سان هلايل بندوق سان راولپنڊيءَ جي شهر ۾ ٻيو ڀيرو شهادت ماڻي.

شاھ عنايت لانگاھ (شهادت 6/5/1719) صوفيءَ جي روحاني وڏوَر جڏهن 27/12/2007 ڏينهن خميس جي سانجهيءَ ٽاڻي غريبن جا نعرا هڻي چوي پئي تہ ڪالھ بہ ڀُٽو جيئرو هيو ۽ اڄ بہ ڀُٽو جيئرو آ تہ ساري جڳ کي سڏي سڏي ٻڌائي پئي تہ شهيد مرڻا ناهن وري وري وَرڻا آهن. واريءَ جون واٽون ۽ رُڃَ جون راهون ۽ بسنت جي رُتِ جي آسَ ڪٽي، رَتُ جو دانُ ڏيڻ سندس ڀاڳ ۾ لکجي چڪو هيو. سانجهيءَ جو پنج وڄي ٻارنهن منٽن ڏاري ساڳين هٿن جي بندوق شهادت جو ڳاڙهو وَڳو پارائي کيس ڳڙهي خدا بخش موڪليو.

- چڱو ٿئي تہ ڪچن ڪونن تي ڪکر تي پَٽَ وَسي نہ سگھين تہ من ڇانوَ ڪرين.
- خبر ناهي تہ ڪھڙو سُياءُ ڏئي مالڪ ميلي ۾ موڪليو اٿئي. پر پوءِ بہ

چڱائي ڪندين تان چڱو تنهنجو ٿيندو

پلائيءَ جا پاڙا ڏٽي تو کي ڏيندو.

- پاڻ کي سمجھڻ لاءِ ضروري آهي تہ سنڌي ماڻهو سنڌ جي اتهاس (تاريخ) کي پڙهي پُرجهي.
- سُڃن ۽ سَرنديءَ وارن جي سماجي ڳانڍاپن جي اُلٽِ پنيءَ اگھاڙن کي ڪيترو ڏُک سُک ڏنو ۽ انهيءَ سان گڏ. ترار جي ڇانوَ ۾ سنڌ جي سماجي سُياوَ سان نہ ٺهڪندڙ عقيدن / خيالن سنڌ ۾ ڪيئن ۽ ڪيتري جاءِ والاري ۽ قومي ٻڌيءَ کي ڪيئن. ڪيترو ۽ ڪيڏو ڌڪ هنيو تہ انهيءَ جو وچور بہ چٽائيءَ سان ڪيجي. عقيدن جي ڄار جي وَکن ۾ جڏهن ماڻهو وچڙي ٿو پوي تہ پوءِ پر- وَسِ ٿي پنهنجي حياتي ڪوهيڙي ۾ ٿو گھاري ۽ قومي ٻڌيءَ کئون پري هليو ٿو وڃي.
- امامن جو ماتم ڪرڻ کان ڪنهن کي بہ ڪير جهلي نٿو سگھي. پر زنجيرن هڻڻ کان انهيءَ ڪري بہ پاسو ڪرڻ گھرجي. جو اڄ سنڌ گھٽو ڪري لاڙ وارو پاسو ڦڦڙن ۽ ساهہ جي بيمارين. ٽي بي. ساهہ جي سوڙهہ دم ۽ اڄ سنڌ گھٽو ڪري اتر سنڌ جيري جي بيمارين (سائي-ساول) ۾ ورتل ۽ اٽپوري ماني ڪني پاڻيءَ. بک اُڃ سبب بيمار آهي
- سنڌي قوم گھٽين بيمارين ۾ ورتل آهي. اڄا تہ پلو ٿئي سائنس جو جنهن ماڻهوءَ کي لاٻ نہ ڏيندڙ خيالن مئون ڪيڏي اڇڻ جو وڏو ڪم ڪيو آهي. ۽ سائنس جا واچوڙا هن سڄي ڌرتيءَ جي ڪنڊ ڪڙڇ کي ڇڪي سوڙهو ڪري هڪ ئي وهنوار جي واٽ تي هلائڻ جا جَتَنَ ڪندا اچن ٿا.

- جيڪو جمي جڻي ٿو ڪائي پيئي ٿو روئي ڪلي ٿو ۽ هڪ ڏينهن هي جهانُ ڇڏي ٿو اهو نيٺ بہ تو مون جهڙو ماڻهو آهي. ماڻهپي جا گُڻَ تو وٽ ناهن ۽ ڪنهن ٻئي وٽ اهي گُڻَ تمام گهڻا آهن تہ پوءِ تون ڏاڪڻ جي پهرئين ڏاڪي ڪان بہ هيٺ ۽ اهو ٻيو مٿانهين ڏاڪي ڪان بہ مٿي بيٺل نظر ايندو.

ماڻهو وري بہ ماڻهو آهي، پلي ڪٿي تو ڪي گيتا ٻڌائي / پڙهائي.

- سسئيءَ ڪوهہ ڪيا پوءِ جڳ جا پنڌ سهنجا ٿيا، ڪوهن مان ميل، ميلن مان ڪلوميٽر. سمجهيائين تہ هاڻي پنهون پري ناهي. پر پيارا..! سسئيءَ جي نہ ڪُوڪَ ٿي ڪُٿي ۽ نہ ڪوهہ.
- اسان ستر سالن جي ٻارڙن جي جياپي لاءِ تنهنجي مُرڪ_گاڏڙ نهار ڪپي.
- زال جي مامري ۾ شل نہ ماڻهو شقراط يا ٽالسٽاءِ ٿئي.
- جيڪي نہ ڪالهہ سنڌي نہ اڄ سنڌي نہ سڀاڻي سنڌي تن ڪي توهان عرب، ارغون يا انگريز سمجهي سگهو ٿا. ڪائي پيي هليا ويڃڻ وارا ماڻهو.
- ڏسي ڏوري سڀ ڪو ٿو پر سوال آ تہ اديب، شاعر، ليکڪ، سگهڙ پنهنجي پنهنجي ڏانوَ هنر ۾ جڏهن ڪجهہ چوي ٿو لکي ٿو تہ خبر ٿي پوي تہ سماج ۾ سندس بيهڪ ڪيئن ٿي ليکجي. سنگت سان اوري ٿو. سندس سماجي ڪارج ڪيئن ڪٿجي. ايئين چئي سگهجي ٿو تہ سماج ڪي اڳتي وٺي ويندڙ مٿيان ماڻهو قوم سان اوريندڙ بہ آهن، قوم جا اڳواڻ بہ آهن پنهنجي پنهنجي ڪارج پٽاندڙ.
- گل ڦل، وڻ ٽڻ، جيت جڻئي ۽ پکي پکڻ ڪان وٺي ويندي تو مون تائين، سڀ ڪنهن ڪي ۽ هرهڪ جِيوَ ڪي هيڪڙائيءَ جو حق مليل آهي.

ڏرتيءَ تي ڪو ٻيو لطيف، ٻيو شيخ اياز ٻيو استاد بخاري، ٻيو تاجل بيوس يا ٻيو ڪو راشد مورائي اڇٽو ناهي. اهو آهي نرالپڻ، نرالو هجڻ، يونيڪ ـ نيس Unique ness. اها يونيڪ — نيس Unique ness، نرالائي، جِيوَ ڪي سندس بت ۾ قد ڪاٺ ڪي، سندس نيڪامن سوڏو ڪنهن به ٻئي جِيوَ کان ڌار ڪيو بيٺي آهي.

- جڏهن مان تو کي مائٽ تو چوان ته مان پاڻ کي ڏَڏِڪو تو ڪريان ۽ تو کي به.
- 1965ع ڌاري ريل تي سفر مڙيئي سجيهه هوندو هيو. هڪڙي ڀيري حيدرآباد کان لاڙڪاڻي ويندي گاڏي ۾ وينلن سان ڳالهيون ڪندي وڏيرن خلاف ڳالهائڻ لڳس. يارن جون اکيون ۾ ڪن مون ڏي هجن. گاڏيءَ سان گڏ منهنجو وات به هلي پيو. ڪلاڪ اڌ کان پوءِ وينلن مان مون جهڙي ئي هڪڙي غريب مون کان پڇيو ته پائوا ٻني گهٽي اٿئي؟ ورندي ڏني مانس ته هڪڙو ويسو به نه. همراهه پوءِ بينچن تي وينلن ڏي منهن ڪري چيو ته ادا! هن پائوءَ کي ٻڪ ڪرڻ ڏيو. پوءِ ته ابا! سجو گاڏو کِلَ ۾ ويڙهجي ويو.رڳو ٽهڪ تي ٽهڪ هجن. مان پوءِ لاڙڪاڻي تائين چُپ. پوءِ مون کي دل ۾ ڏڪ لڳي ويو ته اسپارٽڪس چو هارايو هيو.
- حياتي مماتيءَ جي مامري ۾ گاهه ٻوٽي. وڻ ٽڻ. جيت جڻيي، پکي پکڻ توڙي جانورن ڪئون وني ماڻهوءَ تائين سڀ ڪنهن جيئو جو هڪ جهڙو حال آهي. ماڻهو ڌار حيثيت سان ڪو نه تو جيئي. فصل کي نه لڻنداسين ته يا ته جهار پکي پکڻ کائيندس يا سَنگُ چِٽي ويندو. انَ کي جي ماڻهو نه کائيندو ته سُرو ونندس يا ڪِولين جو ڪاج ٿيندو. گاهه کي مال نه کائيندو

ٻڪريءَ، رڍ يا هرڻ کي يا ماڻهو ڪائي يا ڳجهه. ماڻهوءَ جو پنهنجو حال اهو آهي ته يا ته مٽيءَ ۾ پورجيس ٿو يا ساڙجيس ٿو يا جبل تي يا ڪوهه ۾ اڇلائجيس ٿو. هاڻي ته ڳالهه اتي پهتي آهي جو ماڻهو مرڻ کان اڳ وصيت ڇڏي ٿو وڃي ته منهنجا ڪارائتا، ڪم ايندڙ انگ/ عضوا ڀلي وڍي ڪڍي ڪنهن گهُرجائوءَ جي ڪم آڻجو. حياتي مماتيءَ جو ورجاءُ اهڙيءَ ريت ٿيندو اچي ٿو ۽ ٿيندو رهندو.

- وري وري اچڻ (ڄمڻ) ۽ وري موٽڻ (مرڻ - وسامڻ) واري خيال ۾ مونکي پڪ ٿي وئي آهي. پر جنهن تائين ۾ ماڻهو اک پٽي ٿو ته اک ٻوٽڻ تائين ان تائين جي خيالن هندو مسلم سک عيسائي يا ڪنهن به ٻئي خيال جي مانداڻ ۾ جيئي ٿو.
- پورهيت پنيءَ اگهاڙو ڪورٽ جي ڪارندن، وڪيلن، در تي بيٺل ڪوٺوار کان وٺي ويندي تپيدار، مختيارڪار، تائين ۽ اوطاق مسيت ۽ گاديءَ جو گڏيل شڪار آهي. انهيءَ ڪري ڏاريو اسان جي قوم خلاف مٿين ڏرين سان سڌو اڻسڌو ياڳي ڀائيوار آهي ۽ سٽيو گرهه ڪائي ٿو.
- سردار وڏيرا...! جي مان تو سان گڏ ناهيان ته تون ٽڪو نه ٿو لهين. چڱو ٿئي ته منهنجي ڏنل مانَ کي مِٽيو سمجهه. منهنجو تورائتو ٿيءُ.
- ننڍي هوندي بابا سان گڏجي اوطاق تي، ويو هيس ته بابا پيار گاڏڙ حڪم ڏنو هيو ته پُٽَ..! سائينءَ کي پيرين پَئُ. پر اڄ مان ايئين نه ٿو ڪريان. نه سائين ساڳيو نه مان ساڳيو نه پٽ ساڳيو ۽ نه وقت ساڳيو.
- مان عبدالقادر جوڻيجي جي ڪنهن افساني ۾ سندس لکيل هي اکر اڄ تائين وساري نه سگهيو آهيان جنهن ۾ سنڌ جي سماج ۾ زائفان جي حيثيت بابت چوي ٿو ته "زال ذات جي کهڙي ذات".
- سنڌ ڪئون سندس ناڻءُ ڪسي ڪيس نئون ناڻءُ ڏيڻ بابت منهنجي اکين

هيءَ نَوَنِڻَ ڪيڏجندي ڏِٺي ۽ آسَروَندُ آهيان تہ منهنجون اکيون هيءَ نَوَنِڻ ڊهندي ڏسنديون.

- منهنجي اکين سَنِ جي سائينءَ جي اکين ۾ آچپي جو اوسيئڙو ڏٺو هيو ۽ منهنجون اکيون سندس نيٽن ۾ نِرواڻُ ۽ سَرهاڻ ڀسنديون. سنڌ جي قيديءَ لاءِ پهرين اپريل 1936 اجهو ڄاڻ اچڻ واري آهي.
- وڏيري جي گارين ۾ نيمڪ حراميءَ واري گار بہ گهڻو ڪري هوندي ئي هوندي آهي. سوچجي تہ ڪير ڪنهن جو نيمڪ حرام آهي. هاري وڏيري جو يا وڏيرو هاريءَ جو.
- "جت ڪي ڏي پيار تہ جتيءَ سوڌو گلم تي." اها چوٽي چوڻ وارا! جڏهن ڏاندُ سِڱَ متائيندو تہ پوءِ پنهنجي گلم ڏي خير نہ سمجهجانءِ. سنڌ ۾ هڪ مذهبي ڏند ڪٿا آهي تہ هي ڌرتي ڏاند جي سِڱَ تي بيٺل آهي. جڏهن ڏاندَ جو سِڱَ ٿڪجي پوندو آهي تہ ڏاندُ سِڱَ متائي ڌرتيءَ کي ٻئي سِڱَ تي بيهاريندو آهي. سِڱَ متائڻ مهل ڌرتي ڏڏندي آهي. زمين تي زلزلو اچي ويندو آهي. سو ڏاندَ جو سِڱَ متائڻ معنيٰ ڌرتيءَ جو ڌڏڻ، انقلاب اچڻ.
- جوانڙا! واچوڙي جي ور چڙهي ويل پنهنجي مَنَهَن جو ڪَکُ بہ ڪوهنور سمجهہ ترار جي تاوَ کي ڏسي پنهنجي ڪکن تئون هٿ ڪڻندين تہ پوءِ ٻُتَ تي پيل چولو بہ پرائو چوندئي.
- ملان! جيڪڏهن ڪي اوپرا، تراريون ڪڻي، تنهنجي گهر ۾ گهڙي اچن، ڪڻي جو تون مسلمان نہ هجين. پنهنجي گهر ۽ مال ملڪيت ۽ ننگن کي بچائيندي آيلن هٿئون مارجي وڃين تہ پوءِ بہ تون ڪافر ۽ پاڻ کي مارجڻ جو حقدار ۽ انهن کي غازي سڏيندين؟: ڇو جو ڪلمو پڙهي، الله اڪبر جو نعرو هڻي پرائي گهر ۾ گهڙيا هئا.

- هر ڪنهن ڪي پنهنجي گهر جو حال ساريو پيو هوندو آهي، پر آڳريون ٻين ڏي کڻندو آهي.
- ملان کان اڳي جڏهن وات ڳاڙهو سوال ڪندو هيو تہ سائين! هيءَ ڳالهہ ڪيئن ۽ ڇو؟ تہ ملان پنهنجي اٽڪاٽائي لڪائيندي، کيس ڇڙٻ ڏئي چوندو هيو تہ بئيمان! الله جي ڳجهہ ۾ هٿ نہ وجهندو ڪر. وات ڳاڙهو ماٺ ٿي ويندو هيو پر سندس سوال نيروليءَ جي ڪُنَ ۾ گهمندڙ لٺ وانگر مٿي ۾ پيا ڦرندا هيا-

پر جيئن تہ هاڻي سائنس سماج ۾ پير کوڙيندي ٿي وڃي ۽ سوالن جا جواب ثابتين سان ڏيندي ٿي وڃي تہ وات ڳاڙهو ملان ڏي نهاري ئي نٿو- هاڻي ملان جهڙو آهي تهڙو ناهي- ڪمپيوٽر ۽ انٽرنيٽ زمين آسمان جي سموري پراڻي توڙي نئين ڄاڻ کي اکين آڏو آڻي بيهاريو آهي-
- سنڌ جي لوڪ ادب ۾ بادشاهن جي آکاڻين ۾ هڪَ ڳالهہ گهڻوڪري پڙهبي هئي تہ شهزادو جڏهن وڏو ٿيو تہ ملڪ جا وڏا وڏا پڙهيل عالم سگهورا کيس پڙهائڻ لاءِ آندا ويا-'پوءِ جڏهن شهزادي پڙهي پرجهي ڇيهہ ڪيو ۽ گهوڙي تي چڙهي گهمڻ جهڙو ٿيو تہ سندس استادن کيس نصيحت ڪئي تہ شهزادا! ملڪ جون ٽي ڪنڊون پلي گهم پر چوٿين ڪنڊ ڏي نہ وڃجانءِ- شهزادي ڪٿي جو چوٿينءَ ڪنڊ ڏي نهاريو تہ انهيءَ چوٿين ڪنڊ ڏي رڳو اونده ئي اونده هئي جنهن بابت سندس استادن عالمن سگهورن کي بہ خبر نہ هئي تہ انهيَ اونده ۾ ڇا آهي؟ پوءِ شهزادو گهوڙي تي چڙهي چوٿين ڪنڊ ڏي ڪاهي پيو ۽ ويو ڳجهہ جون ڳنڍيون ڇوڙيندو. گهوڙو اڄاتائين ڊوڙي رهيو آهي. گهوڙو ڪٿي ڇيهہ ڪندو؟ خبر ناهي.
- ڏسندڙ کي راند پاڻ ڏي ڇڪيندي آهي-

- جيڪڏهن پڙ ۾ ويهڻ جي سگهہ نہ هجي تہ پوءِ بہ پاسيرو ٿي بہ پڙ ۾ ڏيندڙ ويڙهہ ڏي نهارجي- ايئين ڪرڻ سان ماٺهو پڙ ۾ ويٺل پنهنجن سان گڏ هوندو ۽ پڻ ايئين ڪرڻ سان، پڙ ۾ ويٺل پنهنجن ڏي ڏسڻ سان، وطن ڪارڻ ويڙهہ ۾ ڪنهن بہ طرح سان، ڪهڙيءَ ريت بہ ڀاڱيڀائيوار ٿيڻ وارا ويچار سگهارا ٿيندا- وطن لاءِ وڙهڻ ڪان ڪن لاتار ڪندڙ نيٺ هيڪلو ٿي پاڻ بہ لوڙيندو آهي-
- اهو هڪ سوال آهي تہ جنهن جوان پڙ کي پاڻُ ڏئي ڇڏيو تنهن کٽيو يا هارايو؟
- جيڪو بہ ڏاريو وطن وارن سان وڙهندو تنهن کي نيٺ مٽو پوندو، تہ رڪ جا ڇٽا ڇپاڙي ناهن سگهبا-
- جوت جڏهن جوانيءَ جي چاڙهيءَ تي چڙهندي آهي تہ مڱي بہ ڏيک ڏيندي آهي- وڪ ڪٽڻ ۾ مڱي خيالن ۾ پنهنجي واٽ کي چٽي ۽ سنئين واٽ سمجهڻ جي مڱي، ڪنهن جي بہ پرواہ نہ هجڻ جي مڱي.
- لاڙڪاڻي ۾ وڪالت ڪرڻ لاءِ مون نومبر 1979ع ۾ ڪراچي ڇڏي، لاڙڪاڻي پهتس تہ مون لاءِ ڏچو پيدا ٿيو اهو تہ مونکي ٽاءِ ٻڌڻ نٿي آئي- (ٽاءِ ٻڌڻ وڪيل لاءِ ضروري آهي). ان مهل منهنجي ڄمار لڳ ڀڳ ٻائيتاليهہ ورهيہ هئي. سو هڪڙي ڏينهن لڄي ٿيندي، ڪورٽ ۾ سائين سوڀي گيانچندانيءَ کي ڪن ۾ چيم تہ سائين! مونکي ٽاءِ ٻڌڻ نٿي اچي- چيائين تہ سانجهيءَ مانوٽ اچجانءِ. سانجهي ٿي تہ سائينءَ جي گهر سندس چئمبر ۾ پهتس (وڪيل جي ڏنڊي واري دوڪان يا اوطاق کي چئمبر چئبو آهي) سائينءَ حڪم سان پنهنجي سامهون واري صوفي تي مونکي وهاريو. چيائين تہ مونڏي نهارءِ پوءِ هوريان هوريان ٽاءِ کي ڪنڌ ڪئون ورائي ٻنهي هٿن ۾ جهلي وراڪا ڏئي ٻڌي وري ٽاءِ ڇوڙي وري

ٻڏندو ويو. مان پوري ڏيان سان تاءِ کي ٻڏجندو ۽ چڙندو ڏسندو رهيس. جڏهن سائينءَ چوٿون پيرو تاءِ ٻڏي ۽ چوڙي تہ تاءِ مونکي ڏئي چيائين تہ هاڻي تاءِ ٻڏي ڏيکار. مان تاءِ ٻڏي ويس. اهڙيءَ طرح چار پيرا سائينءَ تاءِ ٻڏرائي. پوءِ اها تاءِ مونکي ڏئي چيائين تہ مونکي بہ 52 ورهين تائين تاءِ ٻڏڻ نہ ايندي هئي ۽ پوءِ جڏهن وڪالت ڪرڻي پئي تہ تاءِ ٻڏڻ سکيس.

- ڏارئي سان پاڻي ڪجي، سڱ سچاڻي ڪجي.
- ڏارئي جي ونجي خبر چار پر پنهنجي سان ڪن لاتار.
- ننگر جهڙو يار ڪونهي، ٻڏيءَ جهڙو هٿيار ڪونهي.
- هڪڙا ماڻهو وطن جا شهيد، ٻيا سچ چوڻ تي شهيد ۽ ٽيان حالتن جا شهيد.
- ميوو منداڻتو پلو ڏڪ هنڏاڻتو پلو.
- ڪراڙو ڪمئَ وانگر هلي، چوڪرو شينهن وانگر ڊوڙي.
- درياهہ کي پاڻي کپي، هيءَ رات وهاڻي کپي.
- رج وٽ پاڻي ناهي، سانجهيءَ وٽ سوجهرو ناهي.

رات وٽ روشني ناهي، ڏارئي وٽ ڏرتي ناهي.

- 1974 ڌاري، پنهنجي ڪنهن ڪچهريءَ ۾ شهيد ذوالفقار علي خان ڀٽي سائين جي ايم سيد بابت چيو تہ پاڪستان جو دشمن آهي، جيسيتائين جيئرو هوندو ٻاهر ڪون ڪڍندومانس. اها ڳالهہ ڪنهن چيٽي- پوروءَ سائينءَ جي ڪن تائين پهچائي. سائينءَ موٽ ڏيندي چيو تہ پاڻ هوندو ئي ڪو نہ. تاريخ ٻڌائي ٿي تہ ٻنهي ماڻهن جيڪي ڪجهہ هڪ ٻئي لاءِ چيو اهو سچ ثابت ٿيو. پوءِ سائين پنهنجي ويل وقت ڏي نهاري چيو تہ جيڪو ڏوهہ ڪيو اٿم تنهنجي سيڪت الائي ڪڏهن پوري ٿيندي! اهي اُهي ڏينهن هيا جڏهن مون سنڌ جي انهيءَ پنهون کي پنهجو پُورُ ڪيو

هيو. پر اڳتي هلي مان سسئي ٿي نہ سگهيس. پر جنهن پنهونءَ کي مون پُورُ ڪيو هيو سو پنهون پاڻ سسئي هيو. سنڌ لاءِ سسئي! سسئي ٿي ساهہ ڪنيائين سسئي ٿي ساهہ ڏنائين.

- ڏائڻ نہ ماءُ هوندي آهي نہ ڌيءُ، نہ پيڻ ۽ نہ وري زال. ڏائڻ ڏائڻ هوندي آهي. ڪيس گهر ۾ نہ ڪنهن جو ڪلڻ وٺندو آهي ۽ نہ خوشي. ڏائڻ رات جو اتي مقام ۾ وچي مثل ماڻهن جا هنيانوَ ڪڍي ڪونہ چباڙيندي آهي پر پنهنجي گهر ۾ پاتين جا هنيانوَ پٽي چباڙيندي آهي. ماڻهوءَ جو سياءُ جمڻ کان وٺي مرڻ تائين متائي نہ سگهبو آهي توڙي جو ڪيس پوٽيون پڙهائجن. ڏائڻ رڳو زائفان نہ ٿيندي آهي پر مرد بہ ڏائڻ ٿيندا آهن. اتهاس/ تواريخ ۾ علاؤالدين خلجي، چنگيز خان، تيمور منڊو، موڪو ميربحر، روباراٽي، مدينا ماچاٽي، (ڄام نظام دين عرف ڄام نندي جي زال) اهڙا نالا آهن جن کي ڏائڻُ يا ڏائڻ چئي سگهجي ٿو.

- هند سنڌ جي اتهاس / تواريخ ۾ بہ زائفائون پنهنجي يارن سان گڏ مشهور ٿيون. هڪڙي راڌا جيڪا ڪرشن جي نالي سان ڳنڍجي وئي جيتوڻيڪ ڪرشن جي زال رڪمڻي هئي. مندر ۾ ڪرشن جا پوڄاري پهريائين راڌا جو نالو وٺي پوءِ ڪرشن جو نالو وٺندا آهن.

راڌي شيام يا راڌا شيام.

ii. ٻي زائفان هئي سهڻي. سندس مڙس جو نانءُ تہ ڏم هيو پر مشهوري ماڻيائين ميهر سان محبت جي ڪري. اڄ تائين لوڪن جي وات تي آهي سهڻي ميهار.

- همراھہ ڪنھن ڳالھہ تي ڪاوڙ ۾ اچي پنھنجي جوءِ کي ڪچيون گاريون ڏيڻ لڳو. زال ڪلي چيس تہ "هونءَ تہ هونءَ" پر گارين ۾ بہ مونکي خوش ٿو ڪرين.
- مان وري وري نانھن ۾ ويندڙ ۽ وري وري موٽي ايندڙ جيو آهيان. جيئن وقت فاني ناهي تيئن مان بہ فاني ناهيان. جيئن وقت سدائين رهندو تيئن مان بہ سدائين رهندس، نون نالن، نانون ۽ نون نيڪامن سان. بهشت دوزخ سرڳ نرڳ، ڪٽيل رتيل، ٻڏايل ماڳ، انت جا اهڃاڻ سڏجن ٿا. پر سچ اهو آهي، منھنجي سمجھہ پٽاندڙ ٿاٽو ۽ مان اننت آهيون.
- اسان سنڌي ماڻھو جيتن جڻين جھنگ جي جانورن ۽ پکي پکڻ وانگر آهيون ۽ انھن سان گڏجي جيئون ٿا. اسان ڪکاون گھرن ڪچن ڪوڻن چوٽرن ۾ رهندڙ ڪُتِ خلق آهيون. رُڪي سڪي اجا تائين اسان وٽان وئي ناهي. اسان اشرف المخلوقات ناهيون. پورهيت ۽ هاري ڪڏهن بہ اشرف المخلوقات ناهي ليکيو. اجوڪيءَ سنڌ ۾ اشرف المخلوقات آهي يا تہ ڏريئون ٿي ڏاريو يا وري اوطاق، مسيت، گاديءَ جو ٽِڪندو. پر پيارا! وقت بادشاھہ سدائين ساڳئي ستاوَ سان ناهي هلندو. نيٺ، اسان بہ جيڪي هاڻي ڪُتِ-خلق آهيون، اشرف المخلوقات ٿينداسين.
- درٻاري ۽ درٻار کي ويجها ماڻھو ئي اشرف المخلوقات هوندا آهن، سنڌ جي ٽڪنڊي (اوطاق، مسيت، گادي) وارا ماڻھو جيئن تہ طاقت جي سرچشمي، درٻار کي ويجها هوندا آهن ۽ ڪُتِ خلق جا اصلي ازلي دشمن آهن تنھن ڪري ڪين اشرف المخلوقات سمجھڻ ڪپي. جيسيتائين اهي نہ ڍهندا تيسيتائين سنڌ نہ ٺهندي.
- هاڻي سائنسي کوجنائن جا ڦل ڪائيندي اشرف المخلوقات مخلوقات

ڪي تباهيءَ ڏي ڏڪيون ٿي وڃي. جيوت جي سونهن وڃي ٿي گهٽبي. بم بارود جا ڪيترائي قسم ماڻهوءَ سوڙو جيت جٽيي پکي پکڙ وڻ ٻوٽي ڪي وڃن ٿا ختم ڪندا.

- پنهنجي اٽپوري سمجهہ ۾ ٿورڙي چاڻ انوسار سمجهان ٿو تہ ماڻهوءَ جي ماڻهپي نفسيات سياوَ ذهن بابت جيترا پڪاپختا خيال هوميوپيٿيءَ ڏنا آهن اوترا پڪا خيال ٻئي ڪنهن بہ طب يا نفسيات جي ڪتابن نہ ڏنا آهن.
- محمود غزنوي، محمد غوري، چنگيز خان، تيمور منڍو بابر، اورنگزيب، نادر شاهہ احمد شاهہ ابدالي جهڙا نالا ڳڻپ ۾ اچن ٿا. اهي اهڙا ماڻهو هئا جن جي من ۾ هڪ تہ رڳو آنڌ مانڌ بيقراري بي چيني رهندي هئي ٻيو تہ چئي نہ سگهبو تہ سندن ٻي وک ڪڏهن ۽ ڪيڏانهن کڄندي ۽ ٽيون تہ ظلم ڪرڻ ڪنهن کي ڏکوئڻ منجهان ڏاپندا ڪونہ هئا. توهان اهڙن ماڻهن اهڙي سياوَ وارن کي پلي مات ۾ ڏسو پر انهيءَ مات ۾ بہ سندن من ۾ خيالن، چاڪريان چانہ ڪريان جي، سانوٽيءَ جي درياهہ وانگر ولوڙ هوندي. اوڙي پاڙي ڳوٺ راڄ ۾ نهاريندئو تہ اهڙا سياوَ مزاج ذهن توهان کي چٽا ڏسڻ ۾ ايندا. اهڙن ماڻهن منجهان چڱائي ڀلائيءَ جي اميد آسرو رکڻ ايئين آهي جيئن ٻڍرن کان ٻير گهرڻ.
- ٻين سياويڪ ڳالهين سان گڏ سنگت ڇڏي يا گهاٽي ٿيندي آهي ملندو رهڻ سان.
- 1943 ڌاري، ڪن گهرو ٻيوسائن سبب، مون حيدرآباد ڇڏڻ پئي گهري. ڀائو حميد سنڌي، جيڪو پوءِ خيرپور يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسيلريءَ تائين پهتو پنهنجي بابا سائين سيٺ محمد اسمائيل ميمڻ کي، جيڪو تڏهن ضلعي لسٻيلي جو ڪليڪٽر (ڊپٽي ڪمشنر) هيو

چيو تہ بابا! منهنجي سنگتي خادم حسين ابڙي کي لسٻيلي ۾ نوڪري ڏيو. سيٺ محمد اسماعيل ميمڻ کي پنهنجي نالي سان گڏ سيٺ انهيءَ ڪري سڏيو ويندو هيو جو نوشهري فيروز جي هن گهراڻي کي سيٺيون سڏيو ويندو هيو. ضلعي لسٻيلي جي آفيس تڏهن حب چوڪيءَ تي هوندي هئي. سيٺ صاحب مهرباني ڪري مونکي لئنڊ سيٽلمينٽ ۾ اڪائونٽنٽ ڪري رکيو. هي اهي ڏينهن هئا جو سنڌي ہروچن پناهُن جي ملڪيتن تي سڏي قبضي لاءِ ڀهريائين تہ ون يونٽ ٺاهيو ويو ۽ ہيو تہ ون يونٽ جي فائدن کي تڪڙو پنجاب جي جهوليءَ ۾ وجهڻ لاءِ 8.10.1958 تي ملڪ تي مارشل لا آندي وئي. جنهن جي هٿ ۾ بندوق هوندي آهي انهيءَ ماڻهوءَ وٽ نہ عقل هوندو آهي ۽ نہ ئي وري عقل جي گُهرج. هاڻي جڏهن مان هي ہہ اکر لکي رهيو آهيان تہ سمجهان ٿو دروپديءَ جي پاٿرن وڏي ڏاڍ ۽ دوکي سان اسلامي پاڻيءَ کي ٻن ڏيئي جيڪو تڏهن پوکيو اهو هاڻي لڻڻ ڏي وڃي رهيا آهن.

ڳالهين ڪندي حميد سنڌي ياد آيو آهي تہ پاڻوءَ بابت هت ہي ہہ هڪ اڌ ڳالهہ ڪندو هلان. 1964 جي ساوڻ جي منڊ ۾ ہہ ناميارا اديب اتم ۽ سندس وني سندري ويزا وٺي سنڌ ۾ پنهنجا اباڻا ڪک ڏسڻ آيا هئا. حميد ڪڏهن ڪڏهن ابي امان سان رسندو پرچندو ہہ هيو. توڙي جو جوان هيو پر پوءِ ہہ ہار ماءُ پيءُ اڳيان ڪڏهن ہہ وڏا ناهن ٿيندا. سدائين ہار هوندا آهن. حيدرآباد جي هيرآباد جي روپ محل ۾ ہہ ماڙ تي حميد جي جاءِ هئي. پاڻو حميد جيئن تہ ڪاموڙڪو ہارهوندي ہہ سنڌ جي ادبي لڏي سان پاڻ کي سلهاڙي چڪو هيو سو ٻنهي ڪالهہ جي سنڌ جاون اڄ جي سنڌ آيل ادبي ماڻهن جي مان ۾ انهيءَ روپ محل ۾ ماني ڪئي هيائين. اهي ڏينهن جون جولاءِ جا هئا. منهنجي ڇتڙن جو يار ناصر

مورائي پڻ انهيءَ آجياڻي ۾ آيو هئو پر ڪوٽ پائي آيو. جمال رند پڇيو چرچي جي نيت سان وڏي تپرس مان ناصر مورائيءَ کان تہ ناصرا ڀهڙي گرميءَ ۾ تون ڪوٽ ڇو پائي آيو آهين؟ ناصر جواب ڏئي ئي ڏئي تنهن کان اڳ امداد حسينيءَ مرڪندي جمال رند کي ٻڌايو تہ ادا! ناصر ڪوٽ انهيءَ ڪري پائي آيو آهي جو ڦاٽل قميص ڪانهيس. بس پوءِ تہ سائين سنگت جا ٽهڪ بس ئي نہ ڪن.

- ايئين ٿي گهڻا ورهيہ پوءِ امداد حسيني گرومندر ڪراچيءَ ۾ مونکي اوچتو ملي ويو. مان خوشيءَ وچان ويس ڪانئس ساندهہ سوال ڪندو. امداد پائو! هاڻي ڪاٿي رهندو آهين، ڪرين اڄ ڪلهہ ڇاٿو............ تہ مرڪي پڇيائين تہ (CID ۾) نوڪري ملي اٿئي ڇا؟

- اڄ سنڌي ادبي سنگت حيدرآباد جي لڏي جي ڳالهين جا ڪبوتر منهنجي اکين آڏو نچي رهيا آهن دل چوي ٿي تہ توهان کي هيءَ ڳالهہ بہ ٻڌائيندو هلان. حيدرآباد رسالا روڊ تي آمهون سامهون بخارا هوٽل ۽ ڪراچي هوٽل هوندا هيا. ورهاڱي کان پوءِ اُڌ پادر جيڏا وڏا سمبوسا بہ بخارا هوٽل ۾ لڏي آيا هئا. سنڌي ادبي سنگت جو لڏو گهڻو ڪري سانجهيءَ جو ڪراچي هوٽل ۾ اچي وهندو هئو. ان وقت جي سنڌي اديبن شاعرن، شمشير حيدريءَ سوڌو اهو سچ سمجهي ورتو هيو تہ هي جو ٻاهرئون آيل اردو ادبي لڏي جا ماڻهو ڪاري چانهہ جو ڪوپ پري ۽ پوءِ هڪ ڦڙو ڪير جو منجهس وجهي پوءِ اها ڪاري چانهہ پيئن ٿا تہ اهڙي ۽ ايئين چانهہ پيڻ سان لڳي ٿو تہ اديب شاعر جو عقل اڌرڻ لڳي ٿو. سو اسان وارا يار بہ ايئين ئي لکنئوءَ وارن جي واٽ تي هلندي ڪاري چانهہ سان ڪوپ پري، انهيءَ ۾ هڪڙو ڦڙو ڪير جو وجهي چانهہ پيئڻ لڳا هئا. ڪير جو ڏونگهو اوتري جو اوترو پريل پيو هوندو هئو. مان وري انهيءَ ڪير

جي ڏونگهي ۾ هڪڙو ٿڙو ڪاريءَ چانهہ جو ۽ چار چمچا کنڊ جا وجهي سنگت سان سن مک ٽيندو رهندو هوس ۽ سنگت ڏند ٽيڙي مونڏي پئي ڏسندي هئي.

نيٺ هڪڙي سانجهيءَ مونڏي ڏسندي ڏسندي جمال رند ٿهڪ ڏئي چيو تہ اسان جي سنگت ۾ هيءُ خادم حسين ابڙو آهي عاشق ڪير ـ پياڪ.

سنگت وارا منهنجي انهيءَ حال ۽ جمال جي ڳالهہ تي ڏاڍو کليا. پوءِ سنگت وٽ مونتي نالو پئجي ويو عاشق ڪير ـ پياڪ. هاڻي جڏهن پوئتي نهاريندي پنهنجا ڏينهن راتيون سارڻ لڳو آهيان ۽ وڏي عجب سان هيءَ ڳالهہ سمجهڻ لڳو آهيان تہ جمال تہ چرچي ۾ مونکي ڪير ـ پياڪ سڏيو پر اهو جمال جي واتئون نڪتل چرچو سورهن آنا ساپيان ۽ سچ هئو ۽ اها تقدير هئي منهنجي مون بابت. مان اڄ تائين ڪير ـ پياڪ بار ئي رهيو آهيان!

وڪون ڪٽندي ڪٽندي ڪڏهن بہ اهو سمجهي نہ سگهيس تہ ڪريان ڇاتو ۽ ڪيڏانهن ٿو وڃان. ڪٿيءَ جا نتيجا ڪهڙا نڪرندا. هاڻي اتي مان ڪٿيءَ جي ڪُنَ ۾ ڦاسي پيو آهيان ۽ وري ٿورو پوئتي موٽندي دل چوي ٿي تہ توهان سان هڪڙي ٻي ڳالهہ بہ ڪندو هلان.

مئٽرڪ پاس ڪري موري مان ماما وٽ حيدرآباد آيس. ماما ايريگشن کاتي ۾ نوڪري ڪندو هيو. سندس سياءُ ۽ ڳانڍاپو علاما عنايت الله مشرقيءَ جي خاڪسارن سان هئو. ماما مونکي پاڻ وٽ ڪلارڪي وٺرائي ڏني. نوڪريءَ جي الا توهار ٢٢٠٠٦٠١٩٥٦ تي ٿي. نوڪري ڪندي هڪڙي ڏينهن ٽائيپنگ برانچ جي انچارج هالن جي وينل احمد علي قريشيءَ سينئر ڪلارڪ ڪنهن ڳالهہ تي مونکي ڇڙٻون ڏنيون. مان ڪيس ڇڙٻن جي موٽ نہ ڏيئي سگهيس، ڪنهن ڇيٽي-پوروءَ اها ڳالهہ ماما کي

اچي ٻڌائي. ماما مونکي سڏي چيو تہ استيفا ڏئي ڳوٺ موٽي وڃ. سوالي اکين سان ماما ڏي نهاريم تہ ڇو ماما؟ ماما چيو تہ هت هن آفيس ۾ جنهن کي وٽندو توکي ڇڙٻون ڏيندو ۽ تون ٻوٽ پيلوڪري ماٺ ڪري اچي ڪرسيءَ تي وهندين؟! مون ڪنڌ هيٺ ڪري ماما جا اهي اکر دل ۾ رکي ڇڏيا. ٿورن ڏينهن کان پوءِ ماما مهينو کن ڏگهي موڪل ورتي. انهيءَ مهيني کن ۾ مون آفيس ۾ رڳ ٻاري ڏنو. هِن سان جهيڙو هُن سان تڪرار اجايا سجايا ڏند چڪ، آفيس وارا مون منجهان بنهہ ڪڪ ٿي پيا. رڳو انهيءَ اوسيئڙي ۾ هجن تہ اچي محمد صالح تہ ڪيس دانهن ڏئي هن همراهہ مان جند ڇڏايون. انهيءَ وچ ۾ هڪڙي سينئر ڪلارڪ مونکي سڏي پنهنجي سامهون وهاريو. سندس نانءُ هئو ايم اي ڪافي ايم اي، محمد احمد ڪافي ايم اي، پهرين ايم اي ۾ سندس نانءُ ۽ ڪافيءَ کان پوءِ ٻي ايم اي سندس ڊگري، قد ڪاٺ ۾ ڊگهڙو سنهڙو ۽ رنگ ۾ ڪوئلو. مونکان پڇيائين تہ تنهنجو نانءُ ڇاهي. وراڻيو مانس تہ توسان گڏ مهينن کان نوڪري ٿو ڪريان، توکي منهنجي نالي جي خبر آهي، پوءِ بہ تون اڄ مونکان منهنجو نالو ٿو پڇين.................ڇو؟ مسٽر ڪافيءَ پيار پريل حاڪميت سان پنهنجو سوال ورجايو جواب ڏنو مانس تہ منهنجو نالو آهي خادم حسين. صلاح ڏنائين تہ پنهنجو نالو مٽاءِ. ڇو نالو مٽايان پنهنجو؟ .... همراهہ پنهنجي نصيحت ورجائي .... پنهنجو نانءُ مٽاءِ! پڇيو مانس تہ ڪافي صاحب! ڪو سبب ڪو ڪارڻ تہ ٻڌاءِ پنهنجي انهيءَ صلاح انهيءَ نصيحت جو. مسٽر ڪافيءَ چيو تہ توکي خبر ناهي تہ حسين سان ڇا ٿيو؟ مونکي 13.10.680 عيسويءَ واري جمعي جي ڏينهن ڪربلا ۾ امام عالي مقام سان سندس ڪهول ۽ سندس سنگتين ساٿين سميت ٿيل واردات ياد آئي............ پر مسٽر ڪافيءَ جي ڳالهہ اڃا بہ ڊول

۾ نہ ويٺي. مان ڏانهس ڏسندو رهيس، نيٺ ڳالهہ سمجهائيندي چيائين تہ ڪربلا ۾ وقت حسين سان ايترو ڪجهہ ڪيو اهو تہ حسين هئو تون تہ حسين جو خسيس خادم آهين. جيڪڏهن پنهنجو نالو نانءُ نہ مٽائيندين ۽ خادم حسين ٿي رهندين تہ پوءِ جوان! حياتيءَ ۾ سک نہ ڏسندين. مسٽر ڪافيءَ جا اهي ٻول ٻڌي منهنجا ٽپ ٽري ويا. ڪن پل تہ ماٺ ٿي ويس. جهٽ ڪن ڪان پوءِ چيومانس تہ مسٽر ڪافي! مونتي اهو خادم حسين نالو اهڙي ماڻهوءَ رکيو آهي جيڪو منهنجو پيءُ بہ آهي تہ امان جي ٿي جيئري منهنجي ماءُ بہ آهي. تنهن ڪري منهنجو فيصلو اهو اٽٽي تہ پلي ڪٽي حياتيءَ ۾ مونسان ڇا بہ ٿئي پر مان بابا جي رکيل انهيءَ نانوَ سان ئي جيئندس ۽ انهيءَ نانوَ سان نباهي چڙهندس. مان پوءِ اٿي وڃي پنهنجي ڪرسيءَ تي ويٺس. ڳالهہ آئي وئي ٿي وئي. پر هاڻي پوڻتي نهاريندي لڳي ٿو تہ مسٽر ايم اي ڪافي ايم اي جي مون بابت اڳڪٿي سورهن آنا سچ نڪتي. مان پوءِ پنهنجي باقي حياتي پل چڪ جي اهڙي پيچري تي پنڌ پيس جو مونکان سک رسي ويو. ويندي اڄ تائين! ۽ پڻ تاريخ ڏي ڏسندي اڄ تائين انهيءَ انسني ۾ آهيان تہ جن بہ ماڻهن جي نانوَ سان حسين ڳنڍيل آهي انهن ماڻهن گهڻو ٿڻو خوشيون ڪو نہ ڏٺيون.

- 1980 واري ڍاڪي جي پوئين اڌ ۾ هڪ پيري شيخ اياز لاڙڪاڻي ڪورٽ ۾ آيو. سائين سوڀي گيانچندانيءَ ساڻس منهنجي سڃاڻپ ڪرائيندي ڪيس ٻڌايو تہ هي آهي خادم حسين ابڙو Grown up boy (بالغ ڇوڪرو). مونکي سائين سوڀي جا مون بابت اهي چيل لفظ دل سان لڳا ڇو تہ 1974 ڌاري منهنجو سلفر طاقت ڏهہ هزار (Sulpher (Potency 10 M ڪاڏل هئو ۽ مان مٿين دوا جي اثر ۾ هلي رهيو هوس.
- 1960 ڌاري حيدرآباد جي صدر جي علائقي ۾ هڪ سانجهيءَ جو سنڌي

ادبي سنگت ڪچهريءَ ۾ سنڌ جي مهان اديب شاعر ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۾ نوڪري ڪندڙ آغا سليم پنهنجي هڪ ڪهاڻي پڙهي هئي. جيڪا هڪ اهڙي ڇوڪريءَ بابت هئي جنهن جي سياوَ ڪي سمجهڻ سندس گهرڀاتين جي وس ۾ نہ هيو. اها ڪهاڻي سنڌي ادبي سنگت جي ڪچهريءَ ۾ ويٺل يارن کي بہ سمجهہ ۾ نہ آئي تہ ڪهاڻي جو ليکڪ نيٺ ٻڌائڻ ڇا ٿو گهري. اسان سيني پنهنجي پنهنجي سمجهہ آهر ساڳي ڳالهہ ڪئي تہ آغا سليم جي هيءَ ڪهاڻي اسان جي ٽيڪاٽپڻيءَ کان ڇڙهيل آهي. آغا سليم سندس ڪهاڻيءَ بابت رايا ٻڌي صَفا وسامي ويو. سائين محمد ابراهيم جويي صاحب ڪهاڻيءَ ۾ ڪم آيل لفظن ۽ جملن جو ڇيد ڪري ڪهاڻي ويٺلن کي سمجهائي. اتي آغا سليم کي جڻ تہ ساهہ پئجي ويو تہ ڪو تہ آهي هن ڪچهريءَ ۾ هن منهنجي ڪهاڻي کي سمجهڻ وارو! سو امالڪ رڙ ڪري چيائين تہ سائين جويا صاحب! مون هيءَ ڪهاڻي آندي ئي رڳو توهان کي پڙهي ٻڌائڻ لاءِ هئي. مون بہ دير نہ ڪئي آغا سليم کي چيم تہ پوءِ تون اها ڪهاڻي پڙهڻ لاءِ هتي ڇو ڪٺي آئين. توکي تہ کپندو هو تہ اها ڪهاڻي ٽپال ۾ سائينءَ ڏي موڪلين ها. بس پوءِ تہ ٺهڪ ٺي ٺهڪ. آغا سليم ڪاوڙ ۾ مونڏي نهاري چپ ٿي ويو. سائين جويو صاحب بہ مرڪڻ لڳو. منهنجو اهو ڏوهہ آغا سليم ڪڏهن بہ نہ بخشيو. واٽ پنڌ تي جتي جڏهن ملئون تہ چوندو هو آ نقاد صاحب! مان ڪلي ڪٺي ياڪر پائيندو هو مانس. اهي هيا تڏهوڪي حيدرآباد جا ڏينهن اهي صبح اهي سانجهيون.

← لڳي ٿو تہ ڌرتيءَ تي رهندڙ قومن ۾ گهٽي ۾ گهٽو چرچو چرچي جو هنر ۽ ڏانءُ سنڌ جي ماڻهن وٽ سجيهہ آهي. چرچو ڏکن سورن کي پنيءَ پاڏهون اڇلائي، ٺهڪ ڏئي جيئڻ جو وڏو هنر آهي. چرچي ۾ بہ ڏاهپ ايئين ئي

چوٽ تي هجي ٿي جيئن ڪنهن فلاسافر جي ڳنڀير تا ۾. ڪنهن ماڻهوءَ جي هلڻ گهمڻ، ڏسڻ وائسڻ، ڳالهائڻ جي ڏانوَ بابت ڳالهائيندي يا سندس حالت تي، چرچو ڪندڙ انهيءَ ماڻهوءَ جي تصوير اهڙي تہ نموني چٽي ويندو آهي جو ٺهڪ تہ ٺهڪ پر ڏاهپ بہ واهہ جو هوندي آهي سندس انهيءَ لفظن جي اُٿتِ ۾. اهو ايئين انهيءَ ڪري آهي جو سنڌي ماڻهوءَ وٽ ڏک سور گهڻا هجن ٿا. تڪندي (اوطاق مسيت گاديءَ) ڪي چڏيءِ ڪو بہ ماڻهو گهڻو تڻو ڏکن کان پالهو ڪونهي. لطيف سائين سندن سورن ۾ ياڳيپائيوار ٿيندي چوي ٿو تہ ڏنا جي ڏاتار جهوليءَ پائي مون جهليا. سنڌي ماڻهوءَ ۾ مٽيءَ ماءُ جي سهپ جيتري سهپ هجي ٿي. ۽ چاڪاڻ تہ سُور ماڻهوءَ ۾ سهپ ۽ سمجهہ وڌائن ٿا تنهن ڪري ئي سنڌي قوم وڏن لاهن چاڙهن کان پوءِ بہ ميسارجڻ کان بچي وئي آهي. ڪُتِ خلق ايامن کان اها ڳالهہ سمجهي ورتي آهي تہ

ڪڏهن ٽجي واٽ

ڪڏهن پئجي ڪَنُ تي

ڪڏهن ٽجي ڪات

ڪڏهن ٽجي ہڪرو

- سنڌي ڏاهو آهي ۽ اها ڏاهپ ڪيس ڏکن ڏني آهي. ڏاهپ سهپ ڪي ۽ سهپ ڏاهپ ڪي وڌائي ٿي. اهي ٻئي وڏا گڻ سنڌ ڪي اتهاس (تاريخ) ڏنا آهن. ۽ اهي ٻئي گڻ ايئين پنهنجي پاڻ ۾ سلهاڙيل آهن جيئن واڍِ جون سنهڙيون نوڙيون.
- شال نہ ڪسجن. دلگهريا گهرجن ٿا. ٽنجڻن ۾ بہ، ہالپڻ ۾ بہ، ساماڻجڻ کان پوءِ بہ ۽ ڪراڙپ ۾ پڻ.
- ڳالهائڻ مهل ماڻهو ٻار تي ڳالهائي چاڪاڻ تہ ٻار سچ ڳالهائيندا آهن.

پڌڻ وقت بہ ماڻهوءَ کي گهرجي تہ ٻار تي ٻڌي چو تہ سچ سمجهڻ لاءِ ٻاروس ڪندا آهن.

- ماڻهو ڪِوِل جيترو جيئي يا هاٿيءَ جيترو پر وکون وطن وارن لاءِ کڃڻ کپن.
- قرآن شريف ۾ ڪنهن هنڌ لکيل آهي تہ تنهنجي گهرج کان گهڻو جيڪي بہ تو وٽ آهي اهو تو وٽ گهرجائو ماڻهن جي امانت آهي. تون اها ڳالهہ ڪٽي نہ بہ مڃين ۽ اهو چوين تہ تنهنجي ڪمايل ملڪيت تنهنجي آهي تہ پر پوءِ بہ تون اهو ڏس تہ تون ائن پهرن ۾ ماني رڳو تي پيرا ڪائي سگهين ٿو. اوچڻ بہ وڏ ۾ وڏ ٽي پيرا. تہ پوءِ اهو چو نہ ٿو سمجهين تہ گهرج کان وڌيڪ جيڪي ڪجهہ تو وٽ آهي اهو تنهنجو ناهي، تولاءِ نہ آهي، تنهنجي ڪم نہ ايندو. پنهنجي پونيرن لاءِ ميڙ پلي پر پوءِ اهو بہ ڏسندو هل تہ پٽ پيءُ کي پاءُ پاءُ کي، پيڻ پاءُ کي، زال مڙس کي ميڙيل مڏيءَ ڪاڻ ڪيئن ٿا ڪُهن. تنهنجو ميڙيل مال، تو سوڌو تنهنجي ڪهول کي نندون ڪرڻ نہ ڏيندو.
- عيسوي سن 3.3.1943 تي سنڌ اسيمبليءَ منجهان پاڪستان جي رٿ ميجرائيندڙ سال 1973 ۾ سنڌوديش جي پيڙهہ جو پٿر تڏهن رکيو جڏهن علڻ فقير ۽ مونکي نشترپارڪ آڏو سندس بنگلي حيدر منزل ڪراچيءَ ۾ چيائين تہ اياز جي سنڌوديش بابت ناهيل قومي تراني (سنڌوديش مهان) کي سُرَ ۾ آڻيو. مونکي ان ڪري علڻ فقير سان ڳنڍيائين جو چيمر تہ مونکي بہ ڳائڻ ايندو آهي.
- ڪرو کيتر جي پڙ تي ساندھ سترهن ڏينهن وڙهي ويندڙ ويڙهہ جي چار جا گهڻ پاساوان وکا اٽندي، سيني ڏِسائن کي اک ۾ رکندي، ارجن جو رٿ هلائيندي ارجن سان ڳالهائيندي، ارجن کي سنسار جي مانڊاڻ بابت

ٻڌائيندي سمجهائيندي سندس گرو ڪرشن ڀڳوان جيڪي ڪجھ چيو انهن سترهن ڏينهن جي ڳاله ٻوله گيتا جو روپ ورتو. گيتا جي ڇهين باب (اڌياءَ) انوسار:

١. سنياسي انهيءَ ماڻهوءَ کي چئجي ٿو جيڪو پنهنجي جيوت ۾ ڏيندو ئي رهي، پنهنجو ڏيڻ وساريندو رهي ۽ ڏئي نہ پڇاري.

٢. جوڳي انهيءَ ماڻهوءَ کي چئجي ٿو جيڪو ڪم ڪندو ئي رهي ۽ سماج ۾ هڪجهڙائي، هڪجيترائي ۽ سک آڻڻ لاءِ ٻاھ ٻاريندوئي رهي (ٻري جن ٻاري آءَ نہ جيئندي انريءَ).

٣. سنياس ۽ جوڳ ماڻهپي جا ٻہ تمام وڏا گڻ آهن ۽ ماڻهپي جي چوٽ تي پهچڻ لاءِ متئين ٻمتيون ڏاڪو هجن ٿا.

1. فبروري 1848 عيسويءَ ڌاري پنهنجي وقت جي فلاسفرن ڪارل مارڪس ۽ فريڊرڪ ائنگلس، يورپ کي پورهيتن جو بهشت بنائڻ لاءِ ڪميونسٽ پڌرنامو ڏنو.

2. لطيف سائين ۽ لنواري شريف جي سائين محمدزمان پڻ هيئين بيتن ۾ 1748 عيسويءَ ڌاري، سنڌ کي اهڙوئي پڌرنامو ڏنو.

هڪڙي، جا تومل عيد سا اسان سوءِ ورتي سومرا چئي، سڪئي ۽ سجي جي وچ ۾ ويڇي جي ليڪ کي چٽو ڪري بيهاريو.

ٻئي، اُسرُ اپن ڏانهن مچڻ رهين رڄ ۾ جزي جائز ناھ ڪل ريءَ ڪترڻ ڏينهڙا، چئي ماڻهوءَ کي ٻڌيءَ ڏي چڪيو.

3. متين ٻنهي ڏاهن جي خيالن، شاھ عنايت لانگاھ شهيد جهوڪ واري جي هٿارئون، اڳم ئي عمل جو روپ ورتي چڙيو هيو پر پوءِ، اوطاق مسيت گاديءَ جي ٽڪنڊي کي اها ڳاله نہ وڻي ۽ پوءِ انهيءَ ٽڪنڊي دهليءَ جي دربار کي

سارڻ ڪٽي سنڌي سماج ۾ انقلاب آڻڻ جي ويڙهه ڪي اڳتي اچڻ نہ ڏنو. ۽ اتهاس (تاريخ) ۾ (انقلاب) نواڻ جو ڦيٿو ڪجهه وقت لاءِ بيهجي ويو.

- سائين اشرف علي شاهه ويٺل مورو ۽ عبدالغفار انصاريءَ ويٺل اصل هالا شريف جهڙا استاد مليا. سائين اشرف علي شاهه دليل جي دنيا جي شهنشاهه فائينل پاس ڪرائي، مولائي بابا جي دانهن ڏيڻ تي، سُنيءَ مان شيعو بڻايو. ادي عبدالغفارانصاريءَ مئترڪ پڙهائيندي شيعي مان سنڌي بڻائي ڇڏيو. پوءِ اڄ تائين ايئين آهي تہ منهنجو عشق ٻيي تون ايمان ٻيي تون.

عبدالغفار انصاريءَ جنهن ڏينهن پڙهڻ شروع ڪيو تنهن ڏينهن پڙهائڻ شروع ڪيو. علم جي ڪنهن بہ شاخ (subjet) بابت وٽس اڌو ڳابري چارڻ ڪانہ هئي پر وٽس اڻڪٿ چارڻ هئي. هڪ ڀيري حيدرآباد ۾ سري۔گهاٽ وٽ 1960 ڌاري واٽ تي هلندي سائين محمد ابراهيم جوئي کي ٻڌايائين تہ مان حضرت ابراهيم ۽ ڀڳت پرهلاد جا قصا ٻارهن ورهين جي ڄمار ۾ پڙهي سمجهي ڇڏيا. جوئي صاحب ان مهل وڪ کڻڻ ڇڏي ڏني ۽ لڳو تڪڻ عبدالغفار انصاريءَ ڏي.

- سائين محمد ابراهيم جوئي، سائين جي ايم سيد ۽ سائين سوڀي گيانچنداڻي جون ورهين جا ورهيہ ڪچهريون مليون. وڏي ڳالهہ تہ جمڻ جيئڻ مرڻ لاءِ سنڌ ملي.

- ڳولها کي لال (لعل) لڀي ئي لڀي.

- ڪارڻ ٻن ڏينهان نہ مارئيءَ لوئي لاٿي ۽ نہ پيرزادي عبدالستار. سنڌ جي ڇهين وڏي وزير سکر جي پيرزادي عبدالستار صاحب کي ١٩٥۴ع ڌاري ملڪ جي اڄي ڪاري جي مالڪن چيو تہ ون يونٽ ناهہ يا ڪرسي ڇڏ. پيرزادي صاحب سنڌ تان هٿ نہ ڪنيو. ڪرسيءَ کي لت هڻي ڇڏيائين. اهو ڪم پوءِ

لاڙڪاڻي جي خان بهادر محمد ايوب کهڙي ڪيو. اڄ ٻئي صاحب هن جهان ۾ ڪونهن. ڪو ڪيئن پنهنجو وارو وڄائي تو ۽ ڪو ڪيئن.

- رنجيت سنگهہ جي اڄ بہ سنڌ جي سمونڊ تي اک آهي. پر ڪالهہ چوياري ميرن جي هئي ۽ اڄ چوياري چئن ڪروڙن جي آهي.
- ”روزا نمازون ايءُ پڻ چڱو ڪم“ انهيءَ ڪري جو پوڄا پاٺ، عبادت ڪرڻ ۽ نمازپڙهڻ سان معصوم ماڻهوءَ جي روح کي راحت ۽ من کي موج ملي ٿي. ماڻهو پاڻ کي ڏڪڪو سمجهي ٿو. ”سوکيءَ ڀائي سيڪو اوکيءَ تونهين تون“ وارا خيال وڏو ڏڍ ۽ وڏو آسرو ڏين ٿا. الله سائينءَ ۾ ويساهہ واري خيال جي انهيءَ پاسي کي لطيف جي صوفي سنڌ، مون سوڌو ، ڪيئن ٿي ڇڏي سگهي. پر مسلمانيءَ جي اها معنيٰ نہ آهي تہ ايراني عربن جا غلام ٿي رهن.
- پنهنجي مرضي موتائڻ لاءِ سنڌ جي سهڻين ڪُسَڻُ قبول ڪري ڇڏيو آهي. اهو ڏينهن نيٺ ورڻو آهي جڏهن ٻانهون پاڻ چونديل گهوٽ کي وَرمالها پائينديون، آڏريائي اکين جي ڇانوَ ۾ لائون لهنديون.
- گهوگهاري جا سُگداسي، ڏاندن جون گوٻون، سچا گيهہ، نصرپور جون لونگيون، موري ۾ ناتارن هٿئون نهيل ڪُتِ جا ٽانوَ ٽالهيون وَتا، نيٺ وقت ورائي ڏيندو. وڏيرا وڏيا ۽ وڻ وڏا ٿيندا، ٻيلا ٻهڪندا. ٻُٺَ ڏيئون مکڻ ماکي کائيندا، هندورا لڏندا، اڻ-ڏڏيون ڇُڙنديون، درياهہ بادشاهہ جون ڪنڌيون ڪچي تي ڪاوڙ ڏيکارينديون. کوهہ ڪڇندا، نار وهندا. گوٻرَ (ٻلا ڏاند) گلن جا ڳانا پائي جُوءِ ۾ جالَ چَرندا. ڀَٽاريون ڀِڪندي پنهنجن ڳُونهن/ وڇيرين کي پاڻ کئون پري ٿيڻ نہ ڏينديون. واٽَ-ڳاڙهن جي واٽَ تي ٻوڙيندا، ٻنسريون، ٻينون ڇَپَن تي ۽ اکين ۾ ” آءُ “ جا نياپا، پيهن تي پيار جون ڪانياٽيون ڦرنديون. جن سنڌ کئون سک کسيو آ، اهي سنڌ جي تاريخ ۾ انگريز ٿي ويندا. منهنجن مٿين لفظن کي متان منهنجي آس سمجهين. اِها اٽَر اڳڪٿي اٿئي.
- منهنجي ڪلام ۾ توهان کي هنري — سونهن گهٽ ۽ هنري — ڪچايون گهٽيون ڏسڻ ۾ اينديون: چو تہ. مان راشد مورائي ناهيان ۽ نہ ئي وري اُستاد بخاري.
- ٿورائتو آهيان نئين ڳڌ جي تمام وڏي ڏاهي، سپورنج انسان عبداللطيف ٻگهيي جو جنهن منهنجي ڪچي پڪي سگهڙائپ کي سنواريو. ۽ پڻ

ڳيريلي جي پرسان، ارٽر واهه تي اڏيل ڳوٺ خدا بخش بروهي جي ويٺل (حال الهه آباد لاڙڪاڻو) عبدالفتاح بروهي جو جيڪو هن ڪتاب جي ڇپجڻ تائين مونسان گڏ رهيو. ۽ پڻ ٽوراٽتو آهيان ڳوٺ ٻورڙي تعلقو خيرپور ناٿن شاهه ضلعي دادو جي مسٽر رفيق احمد منگي جو جنهن هن ڪتاب جي ڇپائي جو بار پاڻ تي کنيو.

➔ هن ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ پڪ ئي پڪ منهنجي هنري ڪچائين بابت مون تي آڱريون کڄنديون؛ پر پوءِ مان ميران جي ڏاهن جي پناهه ۾ آهيان جڏهن چوي ٿي تہ

نا مين جانون آرتي بندن، نا پوجا ڪي ريت،
مين انجاني درس ديواني، ميري پاگل پريت.

۽ پڻ لطيف سرڪار جي ڇانوَ ۾ آهيان جڏهن سائين چوي ٿو تہ

محبت پائي من ۾ رنديا روڙيا جن،
تن جو صرافن اڻ-توريو اگهائيو.

پڇاڙيءَ ۾ موري جي سماج وادي اديب ۽ شاعر ڀائو محمد عظيم سولنگيءَ جي هيئنين بيت سان جيڪي ڪُنيءَ سو پاڻِ ۾ جي پڄاڻي ڪيان ٿو.

الائي ڏينهن گهٽا هونداسين هِتي،
نٿو ڪير ڪٿي حياتيءَ جي حساب ڪي.

خادم حسين ابڙو 10_02_2008

1. لاڙڪاڻو 2007_01_01

اُٺ ڏي هٿَ

آڻ مولا آڻ، منهنجي جانيءَ کي آڻ
ڏکيا ڏينهن ٽي ويا

ساڃهه ڏي سنڌ وارن کي،همٿ ڏي مون پارن کي
خالي ياڳين جا ياڻ، منهنجي جانيءَ کي آڻ
ڏکيا ڏينهن ٽي ويا

ڏکئي پياسين مامري، آهيون تنهنجي آسري
توکي سموري ڄاڻ، منهنجي جانيءَ کي آڻ
ڏکيا ڏينهن ٽي ويا

موٽائي ڏي تون بچائي ڏي،ارغونن کئون ڇڏائي ڏي
هيءَ هيرن جي کاڻ، منهنجي جانيءَ کي آڻ
ڏکيا ڏينهن ٽي ويا

سڳڙا وينو سوريان، چنگ پيو تو چوريان
اندر ۾ ڇڪتاڻ، منهنجي جانيءَ کي آڻ
ڏکيا ڏينهن ٽي ويا

گوندر ۾ پيو ڍاريان، ساٿ سنگت کي ساريان
سنگت ناهي ساڻ، منهنجي جانيءَ کي آڻ
ڏکيا ڏينهن ٽي ويا

ڏکن ۾ تو ڏوريان، هيءَ حياتي گھوريان
منڙيءَ ماتا ڪاڻ، منهنجي جانيءَ کي آڻ
ڏکيا ڏينهن تي ويا

قابو آهيون ڪوٽ ۾، اونداهن جي اوٽ ۾
اسر جا اهڃاڻ، منهنجي جانيءَ کي آڻ
ڏکيا ڏينهن تي ويا

ويندو ٿي ويندو ڏوجهرو نيٺ ته ٿيندو سوجهرو
پرهه ڦٽي ٿي ڄاڻ، منهنجي جانيءَ کي آڻ
ڏکيا ڏينهن تي ويا

ساري سنڌ ڦڙڦوٽ ۾ ڳيريلو ڳٽڳوٽ ۾
"خادم" جهانگين ساڻ، منهنجي جانيءَ کي آڻ
ڏکيا ڏينهن تي ويا

ساڃهه = سڃاڻپ جي سگهه
اَسُرُ = رات جو پويون پهر
اوٽَ = پڙدو ڍَڪُ، لِڪَ، آڏ، پاسو
اهڃاڻ = نشاني، پارپتو
ڳوندر = ڏک، سور

2. ڪراچي 7_1_2007

ڪسجي ويو

لابُ هتَن ڪئون ڪسجي ويو ڳاهه ڍڳن ڪئون ڪسجي ويو
آب چپن ڪئون ڪسجي ويو، ياڳ سندين ڪئون ڪسجي ويو.

ڏينهن ڏني ڦر رات جيان، سنڌ سڄي سڪرات جيان
ڏارين جا دڙڪا ڪات جيان، دڙڪي ۾ ڇيلو ڪسجي ويو

واڙ جي واهت ڪانهي ڪا، ساهه کي سامت ڪانهي ڪا
اپ ڏئون آٿت ڪانهي ڪا، چوڦير نظارو مٽجي ويو

ڪُنَ ۾ پنهنجي ناءُ ڏسئون ٿا، ٻج ڪوٽي هر جاءِ ڏسئون ٿا
ماٺ ۾ منڙي ماءُ ڏسئون ٿا، چاچا نہ اسان ڪئون ڪسجي ويو

دولهه دودي پارا ناهن، ويڙهه ڏي ويندڙ چارا ناهن
ڪِٿِ ٻي نينهن جا نعرا ناهن، هي ڏيهه ماٺار ۾ ونجي ويو

اهڙو واءُ گهليو اڄ آهي، پنهنجو ٻي پنهنجو اڄ ناهي،
سنڌ جو پنڌ سهنجو اڄ ناهي، "خادم" ابڙو سمجهي ويو

واهت = سنيال
ناءُ = ٻيڙي
سامت= فرحت
چارا = واٽون،
چارو= وات، گسُ
اُپ= آسمان
آٿت= آسرو

3. بکر ڳوٺ - ڪراچي 2007-1-7

اڄ جا جوڌا اڄ جا جوان

يورپ تي ڳالهائن وينا، امريڪا کي ڳائن وينا
ڊوڙ ڌا منهن ۾ پائن وينا، اڄ جا جوڌا اڄ جا جوان

ڪڪ مئون ڪروڙي ٽيٽو آهي، سنڌ بابت پيو رٽو آهي
ماءُ سان دوکو ڪرٽو آهي، نڪ جا پڪا آڪڙ خان

سنڌ جو هرهنڌ ناڻو کپي، ڌارين جي پر چانو کپي،
چالاڪين جو ڏاڻو کپي، شودن جو اڄ آهي شان

مون نہ ڪنيو آ نيڪو سنڌ جو مان چو لوڙيان ڪيتو سنڌ جو
ناڻو جيپيندس ساندھ سنڌ جو هوڙو جيئي گتڪو جيئي پان

سڌبا آهيون قومپرست، من ۾ آهيون پيٽ پرست،
ڪجھ بہ ناهي پرست پرست، شونق وڏو آ سڏجئون خان

ڪجھ ڏينهن گذاري ڪانن ۾ هاٽي آهيون ٿانن ۾
چاهي ملٽو بانن ۾ قربانيءَ ۾ ڪهڙو مان

سڪٽا نعرا سنڌ ٻڌي پل، هٽبا ڌرڻا سنڌ ڌسي پل
فرحت ناهي سنڌ پسي پل، ڪنهن جو ڪن ٽا هي اپمان

"خادم" ابڙا! يار ڪٽي آن، تو ڪان هاٽي ڪوڙ متي هان
تون ٻيي جي هيءَ واٽ ونين ها، ڪونہ ٽيئن ها ڪڏ پريشان

اپمان = بيعزتي	ڌرڻو = ڪنهن سوال تي
ٺاٺ باٺ= شان مان	ميڙُ ڪري رستي رنڊڪ
ڪڏ = ڪڏهن	ڪري سرڪار ڪان پنهنجيون
هان = آهيان	گهرون مڃائڻ لاءِ وس ڪرڻ.

4. سکر 17_2_2007

چا ڪپي

ڪاريھر کي مارڻ لاءِ، پنھنجي ھانوَ کي تارڻ لاءِ
مضبوط ڪھوءَ جي ڏانگ ڪپي

چيلن چانگ ڏيارڻ لاءِ، ٻہرن تاريون چانگڻ لاءِ
ٻڪرارن مئون چانگ ڪپي

جواني تنھنجي ماٽڻ لاءِ، توکي ويجھو آٽڻ لاءِ
ڪا تل ڪپي ڪو سانگ ڪپي

توسان دل جون اورڻ لاءِ، تنھنجون اکيون ڪڪورڻ لاءِ
ڏاڍي وڏي ڪانگ ڪپي

پنھنجي ياٻ کي پيتڻ لاءِ، سندور تہ ناھي سمجھڻ لاءِ
تنھنجي مُکَ جي مانگ ڪپي

توکي ياڪر پائڻ لاءِ چس کي چوٽ تي چاڙھڻ لاءِ
چوقير سجي پڙيانگ ڪپي

ھڪ رات توڏھن ترسڻ لاءِ تو وٽ پھچي موٽڻ لاءِ
ڪڪڙ جي ھڪ بانگ ڪپي

ھانوءَ = ھنيانءَ، ھردو من، دل
چانگ = سمات جي ھڪ ذات
اکيون ڪڪورڻ = شونق ۾ ڳاڙھيون ڪرڻ / تيڻ، سانگَ، ڪيڏ
مانگ = سِينڌ، پڙيانگ = سُجَ.

5. ميرپور ماٿيلو کان سکر ايندي 07_2_17

نهڪر ڪندڙ نويل هو

واه جو اهو ميل هو اڪڙين جو ڪو ڪيل هو
مونسان وڏو ويل هو نهڪر ڪندڙ نويل هو

اڪيون ڪونہ ملايئين تي مون کي هرهر ڪلايئين تي
يارن وانگ ڳالهايئين تي اوتيل ڪونہ پوتيل هو

هو ايلاضن سان آيو هو مون ڏاڍو مٿو ڪپايو هو
جنهن وچينءَ کيس گهرايو هو تنهن سان پڻ ساڳيو ويل هو

ماني کاءَ نہ کائيندس مان پاڻي پيءُ نہ پيئندس مان
کلي ڳالهاءِ نہ کلندس مان اهڙو هو اربيل هو

هاڻي چا ٿئي سوچيو سي ڪجھ لڇياسي ڪجھ لوچيوسي
ياڳ پنهنجي کي ڳوليوسي پر هُو آيو اوکيءَ ويل هو

سونڻ پيڙ سليان تي توسان ڏاڍو ڪيُس ٿيو هو مونسان
جنهن جي ڳالھ ڪيان تي توسان بس رڳو تيل قليل هو

اوتيل پوتيل = جاچيل جوچيل، پرکيل، آزمايل

6. سکر 07_2_17

پاندُ کپي

جند چڏائڻ لاءِ پيارا
پور پچائڻ لاءِ نيارا
اندر کي آنڌ مانڌ کپي

ملڪ موٽائڻ لاءِ هڏهن
اڄ سياٽي نيٺ ڪڏهن
قومن کي ڪو ڪانڌُ کپي

دهلي هجي لاهور هجي
هن دل کي هردم هور هجي
ڪرڻ پنهنجو پاند کپي

دشمن نوٽڻ کيڏن ٽا پيا
سنڌ کي ٻي هو لوڏن ٽا پيا
سنڌ کي ٻي ڪا راند کپي

اربابن جهڙو لوٻي ڪو
ڳيريلي جو ٻيو ٻي ڪو
خادم جهڙو ڏاند کپي

ڪانڌ = اڳواڻ

هورَ = هورا ڪورا، آنڌ مانڌ

ارباب = سنڌ جي هڪڙي وزير ڏي اشارو

7. ڪراچي 07_2_19

سنڌ جي سار

واٽڙا تورو هوڏي نهار پوک سموري ڪائي وئي جهار
ڪونه بچيو ڪو داٽو يارا ڪانه لڌيسي جُوءِ جي سار

سانيڪائي سنجڻ ۾ وئي آيل تمجهڻ سمجهڻ ۾ وئي
ڏارين هٿارئون ڏڪجڻ ۾ وئي ڪنئي سي هٿ ۾ ڪانه ترار

ويندي اڄ تائين سُرتِ ۾ ناهيون پنهنجا ڪهڻ جي ڪِرتِ ۾ آهيون
کُهندي ڪين پٽيون تا ساهيون پنهنجي اها ئي آهي ڪار

ماني منهنجي ڪائن هو تا ڏوَ ۾ ڏاڍو ڳائن هو تا
ڪڙڪي تي بہ ڪنائن هو تا ياڳُ سندن جي ڳچيءَ هار

ويري واهہ وڪوڙي ويا پنهنجا پير بہ کوڙي ويا
ءِ منهنجا پير اکوڙي ويا ڏارين تي ير ڪهڙي ميار

آڻ مڃيندس هَڏِ نہ مان پڙُ ڇڏيندس ڳَڏِ نہ مان
راند ڪٽيندس تَڏِ بہ مان ايهو دل کي آ اعتبار

پل بهرين ملهه هنن جي آ پر پوئين ملهه تہ منهنجي آ
خادم ڏرتي تنهنجي آ وقت جو هي آهي وهنوار

سُرتِ = سجاڳي
ڳَڙِ = ڳڙهن بہ
ٽَڙِ = ٽڙهن بہ
جهار = بيئل فصل کائيندڙ پکي پکڻ
آڙ = هار

8. ڪراچي 07_2_24

توڙي مينهن وٺا

منهنجن ماروئڙن ڪئون اجها ڪنهن ڪسيا
ڪچا ڪنهن ڪسيا پڪا ڪنهن ڪسيا
هو منهنجن ماروئڙن ڪئون اجها ڪنهن ڪسيا

ڪَلَ ماٺهوءَ جي ٻُڪَ ٻگهڙ جي اهڙا ڪنهن ڏٺا

دردونديءَ جي ديس ڪي ڏاڍا ڏنئون ڏجها

ٻي ديدن جي باهين ڪئون ٻچيل ڪونه هئا

ڪهل نه ڪو کهڪاءُ هو پنهنجا چڻ نه هئا

سک نه سنيري مارئي توڙي مينهن وٺا

خادم ٻه ٽي ڏينهڙا ڏکن منجهه ڏٺا

9. لاڙڪاڻو 07 _ 2 _ 27

آءُ تہ اچ سنياس وٺئون

سنڌ ڪاڻ سگهن ڪي سورڻ لاءِ هي سر گونگيءَ تان گهورڻ لاءِ
پڻ ڪجهہ امڙ سان اورڻ لاءِ آءُ تہ اچ سنياس وٺئون

ڪوڙ ڪهاڻيون ٻاهڻ لاءِ واعظ ڪئون جند ڇڏائڻ لاءِ
سور متي جو لاهڻ لاءِ گهرُجي چيٽي ناس وٺئون

ڏاهن ڏَس تي ڏورڻ لاءِ ڏونگر ڏِسَ کي تورڻ لاءِ
سستيءَ پڪَ پڙورڻ لاءِ پاهڻ جو هل پاسُ وٺئون

هو جيڪو پت ڏٺي آهي تنهن منهنجي ڳالهہ سٺي آهي
ساٿس ڳالهہ ڳٽي آهي اچ ڪانئس ڪو اپياس وٺئون

ڪا سوچ ڪڏهن سنڌ لاءِ نہ هئي ڪا موت ڪڏهن مُنڌَ لاءِ نہ هئي
ڳٽڳوت ڪڏهن پنڌ لاءِ نہ هئي هاڻي آءُ تہ خادم تاس وٺئون

ڳٽڳوت = ڳٽتي، سوچ ويچار
پاسُ = پاسو اپياس= سبق، سمجهاڻي
سنياس = ڪٽنبي، سماجي ناتا ڇني سچ ڳولڻ جي وات وٺڻ.

10. بکر 2007ـ 3ـ 4

جھانُ خان ھنن جو

آ جھان ھنن جو جھان خان ھنن جو
وقت ڪيو بيشڪ آھي مان ھنن جو
پڌ دڙڪا ھنن جا ۽ دھمان ھنن جو
پر مون کي بنھ ناھي ارمان ھنن جو

آھي نڪوڪو مرشد نڪو آ پيرُ ھنن جو
وٺي تہ ڏسي ناڻ ڪو ضمير ھنن جو
لڳندو رھي تو ڪونہ ڪو پر تير ھنن جو
ھيڏي آ ڪِڪ منھنجي ھوڏي ڪانُ ھنن جو

تيمور جا پٽ واھہ جا راندیگر ھي آھن
جنھن ڏينھن رکيئون پير ھليا گُرُ ھي آھن
بندوق پرائيءَ تي ستمگر ھي آھن
ھاڻي ھي ميزبان مان مزمان ھنن جو

جيڪا جھڙي ڏرتي موہ متي سان ناھي
مان متيءَ کي ناھي ڏيٺو ويڙھہ تنھين سان آھي
ساڙ سان سڀ ڪجھ ساڙيندا سين سنگ ڪنھين سان ناھي
چوڏس آھہ اُڏار ھنن جي سارو آسمان ھنن جو

اڃا تہ ڪاتي ٻڳالھ رهي جو پڙ تي ٻئي آهيون
ڪوڙ پري واھہ جي ڪڙ ڪڙ تي ٻئي آهيون
آسري آمريڪا جي ڀچڱھڙ تي ٻئي آهيون
جيئڻ گڏجي سنڌ سان ناهي شان هنن جو

واه اي پروردگار تنهنجا خار اسان تي
گهتجي ئي نتي وڏندي رهي مار اسان تي
اهڙي ڪا تنهنجي آهي ميار اسان تي
هاڻي اسان سڀ ڪُوچڙا هڪ هڪ خان هنن جو

وڏي اچرج ۾ آهي ڳيريلي جو ڏيڍو
اڄ تائين جنهين ناهي ايهو ڳجھ پڍو
۽ هي سندس خيال نہ سرحد کي پيڍو
چو ينگ منهنجي هيٺ مٿي پان هنن جو

11. سکر 07ـ 3ـ 18

سنڌ امڙ جو هڪ هڪ پار

ينگي هجي توڙي ينگوار منڙيءَ ماءُ جو هڪ هڪ پار
هنن اکين جو آهي ٺار منهنجي ڳچيءَ جو آهي هار

شل هٽڻ هڪلڻ جهڙو ٿئي شل ٻيلي سارڻ جهڙو ٿئي
شل مارِي مارڻ جهڙو ٿئي اُپَ ڏي آهن هٿ اپار

ساڃهه سنڌ جي ڪٽي هلي پنهنجن جي تي پٽِي هلي
ڏٽن جو تي ڏٽي هلي مور نہ ٿئي مظلومن مار

وک وک تي سنگتين کي ساري نانوَ نئين سان پنهنجي ٻاري
ڏاريندي ڏارين جي اٿاري جيئي اڙين جو تي آڌار

ڪڏهن وات ڪڏهن ڪن تي پئي ڪات ڪڏهن ڪڏهن پن تي پئي
پِڙَ جو پارک هي من تي پئي سانگيئڙن جي لهي سنڀار

پٽِي = مٿي

12. بکر ڳوٺ 07_3_18

جي تون ڪٽنڌين ڪانہ ترار

وقت ڪيو آ هيٺو ڪنهن پرِ ڏوهہ امڙ جو ناهي
وقت سانِ وڙهڻو نيٺ تہ آهي پنهنجا سندرا ساهي
منهن ڏيڻو آ ان سان جيڪو آيو آهي ڪاهي
منڙا پنڙا نيٺ تہ ڪيندا سنڌ جو ناماچار

اُپري آيل اُلهي ويندا، ڪري بيٺا هن چوٽي
چوٽي منهنجي مالڪ کي آ، ڪهڙي هنن جي چوٽي
ملڪ منهنجي تي وسڻا ناهن، ڪنوڻ هنن جي ڪوٽي
نيٺ ٻاڏائيندڙ جي ٻڏندو پاڻهي پالڻهار

ست سالن کئون سهندي سهندي، ڪونہ ٿڪا هون پيارا
لهندا نيٺ تہ اپري ايندڙ سيڪنهن جا هن وارا
ڌرتي تنهنجي منهنجي آهي، هي آهن اوڏارا
آهن مُورَ نہ رهڻا هتڙي ارغونن جا ٻار.

دانهُنِ تي ڪو داد نہ ٿيندو ڦٽڪڻ سان فرياد نہ ٿيندو
جيسين يار فساد نہ ٿيندو ڪنهن پر ڏيهہ آزاد نہ ٿيندو
گهر تنهنجو آباد نہ ٿيندو چور ڪڏهن پيي ساڌ نہ ٿيندو
بگهڙ ٻنهہ برباد نہ ٿيندو جي تون ڪٽنڌين ڪانہ ترار

خادم ڳاراڻا هي ڪهڙا، توڙي حال ٿيا هن ههڙا
گهاري ويجبا جهڙا تهڙا، ناهن ڏينهن سدا هڪ جهڙا
نيٺ متي ويندا سي مُنهنڙا، يار چڙي هت ڪهڙا ڪهڙا
ڏک سان چوندا پوءِ تو جهڙا، وئي تي ڪهڙي يار ميار

13. ڪراچي 07_3_19

نانءُ ڳچيءَ ۾ پئجي ويو

معصومن ڪي ڪل نہ پئي جهنگ وارن کي جهل نہ پئي
اپ کي ييي کهل نہ پئي هي نانءُ ڳچيءَ ۾ پئجي ويو

اُٿئي جي احوالن جو شامتِ اعمالن جو
وک وک تي نئين چالن جو هر ڏانءُ ڳچيءَ ۾ پئجي ويو

هن سدوريءَ سنگت کي سنڌ جي سهڻيءَ رنگت کي
ڇا چئجي هن ڪسنگت کي ٽوڪو ٽانءُ ڳچيءَ ۾ پئجي ويو

هٿڙئون هنجهہ هليا ويا هن هٿ نصيب نوايا ويا هن
ڪيڏا ڪِيس ڪيا ويا هن بس ڪانءُ ڳچيءَ ۾ پئجي ويو

ڏارين جي تہ ڏمالن جو پُورن پريل پيالن جو
سسئيءَ کي ور وارن جو وهانءُ ڳچيءَ ۾ پئجي ويو.

14. ڪراچي 07_3_19

انڌي ۽ جنڊ

هيءَ انڌي ۽ هي جو جنڊ پاڻ ۾ هردم ڪير ۽ ڪنڊ
ايهو منهنجو حال آ. ايهو ئي احوال آ

اکين هوندي ڏسان نٿو ڪنن هوندي ٻڌان نٿو
واتئون مڱ ڪيڏان نٿو سالن ڪئون هيءَ چال آ

ٻاهين ۾ ڳوٽ سڙن ٿا پيا ۽ اٿموٽ ڪڙهن ٿا پيا
ڏاريا ووءِ وڙهن ٿا پيا مانجهين جو اڄ ڪال آ

لالڻ هٿا جي لڏي ويا هيءُ ڇڏي هُنَ تڏي ويا
ڇانو هٿا جي ڇڏي ويا هاڻي هٿ وڏو پونچال آ

ڪامهل نياڳي اهڙي هئي تين مارچ جي منجهندڙي هئي
جيئيم ڪي ڪل نہ اهڙي هئي،هاڻي ڪائنس ڪهڙو سوال آ

مارچ اٺيهہ سو تيتاليهہ ڪهڙي خبر تہ پوندي ڪيهہ
ڏارين جي هٿ تيندي پيهہ اڄ سنڌ سڄي ماهيو مال آ

مائوءَ وانگر مارچ ڪن ٿا، هيڏي هوڏي ڪونہ ڏسن ٿا
دشمن آڏو ڪونہ ڪچن ٿا، پر ويڙهہ وارن سان ٻال آ

پونچال (پونءِ _ چال) زلزلو
1943_03_03ع تي سائين جي ايم سيد جي پاڪستان بابت ڏنل رٿ سنڌ اسيمبليءَ پاس ڪئي.

15. بکر ڳوٺ 07_3_19

عدم تشدد جو پرچار

عدم تشدد جو پرچار اجا ڪندو ڪيڏو خوار
مهل گهرئي تي منهنجا يار، پهر پٽاندڙ ڪو وهنوار

ڪيسين ڏرندا وتنداسي، ڪيسين پُرندا رهنداسي
ڪيسين مرندا ويندا سي، ڪيسينتائين ڪن لاتار

ماڳ مڙهيون ميسارن وينا، چئلينج ڏيون چيتارن وينا
پنهنجون پار اُڪارن وينا، هيڏي آهي خبر نہ چار

پوتارن جي پينگ نہ تيندي، بند هنن جي هينگ نہ تيندي
سرداري مرٽينگ نہ تيندي، تيٽا ناهن بيڙا پار

لٽ وسي تي ڳوٺن تي اڄ، ٿُرا هنن جا چوٽن تي اڄ
ڪڻ انهن کي سروٽن تي اڄ، ناهہ هنن لئہ ٻي ڪا مار

سنڌ جا پهريان ويري هي هن، ڌارين جا پي پيري هي هن
مُنڌَ ڪئي ڪنهن ميري هي هن، پهرين لهہ هنن جي سار

خادم اڄ جو 'آءَ' ٻڌي وٺ، سمو سڌئي تو ياءَ سٽي وٺ
اتر وٺ جو تاءَ پسي وٺ، گيديءَ کي ٻي ڪهڙي گار

چيتارن = للڪارين

سمو = وقت، مهل، ٽائو

16. بکر ڳوٺ 07_03_20

ڳالهہ اصل ۾ سمجهڻ جي آ

ڳالهہ اصل ۾ سمجهڻ جي آ، منهنجي گهر ۾ تمجهڻ جي آ
سنڌ وارن جي ستجڻ جي آ، ڌارين جا گهر ڌتجڻ جي آ

قومون ويل ۾ واڙيل آهن. مرضيءَ بنا سلهاڙيل آهن
ٻڪرين وانگ اتاڙيل آهن، هيءَ پرولي پرجهڻ جي آ

ڪاٽين تي بندوق بيٺل آ، تنهن سان گڏ پوتار پٽَلُ آ
صدين ڪئون سردار ڪتل آ، حق تئون هٿ نہ ڇڏجڻ جي آ

سنڌ ڪپي پر تون نہ ڪپين تو سمنڊ تائين تون ڇو هجين تو
ڪاوڙ آ تون ڇو ڌسجين تو ويڙهہ توسان اڄ وڙهجڻ جي آ

الله رسول هُنن وٽ ڪونهي ڪو بہ اصول انڌن وٽ ڪونهي
گهربل آ چوسول جو ڪونهي ڳوٺ اها ئي پيجڻ جي آ

جيسين جاڳ نہ ٿيندئي دلبر، ڪنهن پر ماڳَ نہ ملندئي دلبر
ڪو پي ڪاڄ نہ ٿيندئي ڪنٻر، ڳالهہ اها ئي ڳجهڻ جي آ

خادم جيءَ کي جھوري ويٺو تڪي ٿو ۽ توري ويٺو
تو سان پڻ ٿو اوري ويٺو ٻئي جي ڪانہ ٻڌڻ جي آ

پِتَلُ – ڳنڍيل، گڏ ويٺل
پُرجھڻ = پرورڻ – سمجھڻ.
ڪُتَلُ – زمين مِ ڪُتَلُ
ڪٽپر – عبدالوحيد ڪٽپر وڪيل ڪي اشارو

17. بکر ڳوٺ 07_3_20

ڳالهيون آهن اڪيچار

ڳالهيون آهن اڪيچار، ڪاڏي ڪجي نهار
ڏاڍ ظلم جا ڏسي انبار، دل روئي ٿي زار زار

روز جڏهن اخبار پڙهئون ٿا، هرهنڌ هتياچار ڏسئون ٿا
نيٽئون وهندڙ نار پسئون ٿا، ڪاٿي سنڌ پهتي آ مارا

ڪاري هلي وئي ڪوتن ڏي، پوتارن جا هٿ نوٽن ڏي
نظر ڪجي ٿي فوٽن ڏي، مظلوم جي اک پر آ انڌڪار

لک به ڏي ائون لڏي به وڃ، ڪک اباڻا ڇڏي به وڃ
بدل ناهيون ڪاڏي به وڃ، ناهي معافي وٽ سرڪار

راڄن واريون ڳاڙهيون نه ٿينديون، حويلين جون ڪاريون نه ٿينديون
ڪوٽن ناماچاريون نه ٿينديون، اعلان ڪري ٿو اڄ پوتار

ٺاهوڪي جي ٺهي نٺي، پهر پيار جو وهي نٺي
دڙڪو داب به سهي نٺي، ڪم ڪڏهن ايندو ڪمدار

ٺاهوڪي سنگ ڪري نٺي، پوتارن تي مري نٺي
ڏاڍ جي ڏِڪَ ڪئون ڏري نٺي، باهه ڏي گهر ڪي صوبيدار

اڪيچار = گهڻيون — ڪوڙ
ڪوٽ — وڏيري جي حويلي
هتياچار = ظلم — ڏاڍ
ناماچاري = گلا غيبت

18. ڪراچي 07_3_21

جهاڳيم جهان کھڙو

سنبرئون ٿا يار پيارا، هاڻ آهيون هلڻ هارا
جيڪي ڏٺا نظارا، تن جو بيان کھڙو

جنهن سان رکي مون ياري، تنهن کي چڏيم مکياري
اڄ تائين جنهن نہ پاري، اڳتي گمان کھڙو

هڪ ڏينهن هوڏي نهاريم، پونڊن تي اکڙيون ناريم
بيهي پو مال چاريم، هوئي زمان اهڙو

ٻئي ڏينهن آيو نياپو، منهن متڻ جو ڏوراپو
سانپيم نہ سگ سياپو، توڏي پو ڏيان کھڙو

اهڙا ئي ڪي نظارا، پسندا رهياسي پيارا
ڪي ياد ڪي وساريا، جهاڳيو جهان اهڙو

چيڪجي ڪڏهن وياسي، پوئتي نہ پر پياسي
وجي سرخرو ٿياسي، جهڙو مڪان تهڙو

پنڌڙا اهي ئي ساڳيا، ۽ پيچرا پڻ ساڳيا
ڪنهن ڪونہ ها تياڳيا، اهو آ طوفان اهڙو

خادم ڪجهن نگاهون پرجن تيون پوءِ آهون
ڪهڙيون ڪجن پو دانهون تئي تو سمان اهڙو

پُوندو – ٻُجو پيچرو = دڳ – واٽ
سمان = ٽائو، وقت، ويل مُڪياري، سندس مرضيءَ تي
پاري = نباهيو گُمانُ = آسرو امید پارڻ = نباهڻ
سَڱُ سياپو = متي ماتئي، ويجهڙائي تياڳڻ – ڇڏي ڏيڻ

19. ڪراچي 07_3_22

هڪ ڏينهن

ڪانئون ڪرڻ ويندي هڪ ڏينهن،ڪنهن روپا سان لڳي ويو نينهن
ڏاڍو پيارو هو سو ڏينهن، اُتو نہ هو اڳ اهڙو مينهن

جهنگ ۾ بيٺي مال پئي چاري، هوريان هوريان پئي جهونگاري
خبر نہ آ ڪنهن کي پئي ساري، ڏاڍو جهنگ وٺيو تنهن ڏينهن

هوريان اوڏهن سُرندو ويس مان، چورڻ وانگر چرندو ويس مان
جوت سندس تي جهرندو ويس مان،سُرتِ نہ پئي ويجهو پهتس ڪيئن

چرڪ پري مون ڏي جو ڏنائين، اک جي اَٽيءَ سان واه جو چُتيائين
مڏي ڪاتيءَ سان بيهي ڪتائين،سوريءَ تي چڙهٽو تنهن ڏينهن

ڪير آن هيڏي چو آيو آن، ماٺتياٺي مان پنهنجو هان
ڪانئون ڪرڻ هت آيو هان، ماٺهو آهيان ناهيان شينهن

ڳالهہ منهنجيءَ تي ويٺي کِلي، پوءِ تہ ڏاڍو اچي کُلي
سهٽي جهڙي سنڌي رلهي، ڪانئون وسري ويون ان ڏينهن

وري نہ ڪيس مون ڏنو اُتي، جنهن ڏينهن ڏنو هومانس جتي
ڳوليو مانس پر جتي ڪٿي، خادم ہڏاءِ مان ڪريان ڪيئن

سُرتِ ـ سمجهہ

20. بکر ڳوٺ 07_3_23

جهوري جهَڻ جي مِنهُن مکڻ جو

جهوري جهَڻ جي مِنهُن مکڻ جو ڪوسو ڏاڍو واءُ ڏکڻ جو
اوسيئڙو هو توکي ڏسڻ جو، نانءُ نه هو ڪو پکي پکڻ جو

پڇيو پٺين هت چو بيٺو آن، ورندي ڏنم ڪٽ لاءِ بيٺو هان
ڪٽ نه پرچڻَ لاءِ بيٺو آن، دڙڪو هو تنهنجي پيءُ ڊکڻ جو

هليو ويس پوءِ موٽي اچڻ لاءِ، لور لڳل هئي توکي ڏسڻ لاءِ
توڙي رکيا پادرها پِسڻ لاءِ،هيڏي ايرادو چس چکڻ جو

نيٺ دريءَ مان تو هو نهاريو، محبت منهنجيءَ ٻارڻ ٻاريو
تو ته وچن هو پنهنجو پاڙيو،اُڊڪو هو پر منهنجي ڪسڻ جو

چوٽيءَ ڪان ڪنهن توکي جهليو هو پنهنجي هئي جنهن توکي پليو هو
تو ڪو ساٿس سور سليو هو، منهنجو ڪهڙو سبب پوءِ اُتِ هجڻ جو

پلڪُنِ ۾ تون پيئنيءَ چو ونوهه ۾ پو ويئنيءَ چو
پير پنهنجي تي نه بيئنيءَ چو ڪيڏنو هو اهو وار مکڻ جو

خادم چيو قرآن ۾ آ، هاٿي پرائي امان ۾ آ
رکٽي اها ئي ڏيان ۾ آ، لاٿم خيال پو توکي ٻکڻ جو

لورَ = سِڪَ

اُڊڪو = الڪو ڳڻتي،

پيئنيءَ، ويهي رهيئن.

21. بکر گوٺ 07_3_24

نر ۽ ناريءَ جو وهنوار

نر ۽ ناريءَ جو وهنوار، سمجهي وٺي جي سنڌ هيڪار
کهڻ کسڻ جي ٿئي نہ ڪار، واٽ وٺي جي هي وهنوار

دل گهريو ير گهرجي ٿو جنهن کي نہ ملي سو ڦرجي ٿو
ڏِيل سچو پو ڏمرجي ٿو وڍي پلي ڪر سَنڌُ سنڌُ ڏار

پرمر پرا جو پڳ ملي، ور_مالها جو دڳ ملي
سهڻيءَ کي جي سڳ ملي، ناهہ نصيحت پو درڪار

نيڻ نياپا ڇهلي نہ سگهبا، سڳ سياپا سلهي نہ سگهبا
پيار پهاڪا پلي نہ سگهبا، ڏِسُ هلائي پنهنجو اختيار

ڪاريءَ کي تون ڪارو ڏي جيءَ سندس جو جيارو ڏي
جيڪو کيس پيارو ڏي ڪات کهاڙا ناهن ڪار

هيءَ حياتي هڪڙو ڦيرو موٽي نہ ملندي ڪو بيو پيرو
ماري نہ ڪَسِ من جو آکيرو ڪنهن ڪنهن لاءِ تون اُٿندين چار

هڪ ڏينهن تون پي اک ڀاريندين، پوءِ پلا ڪنهن کي ماريندين
يارن کي پيو ساريندين، پر نہ ملندئي خادم يار

ڏِيل - بُتُ،
پرمرپرا = اصل کئون جون، قديمي رسمون رواج

22. بکر ڳوٺ 2007_3_24

نہ سمجھہ ڀلي تون اڄ ڀوتار

ٽپي جڏھن تين ماڙ وڃين ٿو مچون وٺي ڀوءِ ڊاڙ ھٽين ٿو
ڪيڏي وڏي لباڙ ھٽين ٿو پر تو سان ٿئي جي ساڳي ڪار

ڪا ٻڪ وکھي ٻي حال ھجي، يا تنھنجي ٻي ڪا چال ھجي
۽ ٽاٽو تنھنجي ڍال ھجي، ڀوءِ جيڪي ڪرين ڀل ڪر ڀوتار

لوڙھا اليلن جا تو لتاڙين، جيڪي ٻڪين سو ڪڏھن نہ پاڙين
گھر غريبن جا تو ساڙين، سرءِ آٽين جتي ھجي بھار

تو ٺئون ڀي سچ لھٽو آھي، تو پڻ ليکو ڏيٽو آھي،
جيڪي ڪرين ٿو پرٽو آھي، ناھين تون آھي ڪرتار

يارن جي لٺ ھيستائين، ڏارين جي پٽ ڪيستائين
ڪونہ ھوندئي مينھن وساڙا سدائين، تو سان ٿيندو ڀوءِ وھنوار

نہ سمجھہ ڀلي تون اڄ ڀوتار، وقت وڏي سڀ کئون سرڪار
ڀوءِ ڪاڏي پٽڪو ڪاڏي ڪار، جاڏي تاڏي تو لئہ گار

خادم ھڪڙو ناھہ گھٽا ھن، توکي ڪرڻ ڇٽا ٽا چاھن.
ايرادا ھيڀر چڏٽا ناھن، آ اوسيڙي ۾ ھڪ ھڪ يار

آلِيلُ = ڏاڍو غريب، بيوس
مينھن، وساوڙو ھڪ ڳاڙھو پشم جھڙو جيت جيڪو رڳو مينھن جي مند ۾ ٿيندو ۽ جيئندو آھي
ڪرتار = الله سائين.

23. بکر ڳوٺ 2007_3_24

ماڻڪين ۾ مک پسي ٿي

ڪاڏي ڪاڏي اک ڏسي ٿي، ماڻڪين ۾ مک پسي ٿي
پوءِ انهن لاءِ ڏک ڏسي ٿي، ڪهڙو اک جو هي وهنوار

روز نياپا نيڻ ڏين ٿا، پرت جا پيالا پيڻا پين ٿا
ڏولاوا پوءِ سيڻ ڏين ٿا، ڪيڏو اک ڪري ٿي خوار

ڪيڏو بيوس ماڻهو ٿئي ٿو ڪيڏو پروس پاڻئون ٿئي ٿو
سياڻو قري اياڻو ٿئي ٿو ڪيڏي دل ٿئي ٿي لاچار

محبوبن وٽ ماڻو ٿئي ٿو عاشق عيبن هاڻو ٿئي ٿو
ڏاڍو سخت پڇاڻو ٿئي ٿو پوءِ پيي هُنَ تي ناهه ميار

جڏهن رات جو ٿاڻو ٿئي ٿو نيڻ ۾ روح جو راڻو ٿئي ٿو
وري جڏهن سياڻو ٿئي ٿو. آس اکين ۾ لنگهي من يار

24. بکر ڳوٺ 2007_3_25

چو ڙي؟

چو ڙي؟ ڪالهه نه آئين تون، چيوهئي ايندين نائين تون
ڪوڙو آهين سدائين تون، چو ٿو ايڏو ستائين تون

نائين تائين سنبريس مان، سهرن تي پيي نه ويڙس مان
اڳتي ايئين نه ڪنديس مان، پل پل مون کي پلائين ٿو

رات اچي ٿي ننڊ وڃي ٿي، وڃندي تات جي تند وڃي ٿي
منٺا منهنجي منڊ وڃي ٿي، ڪونه ٿو مون کي پائئين تون

لهندي سج کو ڪتڪو ٿئي ٿو تنهنجي اچڻ جو اڊڪو ٿئي ٿو
اٽڃاتل ڪو الڪو ٿئي ٿو ٿو روز مون کي آزمائين تون

ڏيهه سڄو چڙ خالي آهي، هڪڙو ئي باغ جو مالهي آهي،
جندڙي جنهن ڪئون پالهي ناهي، چو ٿو ڇڏين منهنجي ٻانهين تون

سوٽ منهنجا تون ڪوٺو آن، ڪوڙن جو ڪو ٻوٽو آن
خوشين جو بس جهوٽو آن، مون سان سچو ناهين تون

چنچري لاهيندي سانءِ، مٺترڪ آهيان پڄندي سانءِ
چاچا کي پيي چوندي مانءِ، ٿو هيڏي هوڏي ڪنائين تون

اُڊڪو = اُلڪو ڳڻتي

25. ڪراچي 2007_3_26

جڏهين تو پيڻ ماري

آهيان وڏو مان راڻي، ۽ پڻ وڏو هان ڏاڙي
عمر _ پنهنجي ساري، گامونءَ سان گڏ گذاري
ويني آ سنگت ساري، ٻڌي اڄ جي ڪار گذاري
سمجهو چوان مان سچ تو، توڙي ڪنهان مان ڪياڙي

نينيتال جي هئي ناري، پايون ويني هئي ساڙهي
پان هوس هٿ ۾، ۽ وات ۾ سوپاري
ڏِسُ ته هئي ڍڪيل، پر آواز ۾ اگهاڙي
رکي سگهين تو ياري، مرضيءَ ۾ آن مڪياري

توڙي هان وڏو شڪاري، ماري اٿم نه ڦاڙهي
سگهيس چڙهي نه چاڙهي، هُن پو سنيالي ساڙهي
بابي جي نصح ٻارو، ڪِنو ڪم ڪجو نه ڀاڙي
انهيءَ ڪري پو يارو، هيءَ زندگي آ ٻاڙي

سهڻي ڪٽي ته هئي پر، پلڙي آ پاڻ واري
ڪاڏي هوڏي سوپاري، ڪاڏي مساگ واري
گولو گهمي ڏنم پر، ڪاٽي نه مومل ماڙي
پنهنجن سان پاءُ رکجي، ڏارين سان ڪهڙي ياري

هيءَ ڪچهري ٻڌي ٿي، سٽي ٿو جهان سارو
گهربل جيڪو نظارو اهو سنڌ ۾ آ سارو
خادم ڏاڍو ڏڪارو، ڪرين ٿو جي ڪنهن کي ڪارو
تو پاڻ ڏي نهاريو جڏهين تو پيٽ ماري

سنڌ جي نہ هئي سا ناري، نہ هئي سا ڪا ويچاري
پلڙي هئي پتاري، رکجي ها ساڻس ياري
نہ مان ٿيان هان ڪارو نہ هوءَ ٿئي ها ڪاري
ڏاڍي ٿئي ٿي شرمساري، جڏهين ڏسان ٿو ساڙهي

ريشم ٻکلي گهمان ٿو گسايان نٿو ڏهاڙي
ڪاٽي تہ رنڊڪ آهي، لڳي ٿو آ منهنجي ڏاڙهي
اهڙو سنو نہ هنڌ ڪو جهڙي آ تلڪ چاڙهي
اُتڙي جڏهن اچان ٿو ٿئي من ۾ ڪتڪتاڙي

26. ڪراچي 2007_3_26

چڏي اچ تڏيون ويڃئون ٿا

گڏ هئا سي ڪي ڏهاڙا، لاها ڏٺاسي چاڙها
هي وسنديون ۽ واڙا، هاڻي ڇڏيون ويڃئون ٿا

دلين ڏي جيڪي لاڙا، جوانا توڙي ڪراڙا
پنهنجن سان وسيل واڙا، ڇڏي اچ لڏيون ويڃئون ٿا

توکي هيم ڏکويو ڪڏهين نہ مون سکويو
سڀ بخشجانءِ پيارا، ڇڏي هت مڏيون ويڃئون ٿا

ڇڇنديون وڃن ٽيون ياريون، منڊون بي سڀ وساريون
منڊيون توڙي ڪساريون، ڇڏي سڀ رڏيون ويڃئون ٿا

ڪيڏو بہ هوندو مصري، خادم بي ويندو وسري
سورن سمونڊ اُڪري ڇڏي اچ تڏيون ويڃئون ٿا.

هن مهل هن ٽائي، 45_12 منجهند تي، ڪراچي هاءِ ڪورٽ بار جي لئبرريءَ ۾ ياءُ منصور سولنگيءَ ٻڌايو تہ سندن (۽ منهنجو بہ) وڏو ياءُ ادو عبدالحق سولنگي ڄمار جا ڇهاسي ورهيہ ٽيپي 2007_3_6 تي هي جهان جهاڳي ويو. اها ڳالهہ ٻڌي ڏاڍو ڏک ٿيو. اڳ ۾ بہ پر نومبر 1979ع کان لاڙڪاڻي بار ۾ 1996ع جي ڊسمبر تائين گڏ گذاريوسي. ادو عبدالحق گهٽ ڳالهائيندڙ ٻاجهارو ڪڏي وارو ماناٽتو شاناٽتو ماٹهو. پنهنجن ننڍن ڀائرن کي پنهنجا پٽ سمجهندو هيو. ننڍيا بہ انهن ٿي اکين سان کيس پيءُ جي جاءِ تي سمجهندا هيا. مون منصور وٽان اها ڏکوئيندڙ خبر ٻڌي اُتي جو اُتي هاءِ ڪورٽ جي هڪ بينچ تي ويهي مٿيون گيت گهڙيو.

27. ڪراچي 2007_3_27

نالو هوس محمد سومار

(الف)

1_ لاڙڪاڻي ۾ باقراڻي، آهه اُتي ڳيريلو
ڳيريلي سان پريت پراڻي، ۽ پڻ روح جو ريلو
جنهن جي جر جو پيتل پاڻي، مِٺِيءَ تنهن سان ميلو
ڏاريو ناهيان جو ڪيان مان، مٺيءَ سان تڪرار

2_ رئيس ڪئنال مان ارڙ نڪري، پوءِ ٿئي ٿو ڇِيلو
ارڙ تي جيڪو بي وڻ آ، ڏئي نٿو گل پيلو
هونءَ بي منڙي ماءُ جو جيڪو ميوو آهه رسيلو
گاجيءَ تائين ڇيلو پهچي وڏائي وٽڪار

(ب)

3_ ٽريچن جو هڪڙو يار، نالو هوس محمد سومار
حيدر بخش جو سچڙو يار، پانڌيئڙو هو پيار جو يار

4_ پنهنجن پُٽَنِ جي خبر نه چار، ڪٽنب ڪڙي جي ڳڻتي نه ڳارَ
ڳوٺ شهر ۾ سڀ سان پيار، خيال سدا ٿئي سنڌ سڪارَ

5۔ چاليهن جو زمانو هو ۽ مٿيءَ منجهه خزانو هو
پر هاريءَ لاءِ نه داڻو هو ان ويل اٿيو هاري حقدار

6۔ ڀائو سومر لهي پيو کنڊن پنڌ تي کهي پيو
راهه انهيءَ تي رهي پيو تيسين جيسين دم نه ڏار

7۔ جڏي چوندون آيون چاليهن ۾ بشڪ بيٺو تن ڏينهن ۾
اُسِن توڙي مِينهن ۾ سومر جو تڪڙو هو پسار

8۔ جن بابت هاري حقدار تن ڀارن کي خبر نه چار
ڪيئن ڪٿي هاري حقدار پو هارايو هاري حقدار

9۔ پر ادي سومر دل نه لاٿي، سڄي حياتي ساڳي ڪاٽي
حقدارن جو رهيو ساٿي، جيتر قبر ڏنس قرار

10۔ ڊاڪٽر مومن پيو ڊهي، هٿي ٻنهن جي ساڳي ٿهي
وقت ويريءَ جا سور سهي، هُو به هليو ويو ساڳي پار

11۔ ڀارن جي جڏي ٿئي تي سار، خادم نيڻ وهائن نار
آهيون سڀيئي اميدوار آس اکين ٿئي سنڌ سڪار.

بشڪ = حيدربخش جتوئي

28. ڪراچي 2007_3_27

ممي مون لاءِ ڪڏهن نہ جاڳي

ڪيئي ماٺهو چادر تاڻي، ڏوڪڙ هيٺئون رکي وهاڻي
ناهي ننڊ بنا ير ناڻي، هِن هُن جي پوءِ ڪبي پچار

توڙي ساٺن رانديون ٽيون هون، ڳجھ ڳالهيون هيڪانديون ٽيون هون
سنگ سوا دليون مانديون هون، هاڻي سنگت آ بيڪار

سيلف ميڊ چون ٿا آهيون، هٿ پهتاسين پٽيندي ساهيون
ٻئي ڪي پاڻ مڃيندا ناهيون، باس ڏي آهي بس هِٽِڪار

ممي مون لاءِ ڪڏهن نہ جاڳي، ڪڏهين مون لئہ ننڊ نہ تياڳي
صبح سانجھ هٿي مائي پاڳي، هاڻ لهان چو سندس سار

بابو سدائين ڏاندن سان، يا تہ ڪچهريون واندن سان
پائر ريجهيل راندن سان، اهي لائق ناهن لهجي سار

ٽيٽو رٽاير اڄ سياڻي، بارن جو چا ٽيندو هاڻي
موٽڻ چاهيان ٿو لاڙڪاڻي، بار ناهن پر تنهن لاءِ تيار

خادما سمجھ ۾ اچي نٿو ڳيريلو چو ڇڏي نٿو
سنگت مئون ڪو سڏي نٿو مون سان ڪنهن جو ڪونهي پيار

پچار = گلا غيبت

29. ڪراچي 07_03_27

دانهون جهنگن جهرن جون

دانهون جهنگن جهرن جون ۽ پڙ ٽرن برن جون
سنڌ جي وڪڙ ورن جون، ڪڏهين ٻڌندين تون لڄپال

هن مٽيءَ جو مان تہ ڏس، جوڪئي جهڙا جوان تہ ڏس
هوڏي آهي پان تہ ڏس، ملڪن کي چئہ ڪن پڙتال

بک بہ آ پر ڪنڌ مٽي هن، ڏک جا ڪُٽا پنڌ هتي هن
رِند اسان جا رَند مٽي هن، هڪ ڏينهن ٻڌندين ٻائيتال

مُلڪ مالڪ کي موٽي ملندو بي پاڙيو نيٺ هٽائون هلندو
جنهن جو تاج تنهين تي جهُلندو سنڌ سٺو آهي سٺ سال

جيڪو اپري ٿو سو لهندو وقت ڪڏهن بي ناهي بيهندو
ڏاريو ڪيسيتائين کهندو دودن جو هٿ ناهي ڪال

ڪرتار = الله سائين

30. ڪراچي 2007_3_29

پلي نہ چو تون جيئي سنڌ

پلي نہ چو تون جيئي سنڌ، ڪيسيتائين ڪيندين ڪنڌ
پنھنجن ڏار ھي اوکو پنڌ، ڪيئن ڪندين نہ اٿئي ڪا واھہ

ڪيئي خيال ڪاھي ھت آيا، ھڪ ھڪ چال ناھي ھت آيا
پويان اعمال ڊاھي ھت آيا، ملڪ مڙوئي تي ويو ڳاھہ

واريءَ تئون بي ايندا ويا، جبلن ڪئون بي ايندا ويا،
پاٽيءَ وانگر پيئندا ويا، ڪيئي ڏھاڙا ڪيئي ماھہ

ساوڪ ڪائي ڏسن جاتي، مُنڌَ جا مارِي مُڙَن ڪاتي
رت جي راند چڏن ڪاتي، چانو نہ آھي وٺ وٽراھہ

ڪڏھين تاوَ ترارن جا، ڪڏھين قسم قرآنن جا
ڪيڏا روپ قرانِن جا، دوکا ڏاڍِ ڏناسي اتاھہ

پچي جي ڏسندين گھاٽن ڪئون، بلاول جي پاٽن ڪئون
پڙ پچندين جي ماٿھن ڪئون، سڪ جو ڪو نہ ڪنيوسي ساھہ

اصلي ڳالهہ پنهنجائي ناهي، تنهن ڪري سهنجائي ناهي
وک وک تي اهنجائي آهي، حالي ڪا نہ سجهي تي راهہ

جمي وچ هن نعري تي، هڻ خادم چوٽ نغاري تي
کهل نہ ڪرڻي ڏارئي تي، وک سمجهہ سان کڻ ٿي بيپرواهہ

31. بکر ڳوٺ 2007_3_30

سگهڙ آهي ذات

جهر جهنگ ۾ سنڌ کي ساراهن، سون سچو جيڪي ڳالهائن
مٽيا پوئن منجهه مالائن، ڏيکن کي ٻولي پارائن
وٽن ٻوٽن ڏي واجهائن، اڪ تئون ماکي کين تا لاهن
وسري ويا جي ياد ڪرائن، سگهڙن جي آ کهڙي بات

کن تا نيرن هڪڙي هنڌ، مانجهاندو کن تا ٻئي هنڌ
سانجهاندو وري آ ٽئين هنڌ، سومهٽي ۽ تي جاڳيل جند
ڪوٽ قرب جي تاڏي پنڌ، ايئن تا ڏورن منڙي سنڌ
ناهن پير وڏيرا جو ڪن، سنڌ سان ويسهه گهات

ڳجها توڙي کليل خزانا، ساندين منڙي ٻولي
ووڙ هنن وٽ راتيان ڏينهان ، ماءُ ڏني تن لولي
چڙهي گهمن تا جنهن تي، سا هي ڏکن جي ير ڏولي
گڏجي وهن تا جڏهين آهي، ذات نڪا ڪا پات

سگهڙ ڪڏهين ڪوجهو ناهي، هر هنڌ آهه اگهاٽو
ماري پلٽي هيٺ وهي تو نہ گهرجي کيس وهاٽو
ڪاٽئون آئين سنڌ جا سامي، ڪاٽي تنهنجو نڪاٽو
نکي لباٽو نکي لهاٽو سگهڙ منهنجي ذات

پاڻ مٿانئن گھوريندو رهه، جيتر تنهنجو جيءُ
آچن توکي اونداهن ۾، پرت جا پيالا پيءُ
گھوٽن ساڻ گذار گھڙيون تون، سانوڻ آ يا سيءُ
اتهاس ڪئون ٻولي ڪيئن رهي آ، ڳولا جي تن تات

هي جيڪي هن ٻاهر جا، هلندو نه هُنن جو ڦڙڪو
سگھڙ جيسين ساهه ڪڍن ٿا، سمجھه تون ناهِن نڏڪو
هڪل ڪري جڏي ڳالهائن ٿا، دشمن تي آ ڪڙڪو
مانُ مڃيندين نيٺ هنن جو چاڻ ڪٿي هيءَ رات

سئو گھڙيندڙ واهه جا ڪنير، آ سونهن هنن جي خيالن ۾
ڳُڻَ ڳٽيندڙ ويهه هنن پر، آسونهن نه پسندين حوالن ۾
تڏي هجي يا ڪوسي پر نه فرق هنن جي چالن ۾
گل تنهنجي لئه جهوليءَ ۾ تن، ڏارين لاءِ پر ڪات

تون هڪڙو چا هار نگاهن جا سنگت پئي پائي
يلي نه خادم ڳاءِ هنن کي ڏيهه سچو تو ڳائي
ڪڏهن نه ڪوسا ٿيندا، اڪڙيون نرندن تُنهنجي آئي
ٿَڪڻا ناهن يار اسان جا يلي تئي پريات

آسونهن = ڪوجهائي
ساهي = سا آهي
جيتر = جيستائين .

32. بکر ڳوٺ 2007_3_31

هڪ جهڙو هڪ جيڏو مون کي سَرَتو گهرجي

منديون نہ مون کي آچ، نہ ڪنگڻ اهي ڏيکار
اوڏو تي اندر ڏس تون، هن دل جو ڏس ڏڪار
او ماءُ منهنجي منڙي، چڱو ٿئي تہ ٻڌ پڪار
هڪ جهڙو هڪ جيڏو مون کي سرتو گهرجي

هيءَ منهنجي جواني ائون جوت نہ هوڏي
ناهي پاٽيءَ ۾ رواني، اهو اوت نہ مون ڏي
هُن ڏر جي پريشاني، ڪندي موت نہ هيڏي
دل پاڻ گهڙيون گهاري، اهو گهر تو گهرجي

جنهن کي ڏسندي ئي ٻانهون نہ ڪڇن جي
تاٽي نہ جاڏي جندڙي، راهون نہ ڪپن سي
ميٺو ناهي جن کي، ڪاهون نہ ڪپن سي
تو ساهہ جنهن کي ساري، سو سر (S i r) تو گهرجي

جنهن سان تيون رانديون، اُٺي ڳولهہ اُنهيءَ کي
جنهن سان نہ ملاقاتيون، ڪر ڳول انهيءَ کي
جنهن ڏي نہ آهن جهاتيون، نہ ڏي تول انهيءَ کي
پايان جنهن کي ور مالها، سو ور تو گهرجي.

هيڏي چو ڏسان مان، يا هوڏي چو ڏسان مان
آهي آسرو تو ۾، تو ڏي تي تڪيان مان
جيجل جو آن منڙي تو سان تہ سليان مان
جنهن جي آهيان ناري، سو نر تو گهرجي

موبائيلن تي بي گهٽيون آچون تين تيون
ڪيئي چريون مون تي هتي واچون تين تيون
بنگلن جون صلاحون بي هتي خاشيون تين تيون
جنهن ماري وڏو آهي، سو پر تو گهرجي

توکي نہ وٽي سو جيڪو تو وٽي مون کي
تون جي ڪنديءَ دير اجهو چاڙ کٽي مون کي
ڳاري وڏو آهي، ان اک جي اٽيءَ مون کي
جنهن کي تي چوين چَرِ تون اهو چَرِ تو گهرجي.

اجا بي تون پنهنجيءَ تي، تنهنجي نہ مڃيندس مان
مان واٽ نہ تنهنجيءَ تي، هُن کي بہ ڏسيندس مان
ناهين جي گهَرَ منهنجيءَ تي، ڪاري بہ نہ تيندس مان
بس زهر ڦڪيندس مان، مون کي زهر تو گهرجي.

چَرَ = چريو

33. بکر ڳوٺ 2007_4_01

ويساهہ وڏو ٿو گهرجي

محبت مينهن وسائڻ لاءِ، ڏکيا ڏينهن گذارڻ لاءِ
۽ پڻ ساهہ منجهائڻ لاءِ، ساهہ وڏو ٿو گهرجي

پنهنجو پاڻ پچائڻ لاءِ، پاڻ کي چيئن تي چاڙهڻ لاءِ
سنڌ سان نينهن نباهڻ لاءِ، نيباهہ وڏو ٿو گهرجي

ماڳ جي مومل ماڻڻ لاءِ، وچن پيار جو پاڙڻ لاءِ
۽ ڏينهن اهو هت آڻڻ لاءِ، ڏاهہ وڏو ٿو گهرجي،

بڻ ٻڌياد ملهائڻ لاءِ، ٽڏيءَ ڪوسيءَ ڪاهڻ لاءِ
تاج ڪنڊن جو پائڻ لاءِ مسياح وڏو ٿو گهرجي

امڙ بابت اورڻ لاءِ، تڪي وري ٻي تورڻ لاءِ
توکي پاڻ ڏي سورڻ لاءِ، ويساهہ وڏو ٿو گهرجي

جيءَ جيارا وسارڻ لاءِ، پت پنهنجيءَ کي پارڻ لاءِ
موڪيل موذي مارڻ لاءِ، ڀاءُ وڏو ٿو گهرجي

پنهنجي جند ڇڏائڻ لاءِ، ڏينهان راتيان ڪاهڻ لاءِ
ڀهڙي ٻت کي ڊاهڻ لاءِ، گناهہ وڏو ٿو گهرجي.

ٻڌ ڳالهيون چيياتڻ جون، خان جهان جي ڦاتڻ جون
گهرجن ڳاهون ڳائڻ جون، ڳاهہ وڏو تو گهرجي

خادم چرچو ناهي هي، ۽ پڻ ٻرچو ناهي هي
ننڍڙو پرچو ناهي هي، چاهہ وڏو تو گهرجي.

ڏاهہُ = ڏاهپ ڳاهہُ = ميڙُ
مسياح = مسيح ڳاهہَ = ڪنهن ويڙهہ جي بيتن ۾ ڳايل ڳالهہ
چِيئن = اڌ وڍيل ڪاٺي يا ٻُندڙ کي وچ ۾ ڏنل چِيرَ کي چيئن چئجي ٿو.
موڪيل = پرڪيل

34. بکر ڳوٺ 2007_4_1

سنڌ پر هوندي

اتهاس جا هچارا، تاريخ جا ويچارا
اندر هنن جا ڪارا، ٻاهر هنن جا ڪارا
وس ٿا ڪرن ويچارا، ڊاهن اسان جا چارا
ڳڌ ٿي پون هي سارا، ٻنڌ پر هوندي

ماڪڙ لاءِ ملڪ چاهي، مٿ ۾ هيءَ خلق آهي،
چنيٽي نہ پلڪ آهي، ڏوڪڙ جي چلڪ آهي
ڪنهن تي ٻي فلڪ ناهي، ڪنهن وٽ بہ ڪِلڪ ناهي،
هتڙي ٻي جهلڪ آهي، منجهہ پنڌ پر هوندي

يورپ نٿن پري، دبئي نٿن پري
عيشن ۾ آ سدائين، مخلوق تنهن ڪري
ڪاٽي سياٽي هجٽو خبر ٿن ذري ذري
يلي ڪن هُري هُري پر ڪنڌ پر هوندي

مخلوق هيءَ مزن ۾، جٽ ۾ آهي جهان
ناهي نبي هنن وٽ، ناهي وٽن قرآن
ڪو بہ شڪ نہ آهي، ڏاريا آهن ڏريان
ڏسندين هي نہ هوندا، هيءَ مُنڌَ پر هوندي

ناحق وڄن نغارا، ڏسجن ٿا سڀ نظارا
اڄا نيٺ ٿيندا ڪارا، سنجي ويندا هي سارا
ڏسندا پنهنجن اکين سان، ڪوڙ تو مون پارا
مان نہ هجان پيارا، هيءَ سنڌ پر هوندي

35. ڪراچي 2_4_2007

ميلي ۾ ڏنو هومانس

ميلي ۾ ڏنو هو مانس، اتي ڪوئي ڪنو هو مانس
لڳو ڏاڍو سنو هو مانس، چيئين تو سان جند جڙي وئي آ

مگيل آهين ڪنهن سان يا اڪيل آن ڪنهن سان
چيائين مگيل نڪا اڪيل، تو سان اک اڙي وئي آ

چيم ماني کائون ڪاٿي، وڏي هوٽل هجي جاتي
چيئين بل منهنجي ماٿي ڏنم ڪري اٿر پڙي وئي آ

پڇيم نانءُ چا ٿي مڙي، چيئين نانءُ ٿم انب سنڌڙي
تون آنهن ڏاڍي سنڙي، منهنجي ڪل ٿڙي وئي آ

ويا ماٿئن ڏي نياپا، پوءِ سگ ٿيا سياپا
پوءِ لائون لڏيون ڪاڪا، ڪڏي ڪانه چڙي وئي آ

پنهنجو پاڻ ۾ آ سهڪار، جٽي ڏنا ٿئين بارهن بار
توڙي سنڌ پهتي ٻئي پار، ڪانه رات ٿڙي وئي آ

سيئي سنڌڙيءَ جا هن چنگ پر ڏينيوءَ جا آهن ڏنگ
دڙڪا ڏئي ڪيا ٿم دنگ، هاڻ نه سکي نڙي وئي آ

36. ڪراچي 2007_4_3

ڳيريلي جو ڳيرو

ڳيريلي جو ڳيرو ڪونہ پڇي ڪڏي پيرو
ٻاهر ڪجھ ڪجھ ميرو اندر ٻنھ اَڇيرو

آڪيري مئون تڏهن اڏاٽو سمجھيئين هاٽي آهيان ساماٽو
ڪاڏي اڏري هاڻ سياٽو ڪري سگھيو نہ نبيرو

پڪي ويچارو ٿيو نہ سگھارو ماريءَ جو پسندو رهيو مارو
ڳيرا چڻ سنسار آ سارو پنڌ پٽاندڙ ٿيو نہ تکيرو

ڳيرائپ مئون جند ڇڏايان، پنھنجي پلڙي پوڻ ءِ بچايان
ڪيئن مان سنڌ لاءِ ڪنڌ ڪپايان، سوچي سگھيو نہ سويرو

منجھندي ڪنجھندي ور ور ڪسندي،حال هيڻن جا ڏسندي پسندي
چرين وانگر رئندي کلندي، ڏکن ڪيو ٿس ڏيرو

ڏک ۾ ڏيل ڏري پيو آهي بک ۾ پيلُ پري پيو آهي
اڄ ۾ اَلِيلُ مري پيو آهي، وقت اڇي ويو اويرو

خادما جيءَ جھُري پيو آهي، پوڻ ءِ جو پاڳ پُري پيو آهي
منھنجو ڪير ڪَري پيو آهي وسري ويو واهيرو

پوڻ ءِ = مِٽي، ڌرتي ڏِيلُ = سرير، بُت
اليل = هيٺو واهيرو = پکين جي رات گذارڻ وارو هنڌ آکيرو

37. ڪراچي 2007_4_3

لِڱ منهنجا ڪاٺ ۾

ڪنڊا ٻير ٻير ۾
رڍون ٻڪريون ڪير ۾
لِڱ منهنجا ڪاٺ ۾
پر مڱ منهنجي وات ۾
ڄڃ آئي پار جي
موڪلاڻي ڪنوار جي
سئي وڄايم سڄ ۾
ڳوليان ويٺي رڄ ۾
ڪانا جوئر جا
ڪائي سوئر ويا
داڻا ٻاجهر جا
چڳي ڪبوتر ويا
ڳهه ڳنا ڳچيءَ ۾
منڊي وڃايم مٽيءَ ۾
پڃر پترون مَنهَن ۾
ڪنوار ويٺي ونهن ۾

38. ڪراچي 2007_4_3

هالار منهنجا يار

هالار منهنجا يار، منهنجي لهين نہ تو سار
منهنجي اِها تئي ميار، هالار منهنجا يار

ڏاڍيون گاريون ڏئين تو گهر ۾ تنهنجي ڳِلا سڄي ٽَرَ ۾
چڱي ناهي ڏيڻ گار، هالار منهنجا يار

ڏاڍي ڪاوڙ تو ڪرين، توري گهٽي تي وڙهين
گهر ۾ ڪيتو ناهي ڪار، هالار منهنجا يار

جڏهن ڪاوڙ تو ڪرين، ڳوڙو لڳين تو پرين
ڪڏهن کائيندين ڏاڍي مار، هالار منهنجا يار

هالارُ حسين پٽ ڊاڪٽر آفتاب حسين پٽ خادم حسين ابڙو.

39. ڪراچي 2007_4_05

پڪ تنهنجي جو ٻاڙيل آهيان

جهنگ انڌيءَ جو ڄاول آهيان، ڳوٺن ۾ مان ڳايل آهيان
ڏاڍن جو مان ڏاريل آهيان. اڻ ڳڻيل ڪريبن ڪاريل آهيان
بهشت آڇن ڏتاريل آهيان، دوزخ دڙڪن ماريل آهيان
اوکيءَ ويل جو آيل آهيان، مرگهن وانگ اڄايل آهيان
برهہ جي باهہ ۾ وهتل آهيان، ڪڏهن نہ ماڳ تي پهتل آهيان
پيار تنهنجي ۾ پيتل آهيان، من پنهنجي ۾ سيتل آهيان
اورنگزيب اُڇايل آهيان، تنهن ڪري ئي تايل آهيان
تيمورن جو تاڙيل آهيان، ويرن وٽ مان واڙيل آهيان
توڙي تو وٽ تياڳيل آهيان، تو لئہ يار وياڪل آهيان
تنهنجي تختيءَ ڏاڻل آهيان، پر مان تو وٽ قاڻل آهيان
ڪوڙ بدوڙ جو قاتل آهيان، ڏيهن وٽ مان ڄاتل آهيان
توڏي ئي مان تاڻيل آهيان، ڪونہ ڏيئو مان اجهاڻل آهيان
تنهنجو ئي مان سانول آهيان، تو بابت مان ناول آهيان
توٽي تو سان ڪاوڙيل آهيان، پڪ تنهنجي جو ٻاڙيل آهيان
ڪنهن ڪاريگر جو ناهيل آهيان، تو وٽ ٻي آزمايل آهيان
ڌرتيءَ جو پٽ پاليل آهيان، سنڌوءَ ساڻ سلهاڙيل آهيان.

40. ڪراچي 2007_4_6

ميهر سوا مان ڪوڙي آهيان

ميهر جي مان توڙي آهيان
ساهڙ سوا مان ڪوڙي آهيان

درياهہ جي مان ڏاريل آهيان
ايامن ڪئون اجايل آهيان

تنهنجي سار جي سائل آهيان
تنهنجي گهور جي گهائل آهيان

موهہ مٺئي سان پويل آهيان
تو ڪان پري مان ڏڪويل آهيان

پڳت ڪبير جي ڪويل آهيان
لوڙنِ جي مان لويل آهيان

گندري آهيان، پوري آهيان
جام جي پر مان نوري آهيان

ساڙيلن جي سڃاتل آهيان
دودن جي مان ڀاڳهل آهيان

41. ڪراچي 2007_4_6

مان ڪان مران تي مٿا

مان ڪا نہ مران تي مٿا، هانو تي مگ ڏريندي سانءِ
خوش نہ تي تون حورون ملندئي، گڏ اُتي بہ هوندي سانءِ
توڙي قبر ڏي ويندين ڪٽي، تہ بہ تو سان هونديس سانڻ

اها سسئي هئي جا سمهي پئي، مان پهرا ڏيندي سانءِ
رنن ڏي تو ڪڏهن نهاريو، پئي اکيون ڪيندي سانءِ
ڪڏهن نهنديس ڪينڪي، مان پاڙي وارين سانڻ

دير سان آنيس ويندو ڪر، سوير گهر ڏي ايندو ڪر
پرسان لنگهئي جي رن پرائي، تنهن ڏي ڪين نهاريندو ڪر
هينئين سانڻ هنڊائيندو ڪر، نہ تہ رسي وينديس هانڻ

سنهڙيون سيپڪڙيون تو تاڙين،ماٺهين ڏي تون چڻ تو نهارين
ڏيان نہ منهنجو اتي ڌارين، منهنجو بينو اندر ساڙين
ڪندي سانءِ ڪڏهن بہ پاٽي، جي ڪيئي نہ منهنجي ڪاڻ

منهنجي هوندي ٻي موڙ نہ ٻڌجانءِ،سهرا ڪونہ ڳائيندي سانءِ
ويرين وانگي وڙهندي سانءِ، بچڙو ڌاڍو ڪندي سانءِ
سارو ڏيهہ ڪلائيندي سانءِ، سمجهي ويو هوندين تون هاڻ

اڙي! تنهنجي هوندي ڀيو کو نهاري،وهندين بس پو پلٽي ماري
ڪميني کي وجهندين ڏاري، سگهندو ڀيو کو توکي ٽاري
ايهي سيئي ڳالهيون ڀچاري، پاڻ کي سُرتِ ۾ آڻ

ادا خادم! تون ٻه ٻڌين ٿو پنهنجي سنگتيءَ کي نه جهلين ٿو
اجان ٻه هِنَ تي ڪک رکين ٿو اجايو مون سان ٻه وڙهين ٿو
لک عزتون تون جڏهن اچين ٿو سُڌرئي نه ايهو پڪ ڄاڻ

42. ڪراچي 2007_4_6

ٻُوڙن گناھ ڪھڙو

سانھ جي وڙھن ٽا
ٻُوڙن گناھ ڪھڙو؟
ناحق پٽيا وڃن ٽا
گئونچن گناھ ڪھڙو؟
ڏاٽو منھنجن ھٿن ۾
سنگن گناھ ڪھڙو؟
رانديون عقل ڪري جت
مستن گناھ ڪھڙو؟

43. ڪراچي 2007_4_7

لاچار ڪئون پچان ٿو

اٿميو تنهين ڪي، جنهن ڪي بہ هو گهري ٿو
سوچ ۾ مان آهيان چو الھ ايئن ڪري ٿو
چو چوندو هو ڪري ٿو، ڏاتار ڪئون پچان ٿو

جاڏي بہ مَنهَن توڙيون اوڏنهن نہ هو ڏسي ٿو
جاڏي بہ محل ماڙيون، اوڏهن گهٽو پري ٿو
نيٺ ڪهڙي ڪارڻ، ياندار ڪئون پچان ٿو

جٽي تي امڙ ويچاري، ريجهڻ جو راڳ ڏئي تي
وندي ورهائي سڀ ڪي، توڙي جو ساڳ ڏئي تي
چو ياڳ پر نہ ڏئي تي، هالار ڪئون پچان ٿو

باھ جي ٻري تي، پل پل وسائي تاندا
بچاٽو آ ٻڻ ڪي، لاوا هجن يا ڪاندا
اميءَ جا ايئين چو آندا، اوتار ڪئون پچان ٿو

ههڙيون هي جيءَ جياريون، ڪُنڊيون آهن يا ڪاريون
هيءَ پِينگ چرندي مرندي، نانهن وٽن مياروں
مينهون نٽي چو پياريون، ميهار ڪئون پچان ٿو

مون کي ٻڌاءِ داتا، ڪيڏا تو ويس پاتا
مظلوم سان يا ظالم، ڪنهن ساڻ تنهنجا ناتا
بيوس ٿيو مان آهيان، ڪنهن بار ڪئون پڇان ٿو

ماتار نانهن من ۾ نٿو مان ڳالهايان گَنَ ۾
ڇڏيو نٿئين مُڪياري، توڙي وڌو ٿئين گُنَ ۾
ڪک ۾ آهي يا پن ۾ فنڪار ڪئون پڇان ٿو

سمجهاءِ مون کي هاڻي، پنهنجو هي مَنبُ ماندا
جن کي جيئارين جڳ ۾ تن کي ڏئين ٿو ثاندا
پولار ۾ ڳوليندي، پاتار ڪئون پڇان ٿو

جڏي خيال ڪَرُ ڪٽن تا، خادم جا پر سٽن تا
اٿهوند هوند چو آ، هي چاڙهه پوءِ چڙهن تا
هي روح پوءِ رتن تا، لاچار ڪئون پڇان ٿو

44. ڪراچي 7_4_2007

هو جي هتي هجي ها

هو جي هتي هجي ها، دل ڏاڍي خوش هجي ها
ڪا ڪچهري ڪجي ها ۽ هيو نہ ڪجھ ڪجي ها

ڏينهنڙا ڪجن سجايا، چو اڄ وڃن اجايا
سجايا تين ها لايا، نياپو جي هو مُجي ها

جي ڪهل ڪا پسان ها ۽ مهل ٻيي ڏسان ها
لنگهي وتس وڃان ها. لڳي تو تہ ڪجھ رجي ها

بس دل جون خام خياليون، اکڙين کي ڪن تيون آليون
ڳٽبيون نہ هن جون چالون، وڃجي ها مِنهن ڪجي ها

ماري وڏو آ تيڏي، ويندو بي ناهہ ڪيڏي
پهچي سگهيو تي هيڏي، هن ڪئون بي جي پڄي ها

جوڙس وئي آ پيڪي، فون تي نٿو چو بيڪي
ڪنهن تي تو هتڙا سيڪي، وڃجي ها پڪ ڪجي ها

ٻيريلي جون ناهن ڳالهيون، جاتي ڪاٽي اهڙيون ساليون
مائٽن نہ ايئن هون پاليون، لڄ ٽئي ها گهرُ ڪجي ها.

45. بکر ڳوٺ 2007_7_8

اکيون پٽي گهم سنڌ جا ٻار

’منڙا بابا‘ چو تو وسارين، ڏينهان راتيان ’ابو‘ اچارين
ٻولي پنهنجي وينو کارين، اکيون پٽي گهم سنڌ جا ٻار

عمير ڇا هي الهه بچايا، ڪاٽي آهين سنڌ جا جايا
جيڪي آهن الهه اُپايا، ورڻ انهن جي ساڃهه ڏار

جهڙ ۾ جهيڙا رهٽا ناهن، مڪڙا ورڻ تي ويهٽا ناهن
واچوڙا ٻي وچٽا آهن، هيرون گهلنديون وري هڪ وار

وقت ڏکيو رڳو تو نہ ڏنو آ، جڳ جي قومن ڏک ڏنو آ
ڏاڙيلن جو ڏڪ سٺو آ، گهر تنهنجو آ منهنجا يار

بابل تنهنجو بيوس گهاري، سچ ڏني تس بهشت جي نعري
آسرو تنهنجو ڪيس جياري، ڪڏي بابل جي ٻي اک ۾ نهار

واتُ جو گتڪو ڪائيندو، ڪهڙو سنڌ کي ڳائيندو
رب کي ڪيئن ٻاڏائيندو لڏي اٿئي ڪڏي پنهنجي سار

جڏهن تون گنڪو ڪائين تي چا ئي منهن ۾ پائين تو
پنهنجي پَتِ وڃائين تي ڪيڏو ڪيو تي گنڪي خوار

ٻئي جي ناهي تنهنجي ٻولي، ماءُ ڏني آ تو کي لولي
ڇو تو آهي رڻ ۾ رولي، پاڻ ڪئون وٺ خبر چار

جهل مسلسل وات وهئي تي سنڙو ساندهہ ڪو نہ وٽئي تو
اگر مگر هر هر چنبڙئي تو. پاڻ ڇڏائڻ جي ڪر ڪار

ويهي گهر ۾ ٻولي پارين، ٻچڙن کي ٻي تو سيکارين
اباڻيءَ کي هٿ سان مارين، ڪهڙيءَ گار جو تون حقدار

پنهنجي هٿ سان پيڙي ٻوڙين،سچ ڪڏي تون ڪوٺ تو ڪوڙين
ماءُ ڏنل پنهنجيءَ کي نهوڙين، ٻئي تي ڪهڙي آهہ ميار

پٽ جو گهوٽ ڏسئي وينو مون ڏي موٽ ڇوئي بيٺو
ڪرندو ڪوٺ ٻڌئي وينو هڪ ڏهاڙي ويٺي جهار

هي جيڪي آهن مي خوار تي چڪا بلڪل نروار
تو مون لئہ آهن بيڪار ٻول ٻنهي جا ڏارئون ڏار

خادم ياءُ ڏسئي وينو ڏڪ نہ ڪاءُ ڇوئي وينو
وقت بادشاهہ سڏئي وينو موتي آءُ منا هِن پار

پَتِ = ويساهہ

46. ڪراچي 2007_4_9

ڪوهه ڪرين تو ڪن_لاتار

ادو ڪرڙ بي ڪرت ۾ آهي، ڏيهن وانگر ڏُرتِ ۾ آهي،
سچ ملي تس سرت ۾ ناهي، جهاڳي چڙهندو نيٺ پنوهار

منڙي ٻوليءَ کي تون چڏين تو پنهنجيءَ ماءُ کي چن ۾ چڏين تو
پيءُ پنهنجي تئون هٿ ڪٽين تو ڏاريا تنهنجا ٿيا دلدار

پنهنجو پاڻ سان جاڙ ڪرين تو پوئتي بي ڪا نهار ڪرين تو
ويندي جهار تون ڪوهه جُهرين تو وري چوانءِ تو پاڻ سڏار

ميلي ۾ جڏي مينهن وسي تو سيپ ڪو انهيءَ ڏينهن پِسي تو
سنڌ جو آ سو شينهن ڪسي تو مڙس ڪٽن ٿا بيشڪ بار

نانهن هُنن جو منهنجي ڪُرَ آن، هن جهيڙي ۾ تون پيي ڏر آن
توڙي گدڙ آن پنهنجيءَ ڏر آن، ڪوهه ڪرين تو ڪن لاتار

ڏيک ڏئين تو اسان مان ناهين، بيهي هُنن وٽ اسان تي باهين،
ڪلندا توتي نيٺ بہ چاهين. پلي هُنن لاءِ ڪرڻ ٻُهار

ڪارن مئون اچا نيٺ ڳٽيندين ، ميت پنهنجيءَ کي ڪاڏي نيندين
خادم ڏاڍو بچڙو ٿيندين، سنڌوءَ سان جي چننڊين تار

47. ڪراچي 2007_4_9

شل نہ ڪسجي سهاڳ ڪنهن جو

ڪنهن نہ جهڙي هيءَ چانو آهي ۽ هيءَ حياتي سندس نانءِ آهي
گهوٽن کي گهربل ڪو ڏانءُ آهي، شل نہ ڪسجي سهاڳ ڪنهن جو

ڏکيو بچائڻ هي بخت آهي، جي مڙس خوش آ تہ تخت آهي،
تپسيا برابر تہ هيءَ سخت آهي، رهي سڪيو شل سهاڳ منهنجو

ليلا کي قسمت هو ڪيئن کُٽو، وَرُ واري ڳيئين مٽيو مِٺو
مان نہ ڪريان اهڙو ڪم مَٺو متل رهي من مهاڳ منهنجو

او مائي ليلا او مائي ليلا، ڪاڏي ويا تنهنجا متل ميلا
بَخشُ نہ ڀُلَ ڪر ڪيڏا بہ حيلا، ڏسي چڏيو جڳ ڏهاڳ تنهنجو

ور بنا هيءَ نار نڌر آ، ڏکن ۾ پر ٻي ٻيي ڏُرِ آ
ڏينهن آ چڙ توڙي جو اسر آ، ساٿي هجي شل هي ڀاڳ تنهنجو

ڪجهہ بي معاف نہ ٿيندو آهي، پوکيو جو سو لڻبو آهي
پل چڪ خادم پريندو آهي، ڦٽي نہ ڪڏهين هي ڀاڳ ڪنهن جو

48. ڪراچي 2007_4_10

من مون لاءِ بي اڇي بهار

هيڏي ڀلي نہ هجي نهار پر ونجي پئي خبر چار
ويهي ههڙي وڏيءَ ڪار ڪاڏي نڪتا هيو سرڪار

دل تئون لهو ننا سائين، قاتل آهيان هڪڙو مان۔ئين
ويل مون سان آ ازل کان ئي، هي اکڙيون آهن سدا آن پار

سانجهيءَ ٽائي موتي اڇبو يارن ڏي پو مرڪي ڏسبو
هٿ ۾ اٽڪيل رومال ڇنڊبو حڪم ڊرائيور ڪار بيهار

مون سان ڀال ڀلائيندي آ، هيڏي هوڏي ڪنائيندي آ
پو مشڪي مون ڏي نهاريندي آ، شابس تُس لهندي آ سار

انهيءَ ۾ خوش ٿيندو آهيان، هن ڪري هِتِ ايندو آهيان
واٽن تي بي بيهندو آهيان، من مون لاءِ بي اڇي بهار

هٿ نہ پهچن اکيون سيڪيون، هجن دل کي اجايون ٽيڪون
ڪو تہ دلا سو مون کي ڏي تون، نيڻن جا ڏس وهندڙ نار

جيسين جوت جواني آهي، خادم ڏوَ تي ماني آهي
تيسين قرب ڪهاٽي آهي، پوءِ نہ لهڻي سهڻن سار

آن پار = توهان ڏي

49. بکر ڳوٺ 2007-4-13

وس وڏي تي گهرجي

اج مُنِيءَ کي مارڻ لاءِ، هن نوٽ سُڪِيءَ کي پڇائڻ لاءِ
ساڙيل ڌرتي ٺارڻ لاءِ، وَسَ وڏي تي گهرجي

قوم ستل، جاڳائڻ لاءِ، دودي ڳاهون ڳائڻ لاءِ
سنگت کي سمجهائڻ لاءِ، مَسُ وڏي تي گهرجي

ٻڌي قائم ڪيئن ٿئي، ياري دائم ڪيئن ٿئي
جکرو جادم ڪيئن ٿئي، ڳَسُ وڏي تي گهرجي

ڌاڙاين کي ڌارڻ لاءِ، هيءَ مصيبت ٽارڻ لاءِ
ههڙا دشمن مارڻ لاءِ، ڌِسَ وڏي تي گهرجي

خادم! سوچ تہ ڪيئن ڪجي، هونءَ ڪجي جان هِيئن ڪجي
ايهو سڀ ڪجهہ ڪيئن ڪجي، سس پس وڏي تي گهرجي.

وَسَ ... ڪار – برسات – مِينهُن – وسڪارو.

50. ڪراچي 2007_4_14

هٿ نہ تون کڻجان

ڌرتيءَ جي وک تئون ۽ پڻ پن ڪک تئون
جيڪا تنهنجي آ ازلئون، هٿ نہ تون کڻجان

ورهيہ کٽي هزار هجن، توڙي هيٺا يار هجن
دل تي پلي اوتار هجن، ڪنهن تي بہ نہ تون چڙجان

ايها تنهنجي اياڻپ آ، ايها تنهنجي سياڻپ آ
ايها تنهنجي سڃاڻپ آ، ان آٽ تي تون اڙجان

هن وطن جو وارث تون، پاهڻ تون ۽ پارسُ تون
آڌر تون ۽ سدارث تون، ڏک پاڻ تي تون مڙهجان

آ پيڻ تنهنجي ٻاگهل، اها ڏاڍي آ وياڪل
تو ڪئون سوپ گهري پل پل، اڻ - موٽ نہ تون مُڙجان

خادم! ڳاءِ اهي ڳالهيون، گهڙيون نہ هجن پالهيون
چڙهنداسي اِهي چاڙهيون، ٻي ڳالهہ نہ تون سڄجان.

51_ بکر گوٹ 2007_04_15

ڏونڪو لڳندو پير

پِڙ ۾ بيهي ڏس چو ڦير، ڪير آ تنهنجو ناهي ڪير،
سمجهڻ ۾ بوءِ پل ٿئي دير، پر ڳالهه سمجهبي تير پٽير

ڪير پنهون آ ائون آ ڏير، ڪير ڪلُو آ ڪير گل شير
جاول آهي اصل هنٿون جو يا آيو آ ڏئون اجمير

ڇڏائيندو ساٿ ڪي، ڪڏهين ڪير نہ ڪير
اوڍهون ڏسندين سوجهرو جاڏي اير نہ پير

توڙي تي وئي آهہ اوير، پر بي ايندي نيٺ سوير
ممڻ جي بہ مچائيندا، سي پڌرا نيٺ تہ ٿيندا پير

ڪيرائيندا ڪوٽ ڪي، مانجهي مڙس مٿير
آسروند انهن جو پلڙا جن جا پير

اج هلي وئي نيٺ سياٽي، ڏونڪو لڳندو پير
ڪنڙن سنڙن پنهنجن بابت، ڪيِ دلين مئون مير

پنهنجن ڪي بي جاچيندو هل، ڪير گدڙ آ ڪير آشير
ڏينهان راتيان رت وهي ٿي، ايئين ٿئي تو سنڌ جو سير

واري جي تون گھمڻ گھرين تون ڪر پنھنجي دريا ھہ جو سير
واھہ جو ونجي سنڌ وئي آ، ونجي ويا ھن سڀ گھٽ گھير

ڪاڏي ڪھڙيون واٽون ونجن، ڪاڏي ڪٽجن ھاٿي پير
بگھڙن کي پئي رت جي ھير، ڪاٽي بي ڪونھي ڪو خير

پادر جيسين ھَٿِ نہ ڪٽبو تيسين ڪونہ ڇڏيندا ڏڌير
ڪچو پڪو نوٽ تي ويو آ، ڪاٽي ڪا نہ رھي آ ٻير

سوچيندي ويندي اڄ تائين، ڏاڍي گھٽي تي وئي آ دير
ڪرڙ ڪانڌيرا چوري ڪاٽي، اٿ شھر ڏي آھن پير

اتھاس ڪئون ڪجھ وڌ اڳتي، ڪوڙ پنن تي پنھنجا پير
پوتار وڏيرا پير سگورا ، ڏس تہ ڪنھن سان آھن ڪير

گولين جا جڏي ڪڙڪا ٿيندا، وڻ تي ڪونہ تون ڏسندين ٻتير
ڪانہ ڇڏي آ خادم ھڪڙي، ڳالھيون ٿيون ھن تير پتير

تير پتير= سموريون، ھڪ ھڪ

52. ڪراچي 07_4_17

سنڌ ڪي بقاءُ آ

بهار ڪي ٽا پانيون، اونهاري سان بہ آهيون
سيارو سرءُ نباهيون، نہ ڪنهن منڊ ڪي بقاءُ آ

دوڙا جي نہ رهيا چنيسر نہ رهيا، ويڪائو ٽي ويا مال بازيگر نہ رهيا
ڪاريگر جن سڏايو نہ رهيا، ڪنهن نہ ڪنڌ ڪي بقاءُ آ

جيڪو مون ڪي جياري، پنهنجائي وينو پاري
ڏئي ٺار مون ڪي ٺاري، تنهن هنڌ ڪي بقاءُ آ

سينن تي جن سانهر سٺا، گولن جا جن مينهنڙا ڏٺا
جنهن سنڌ جا سورهيہ ڪٺا، تنهن سنڌ ڪي بقاءُ آ

سڪرنڊ تي شهيد آ، ڪنهن ٻنڌ تي شهيد آ
جنهن رند تي شهيد آ، تنهن رند ڪي بقاءُ آ

مهل ڪان مهند آ، جيڪا تنهنجي سنڌ آ
سائي منهنجي جند آ، هن جند ڪي بقاءُ آ

اڪيون جڏهن ٻوٽيندين، خادم تون هيٺن نہ هوندين
تون تڏهن بہ هوندين، انڌ پنڌ ڪي بقاءُ آ

53. ڪراچي 07_4_17

مٽ سٽ ڪيئن ڪجي

نيت چا ڪجي، جهٽ پٽ ڪيئن ڪجي
ملنڊڙ هنن سٿِن کي، سٽ ڪيئن ڏجي

مهلن وڏو ڳچيءَ ۾، ڪوڙن وڏو سچيءَ ۾
هاڻي نياڳي نانوَ کي، چٽ ڪيئن ڪجي

الزون ٿلهيون اسان تي، آڪڙيون اسان تي
ڏنڊيون اپيون اسان تي، ڪا رٿ ڪيئن ڪجي

ڪالهه ٿيو هو جيڪي، اڄ پي اهو ئي آ
هاڻي سوچڻو اهو آ، لٽ پٽ ڪيئن ڪجي

جُنِ جي آ بيهڻ تي، آ سڀاڻي ٿيڻ تي
آهي پوءِ اترڻ تي، سا گهٽ ڪيئن ڪجي

گهر آ منهنجو ڪاٿي ۽ نر آ تنهنجو ڪاٿي
نگر سچو هي ڪاٿي، او ٻٽ ڪيئن ڪجي

جيڪي هتئون هليا ويا، آيا جيڪي هتي
هاڻي هتي تون سوچ تہ، مَٿ سَٿ ڪيئن ڪجي

ويون وڪوڙي باهيون، اسان سرت ۾ نہ آهيون
ڪٽئون وکون سجايون، پنيٺُ هي جيئن پِڄي

خادم! ڏاڍو چريو آن، اڄ تائين نہ سڌريو آن
منڙيءَ ماءُ سنڌ سان، هيو مٿ ڪيئن ڪجي.

54. ڪراچي 07_4_17

درياھ شاھ

پونديون ھاٽي نہ ڄاريون، ڏينديئي نہ ڪو ميارون
ڪيتريون تو سھٽيون ماريون،سھڪن ٻيڙيون ويچاريون
ڍرڪن مينھون پٽاريون، سڄيون آھن ٻيٽاريون
تنھن جو وھ وھڻ لئہ،ڪاڏھون تہ ٿيندي ڪاھ درياھ شاھ

اونداھيون ٻہ ويندیون ۽ موٽي سنبھيون ايندیون
پڪڙا ڏاھيون اڏيندیون، ٻيڙياتن کي ٻانھيون ڏيندیون
نيٽن کي راھون ٽيندیون، ھيٽن تي چانئون ٽيندیون
سيٽن ساھون ٽيندیون،ھيلھوڪي ھن ئي ماھ درياھ شاھ

سَنبُھِي = مڇي مارڻ لاءِ ننڍي ٻيڙي (ڏُونڊِي) ءَ جي آڏو ڄاري ٻڌي ملاح / ميربحر / مھاڻو جنگھان سڌيون ڪري ڄاريءَ ۾ پنھنجا پير اٽڪائي / ڦاسائي ويھي رھندو آھي. ٻيڙي اڳتي ھلندي رھندي آھي. سامھون ايندڙ مڇيون، ڪُرڙا ۽ ڪُرڙيون، ڪڏُ / ٽپو ڏيئي اچي انھي ڄاريءَ ۾ ڦاسي پونديون آھن. تنھن ڄاريءَ کي سنبُھي چئبو آھي.

55. ڪراچي 07_4_20

جاڻ تنهنجو خط مليو

جاڻ تنهنجو خط مليو تنهنجي دل جو تت مليو
اندر کي آٿت مليو ساهہ کي ڏاڍو ست مليو
بت کي جڻ نئون رت مليو، الله ڪندو خوش هوندين تون

نم وٽ پاڻ کي ڪوڙيان ٿي،اڄ مان تو سان اوريان ٿي
ماضيءَ سڳڙو سوريان ٿي، وقت وَيَلَ کي ووڙيان ٿي
روح ۾ جيڪي روڙيان ٿي، اميد چڱيءَ پر ٻڌندين تون

ڪچي ۾ ئي ڪُڏندا هاسي، واٽن تي ئي وهندا هاسي
سانجهن جو ئي سمهندا هاسي ۽ پو جڏهين اٿندا هاسي
هڪ ٻئي کي ڏسندا هاسي، هن ڳالهہ ۾ پڪ آ هوندين تون

الف الله بہ گڏ پڙهي سي، ميم محبت پڻ ڪئي سي
ڪوڙي مٺي هڪ ٻئي کي چئي سي، دانهن ٻئي کي ڪانہ ڏني سي
چوري ڪنهن جي ڪا نہ ڪئي سي، کوٽ نہ هو چئي سگهندين تون

بسري آندي هُيئي گھرئون، چيو هُيئي آءَ ٻئي ڳرئون
امڙ ڪِلِي هئي ٻيهي پريئون، خوش هيا سي ٻئي ڏريون
هاٺي ڪهڙيون ڳالهيون ڪريون، هيءَ ٻي ياد تہ ڪندين تون

لٽا پائي سهي سنبري، نيرن چانهه سان ڪندو آهيان

منجهند جو اسڪول کئون اچبو، ماني ڪائي راول سان وڙهبو
جند نه ڇڏيندوعلم جو ٻجڪو هوم ورڪ ۾ جڏو ناهيان

ڊاڪٽر آهي. اسان جو بابل آهي پر ڪاوڙ ۾ قاتل
مان ٻيي گهر ۾ چاتل سچاتل ڪاوڙ ڪي منهن ڏيندو آهيان

ڏاڏو ڏاڏي گهر ۾ آهن. چاچا ٻي ڳيريلي آهن
ماسيون ماما پيار ڪندا هن، ڳَسَ ڪائڻ جو ڪوڏيو آهيان

ا هالار = هالار حسين پٽ ڊاڪٽر آفتاب حسين پٽ خادم حسين ابڙو
. راول = هالار جو ڀاءُ

111. ڪراچي 07_7_9

ڳالهہ ڪي ڪيئن ڳائجي

ڳالهہ ڪي ڪيئن ڳائجي، سوريءَ سيج وڇائجي
نغارو نرواڻ جو نيٺ بہ ڪيئن وڄائجي

پوليس چڙهايون وڏيون ڳوٺن تي بندوقون سڌيون
پوتار جون چالون ڪُڏِيون ڪنهن ڪنهن کي ڪيئن ٻڌائجي

روز اخبارون پڙهئون لاءِ ڳوٺن تا ڪڙهئون
دادون ۽ فريادون سُڻئون ڪنهن تي نہ پر تو باهجي

چوڪُنڊي ۾ قيد هون ۽ تي ويا ناپيد هون
اڄ اسان ريد قيد هون، پاڻ کي ڪيئن ٿاهجي

نِتُ نات آهن اڻ ڏٺا ڪيئن گهورجن پنهنجا مٺا
انسنا ئي انسنا هِنَ ٿاهہ کي ڪيئن ڍاهجي

112. بکر ڳوٺ 07_7_10

هيڏي ڏسو آشڪار کي

ڳيريلي جي ٻار کي ۽ ماءُ جي منٺار کي
هيڏي ڏسو آشڪار کي، هن سنڌ جي شاهڪار کي

آلهہَ ورايو نانءُ تس، ڳالهيون ڪرڻ جو ڏانءُ تس
سهپ جو وڏو ٿانءُ تس ويجهو نہ ڪڏهين گار کي

ٽن پٽن جي لانڊ ۾ بابا جي ساهہ جي سانڊ ۾
سڀ خوشيون تس پاند ۾ ڀائر ڀائٽن دلدار کي

مارئيءَ توڙي هِنَ جي مِٺِي ساڳي الهہ سائينءَ سِٽي
اها ڏيٺ آ هن جي چِٽِي اها خبر آ سنسار کي

پٽ ڏٺي مرشد مِٺو آ گهور تنهن تئون هي ٻچو
ڪنن جو ناهي ڪچو ڏيو خبر پل اخبار کي

جيسين جيئرو جهان ۾ رهي شل الهہ جي امان ۾
گهٽ نہ ٿئي ڪڏي شان ۾ پهچي نہ ڏک منهنجي يار کي

آشڪار = آشڪار حسين عرف الهہ ورايو خان پٽ ڊاڪٽر آفتاب حسين پٽ خادم حسين ابڙو

113. بکر ڳوٺ 7_7_17

پُٽِيءَ پِٽِ جيئڻ پُران تو مان

پليءَ هِن پُوڻءَ تي پائو پُٽِيءَ پِٽِ جيئڻ پُران تو مان
جهچان تو ۽ جهُران تو مان، متان سمجهو مران تو مان
جياپو جُوءِ کي گهرجي اهي دانهون ڪريان تو مان
وڏيءَ وِکَ جو ويو ويرو ٻرانگهون اڄ پريان تو مان

مچان تو وقت جو ڪانٽو ڦِري تو ۽ رڙهي تو پيو
ڏسي تو مان اچان جيئرو چڙي تو ۽ ڪڙهي تو پيو
وڌائي وِکَ نئين سِرِ ٻَکُ ٻچي تو ۽ مڙهي تو پيو
تڏهن ٻي پير پختا هِنِ چُران تو ۽ پُران تو مان

ڏسو هن کي هي صوبيدار آهي
جيڪو ٻي ڳوٺ آ سنڌ جو سدا هن جو شڪار آهي
اٿس اکيون ڏسڻ کئون پر ادو لاچار آهي
چڏي هن کي هتي هاڻي ادا اڳتي سُران تو مان

درجا پڙهي ٻہ چار هي آيو هو شهر ۾
اندو نہ آهہ تہ آهہ سچي سنڌ قهر ۾
چنائين چَنَنِ سان سگڙا ههڙي هِنَ پَهَرَ ۾
هن کي وڏي ارمان سان ڏسان پريان تو مان

هامان وٽ هتيار ۽ مون تي اُلَرَ اٿس
ڏينهن هتي ٻہ چار اها ٻي خبر اٿس
لڏبو پرائي لوءِ مئون اها پڪ پر اٿس
اوسيئڙو اَنَ تاهہ جو پيارا ڪريان تو مان

114. بکر ڳوٺ 07_7_19

غدار جيڪو وطن جو

غدار جيڪو وطن جو فوٽو نہ تنهن سان ڪڍائجان
ڪنڌ ۾ جنهن کي ڪِلِي تنهن در تي پير نہ پائجان
توکي ڏسي سَرهو نہ ٿئي، اوڏنهن نہ وِکَ وڌائجان
او پٽ منهنجي ماءُ جا، ڳالهيون هيئين سان هنڍائجان

نيرن جي کسجي آ وئي، مانجهاندو ياءُ سان کائجان
منجهند بہ وئي آ جي هلي ڪڙو رات جو ڪڙڪائجان
ڪو نہ ڪو تنهنجو ياءُ آ ياڪر سان ياڪر پائجان
هيءُ رات بي ويندي ڪُتِي ڪڏهين نہ دلڙي لاهجان

هُنَ جي هَٿِ بُسِري ڏسي، هيٺا پون ٽا ير ڦِسِي
مُنڌ ميارن کي ڏسي ۽ وطن جي حالت پَسي
گهر سوچ جي سنسار ۾ ڪنهن ڪيئن آ ماني کسي
ارغون کي طاقت نہ آ پنهنجن ڏهون سيِ ياڻئنجان

آيا بينا تي اوپرا ساهي منجهائڻ تي کپي
جيڪا بہ هوڏي چال آ نَوَڙِڻ ڦٽائڻ تي کپي
ميڙي سيڙي جوانڙا دونهين دُکائڻ تي کپي
گهٽ نہ ڪئي آ هُنن بي، تون بہ ڏرتي تپائجان

سچ ايرڻ جي چڏي اسان بہ هار ڪٽي مجئون
پر وقت تو ڦرندو رهي، قانون قدرت کي ڏسئون
لِکيل لَڏِڻُ آ وٽ هنن اجايو اندر ۾ چو هِچَئون
هي وقت جو وهنوار آ خادم! ڳوڻن ۾ ڳائجان

115. ڪراچي 07_7_20

پئسن ميڙڻ جو خيال آ

هيٺ منڙي ماءُ آ، اُپ متي الله آ
ڪنهن کي نہ ڪو کهڪاءُ آ، منهنجو مٿ ۾ ساهہ آ
تہ بہ جيان ٿو جاڙ ۾، ڳٽتين جو ڳاهہ آ

درياهہ جا در بند هئا پر مينهن آندي ٻوڏ آ
الهہ تلهہ ويو سڀ لڙهي باقي بچي هيءَ گوڏ آ
ههڙي جياپي تئون ادا ويو ڪجي ارواح آ

هي بہ هڪڙو جوان آ ۽ ٻيو بہ هڪڙو جوان آ
اخبار خالي ناهہ ڪا روز هڪڙو بيان آ
پاٽيءَ مئون پوڙهي ڪا ڪيڏي سنڀالڻ نہ ڪنهن جو ساهہ آ

باهہ آ جي ذڪڻ ڏيڻ ڏرٽا هٽبا اتر ڏي
ڏارين جو پاليل ڪارڙو مارائي وينو تتر کي
ييپ يربا يل ڪٽي جي قوم بک ۾ پاهہ آ

اڳياڙيءَ اپريو هيو ڏارين سان پڻ نبريو هيو
واهہ جو نسريو هيو ويرين سان جڏ وچڙيو هيو
هاڻي حياتي ڏينهڙا پئسن ميڙڻ جو چاهہ آ

116.ڪراچي 07_7_21

مڙس ويھي ويا منجھہ ونواھہ

ڏاڙيلن جي ڪاھہ تي ڪاھہ ماڻھن جو آ مُٺِ ۾ ساھہُ
مڙس ويھي ويا منجھہ ونواھہ ڪاڏي ويجھي يار ستار

پَٽُ ۽ ڪير تي ويا سي يارا، بيوس تي ويا تو مون پارا
اڇا جي تي ويا سي ڪارا، جاڏي ڏس اوندھہ انڌڪار

ڪنن جي لاتار ڏسئون ٿا، ھڪ کي ٻئي کٺون ڏار ڏسئون ٿا
جنھن کي ڏس لاچار پسئون ٿا، اکين آڏو جوئر جھار

ھڪڙي ئي ڄارِ ۾ آھن ٻچڙا، ٻيڙا ٻار ۾ آھن منڙا
دشمن خارِ ۾ آھن ٻچڙا، پير وڏيرا سڀ خرڪار

وقت جي واچ ناھي تڪ تڪ تي آڏي رات ٻيھي وئي ھڪ تي
سنڌي ٻاگھل وانگيان ڇِڪَ تي ڪاڏي ھليو ويو پالڻھار

ڪو تہ ٻِلو ير ڪرڻوپوندو منھن ڏئي اڄ وڙھڻو پوندو
واڪن پوبان ورڻو پوندو ھيڏي ھوڏي ڪين نھار

پختا پير ڪري وڙھبو گھر تئون پنھنجي ھٿ نہ ڪڍبو
ٽپي گھَٽَ گھير وڃي چڙھبو خادم ڏکڙا ڏينھن ٻہ چار

117. لاڙڪاڻو 07_7_22

ميلو هو چڙ نئن گاج تي

ڪلهه اسان جي ڪاڄ تي ميلو هو چڙ نئن گاج تي
سهڻي سونهاري سانجهه تي هئي رسم ڏيڪارڻ ڏاج تي
نَچڪو دهل ۽ جهانجهه تي ڏاڍو مزو هو وهانوَ ۾

آئي جڏهن هئي ٻِڪيءَ تي اک تڏهن پئي اُڪيءَ تي
عاشق ٿي پيس مان اِڪيءَ تي ڪري پيس سچو مان ڪِڪيءَ تي
سُڪَ ٿي ويس مان سُڪيءَ تي ٻرڇي لڳي هئي هنيانوَ ۾

پاڻ هئي ۽ هنر هو، پوِيون رات جو پهر هو
سِهرو نه هو ڪو قهر هو، ڪا دانهن هئي ۽ بحر هو
منهنجي مٿئون ٿيو سحر هو ونجي سندس ويس ڏانوَ ۾

جڏهين چتايم چاهه ۾ بس ڪيرٽر هو نگاهه ۾
چمڪي پئي سون جي ٻاهه ۾ دل چئي پئي سانڊيان ساهه ۾
ڪٿان پير پيار جي راهه ۾ سجهي ٻي نه پئي ڪا ڳانوَ ۾

پوءِ هيڏي هوڏي انڌ ڪَيم ۽ يار ڏاڍا پنڌ ڪيم
هُنَ ڏر جي مائٽن جي اڳيان وچي هيٺ پنهنجا ڪنڌ ڪيم
هٽي نيٺ پوءِ يار هنڌ ڪيم آئي هُوءَ منهنجي چانوَ ۾

ٻُڪي = ٻڪي سنڌ جي پراڻي رسم آهي. هيءَ رسم گهوٽ جي گهر ۾ ٿيندي اهي. گهڻو ڪري لانئن لهڻ واري رات کان هڪ سانجهي اڳ ڳوٺ جون عورتون گهوٽ جي گهر ۾ گڏ ٿينديون آهن. سهرا ۽ لاڏا چونديون آهن. ٻڪي لفظ ٻُڪ مان نڪتل آهي. هن رسم ۾ هاڻي عورتون پيسا ڏينديون آهن پر اڳي زائفون ٻڪ چانورن جو آڻينديون هيون جنهن جي ڪري هن رسم جو نالو ٻڪي پئجي ويو. ٻڪيءَ ۾ آيل چانورمگڙهار کي ڏنا ويندا هيا.

118.لاڙڪاڻو 07_7_23

پنڌَ جو پاند نہ ڇڏڻو آهي

جاتي ڪاتي ڳوليو تم روح پنهنجي کي روليو تم
اندر ٻاهر ڦوليو تم ملي نٿو جو ملڻو ناهي

ڇاتو ڳوليان ڇو تو ڳوليان، ناحق پنهنجي جيءَ کي جهوريان
ڪٿي خيال کي پيو تو ڦولهيان، پيد اهو ڪڏي ڪلڻو ناهي

عقل آهر ٻوڙون آهن. وس وڏي سان ووڙون آهن.
ڪيڙيءَ ۾ بس اوڙون آهن، پنڌ جو پاند نہ ڇڏڻو آهي

ايئن تہ الهہ جون واٽون ويهان، ووڙيندو وت راتيان ڏينهان
عقل پڇي تو ڪاٿي تہ ٻيهان، هوڏي جو ڏَس ملڻو ناهي

ٽڪجي پيو هان هاٽي ڇا ڪيان، ووڙڻ گهرجي سامين وانگيان
جهنگل جهاڳيان جوڳين وانگيان، اهڙي پنڌ تي هلڻو آهي

ماٺهو ڏاڍو هيڻو آهي. ناحق اپ سان سينو ساهي
ءِ پڻ پنهنجي واٽ نباهي هڪ ڏينهن هتائون هلڻو آهي

سنگت ٽَرَ جي ڇو مان تياڳيان ڇو نہ گلن سان پاڻ کي واڳيان
ٽترن کي ڇاڪاڻ نہ تاڳيان پيار جو پانڌي ٽيڻو آهي.

تاڳڻ تاڳيڻ = ٽڳائڻ، تاٽڻ

119. لاڙڪاڻو 07_7_25

هلندس هتئون مان مڏي ڪٽي

هيءَ هيڏي لوءِ آ منهنجي سموري جُوءِ آ
ڪيڏي منهنجي ڪُوءِ آ ڪير آ جو اک ڪٽي

ٻئي جو ٻارو چو هجي، هت مون پارو ڇو هجي
ڪو پڇڻ وارو ڇو هجي، ڏڻ سڄي جو مان ڏٽي

جاڏي ڏسان نوڙت ملي، ويهان تہ ڳاڙهي ڪٿ ملي
ڪاوڙ ڪيان خلوت ملي، سپ ڪو تئي پيرن پٽي

راڄ سڀ منهنجي ٻلي منهنجي رڳو تي هلي چلي
ڪير ڏند تيڙي ڪلي، سهي ڪير منهنجي اک اٽي

من منهنجو باغ بهار آ، مُنهن منهنجو چڻ تہ ٿهار آ
ڪير تيندو پالڻهار آ، پڇري ڪٽان تو پنجمٽي

پلا ڏاند منهنجا گوءِ تي ڪڏي ڪين تيندا پوئتي
منهنجي گار چٽ جي جوءِ تي گاريون اکين تي جو سُٽي

بيو پلي تہ ڪو مئو هجي قبر ۾ ڪو پيو هجي
خالي هَٿِ ڪو ويو هجي، هلندس هتئون مان مڏي ڪٽي

120. بکرﭴوٽ 07_7_28

ڏونڪو لڳي نٿو پير تي

ڪچو بي اڄ تہ ڪُڇي نٿو پڪو ٻي مون کان پُڇي نٿو
ڪو ڏک پيارا سُجهي نٿو مان ڪيئن بچايان پيل کي

واڙا وٿاڻ خالي ٻاڳين جا ٻاڻ خالي
منشيءَ جنهاڻ خالي، ٽيشڻ نہ ظلم جي ريل کي

واديءَ ۾ جهنگ آهي، سانگين ۾ سنگ ناهي
ڪو ٻي اُمنگ ناهي ڏاڍي دير ٿي آ سويل کي

بَڻُ ٿيو بيابان آ سج جو نہ نانءُ نيشان آ
حيرت ۾ هيءُ جهان آ، ٻيڄجي ڪيئن هن جيل کي

ڊهندو نگر ڏسان ٿو بچندو نہ گهر پسان ٿو
ڪچندو نہ ڪرُ ڏسان ٿو ڪيئن منهن ڏجي هن ڪيل کي

اڪيون ۾ ڪن هجن ٿا. ڏسن بي ٿا ٻڌن ٿا
ٿي سپ گونگا گهمن ٿا، نٿا لت هڻن هن سيلهہ کي

جيڪڏهن جيئرو آهيان، سينا نٿو ڇو ساهيان
پڙ ڏي نٿو ڇو ڪاهيان، ويٺو ڏسان ڇو ويل کي

سيلهہ = وڏو ڪنڊو

121. بکر ڳوٺ 07_7_28

آهيان انهيءَ ارمانَ ۾

ڪي چون ٿا آنهن تون منجھ رهين ٿو نانهن تون
آهين الائي نانهن تون مان سدائين گمان ۾

هي مانڊاڻ بي تو مَنڊيو هي جهان بي تو گِنڊيو
۽ سمان بي تو سٽيو هر شي تنهنجي فرمان ۾

چنگيز چو ونگجي نٿو الا دين چو ڏنگجي نٿو
توڪئون پڇي سگهجي نٿو آهيان ادب جي جهان ۾

بيگناهہ بچي نٿو ڏوهيءَ کي ڏڪ اچي نٿو
سچ جو مچ چو مچي نٿو آهيان اِنهيءَ ارمان ۾

ديگ تنهجي جي تپي پر دير سان چو ٿي تپي
تنهنجو نانءُ جپي جپي مظلوم هن غلطان ۾

122. بکر ڳوٺ 07_8_3

ڪَڇي ڪڙهہ تي ڏهاڙي

پهاڙي

اهو وقت هو پوپاڙي ڳائيندي لنگهيس [ڪوهياري]
هُنَ هنئين هي جاڙي مون ڪنهي هي ڪياڙي

مئو ماريو تو ڳائي، ادي هت الائي ڇا هي
ڪنگهڪر پيو تو ٻڏائي ڏيندي مانس ڪڏهن اُماڙِي

مون ڪي ٻہ هير تي وئي لوڙهي جي وٽ وٽي وئي
هوءَ پاڻ ڏي ڪٽِي وئي پيس عشق ۾ تي ياڙي

لٿي جڏهن ٽانهہ شوخائي، گهَٽِي پوءِ هوڏي پڪائي
ڪاوڙ ۾ تي جهڪائِي تي ويو جبل پهاڙي

هيڪر مڪر نياپو پيهر سڳين جو سياپو
لڳا ڏينهن ڪل ڏهاڪو ڪَڇي ڪڙهہ تي ڏهاڙي

ڪڙهہ = لوڙهي ۾ اندر ٻاهر اچڻ وڃڻ لاءِ نهيل لنگهہ ڪي پُورڻ، ڪولڻ لاءِ ڪنهن وڻ جي وڏي ٽاري

123. ڪراچي 07_8_4

ويو راتيون چار گذاري

اپ سچو هو جهڙالو مُندَ ڳائي پئي جمالو
لنگهيو تيڳر ۾ مڙسالو وڏو لوڏ سندس هو ماري

اوپرو هيڏي ڪاڏي نهار نہ اتس اسان ڏي
چوري هيڏي تہ اچ تون مانڏي وجي پڇ ڪنهن لاءِ ٿو نهاري

چيائين سنگتي منهنجو جاڻ سوٽ سندس آهي خاڻ
ذات جا ٻئي هن چاڻ آ پڇڻو انهن جي باري

چيم ڪم تہ پلي ٿئي ڪنهن ۾ پر ويھ اسان جي مَنَهَن ۾
ڪاڏي ويندين ٻيءَ وسنهن ۾ ويھ هتڙي پيير آگهاري

اک_ٽيٽ سان مون ڏي ڏٺائين ڏاڍو قرب اکين ۾ لڌائين
پوءِ مرڪي هائو ڪيائين، ويٺو ڪٽ تي چنگهون پٽاري

پڇيئَين مرد توهان جا ڪاٿي چيم مِينهُن اُنو آ ماتي
اوڏهن جبل آ جاٿي موٽي ايندا لٽي لاباري

جوانڙو سهڻو سنهڙو مڙسالو ڏاڍو پلڙو
ساھ ۾ سانڍڻ جهڙو ويو راتيون چار گذاري

124. بکر ڳوٺ 07_8_6

گونگ اچن ٿا هلي پوان ٿو

گونگ اچن ٿا هلي پوان ٿو هيڏي ملندو ايئن سمجهان ٿو
اوڏهن اوندهہ ڏسندي پسندي پوئين پيرين موٽي پوان ٿو

خيالن ۾ جا جنت آهي، ڌرتيءَ تي سا بلڪل ناهي
گهربل ڪاٿي بهشت آهي، ڪنڊون پاسا ڳوليان ٿو

منجهند تي چو سج بيٺو آ، ياد ناهي ڪنهن جو ڪيتو آ
ڪنهن ٻئي جو گناهہ ڏوتو آ، ايئن ٿيندو ناهي سوچيان ٿو

جيڪو جيڏو پنڌ هجي ٿو، بيٺي رهڻ سان ڪو نہ ڪُٽي ٿو
ڪِميءَ ڪي جو عقل هجي ٿو، مون وٽ ناهي چو لوچيان ٿو

ڪونجون ڪانگ وَلر ٿا ناهن چو پکين وانگر سنڌي ناهن
ڏارئون ڏار ٽا ڳٽيون ڳاهن وستيون واهڻ ووڙيان ٿو

125. ٻڪر ڳوٺ 2007ع 8 ـ 9

قادن جي ٻرِ ڪيسيتائين

چو ٿو ميڙين ڪائو ڪچُه، پيارا پُٽڙا مونڏي اڄ
تاڻ نه هوڏي هٽ آ سچ، اوندهه رهڻي ناهه سدائين

جهولي منهنجي تولئه پالهي، اڪ سدائين تولئه آلي
هي تنهنجو باغ اومنڙا مالهي، هن کي ڇو نه بچائين

جيڪو بي آ توکي ڪرڻو مٿي پنهنجيءَ تي آ مرڻو
ڪرڻو جي آ تو کي ڀرڻو ٻاهر ڇو ٿو واجهائين

ڏرڻا ڏوڙ نه هٽندو ڪر، گهر پنهنجو ٺئي تون آجو ڪر
ڪڻ ڪهاڙي ٽڙِ ڀاڄوڪڙ پاڻ تي ڏاريا ڇو ٿو ڪلائين

خادم جي ڪجهه ٻڌندو ڪر، ٺوڳين ڪڍ نه لڳندو ڪر
ٻاڙِ بلاول جي جا ٻرِ، قادن جي ٻرِ ڪيسيتائين

ٻرِ = واٽ، ٻاڙِ ٻاڙڻ - پورو ڪرڻ

126 بکر ڳوٺ 9.8.07

وردي پوليس جي

ڏسي وردي پوليس جي مون کي بہ ريس ٿي
گهاريم خسيس ٿي، جيڪا هئي حياتي

پئسو مون کي کپي پيو ڪرڻو ظلم پوي پيو
کهڪاءُ ڪو نہ ٿئي پيو منهنجي هئي هٿ ۾ ڪاتي

پئسو هو پير مرشد پئسو هو اعليٰ ارشد
ٻي ڳالهہ سڀ ختم شد گهر ۾ نہ ٻيو ڪو ياتي

تيو هاڻ هان رٽاير پايان ٿو اجايا ياڪر
ڏسان ٿو اکين ۾ نهڪر واهہ جو آ ڳوٺ ڦاٽي

خادم وطن کي ورتو موٽي نہ ٻئي سان پرتو
هيو يار ڏاڍو نِرتو پاٽئين نہ ٻاهر جهاتي

نِرتو = نِرجو، پُختو، پڪو

127 بکر ڳوٺ 07 .8 .9

سنڌو ديش مهانُ آ

هيڏو رب جو جهان آ، تنهن ۾ هي انسان آ
منهنجو هي ايمان آ، سنڌو ديش مهانُ آ

غوري هت گم ٿيڻا آهن، لوڌي هتڙي ليٽا ناهن
ارغون بي اچڻا ويڻا آهن، اهو وقتن جو فرمان آ

اُيري ايندڙ لهندا ٿين ٿا، هي سج سنگتي رمندا ٿين ٿا
ڪو نہ سدائين الهندا ٿين ٿا، اڄ اُيرڻ جو امڪان آ

قوم سدائين غلامي سٺي آ، سندن هٺن مان مانُي ڪسي آ
وقت ورندي سلامي پسي آ، سنڌ جو بي اڇٽو شان آ

هي تاڃيپيٽو جيسين رهندو، پوتار بندن تي تيسين بهندو
هي وقت ادا پر ڪيسين ڪهندو بس پنهنجن جو ارمان آ

حسين تي رحمت شمر تي لعنت، وسندي رهندي تائين قيامت
رهڻي آهي سنڌ سلامت، وهم نڪو ڪو گمان آ

طوفانن مٿون ناءُ اُتي تي، ٻوڙن ڪان پوءِ ساوڪ ٿئي تي
ڌرتي منڙي ساهہ پٽي تي، ۽ خادم ٻيي پوءِ خان آ

تاڃيپيٽو = اُٽَتِ، سِتاءُ
ڪَهڻُ = وڙهڻ لاءِ وچڙڻ، اجايو ڦڏو يا تڪرار ڪرڻ
ناءُ = ٻيڙي

128. بکر ڳوٺ 07. 8. 9

ڪانءُ ٻٽنگو ٿاسي ٿو

ڪڏهين نہ هجي هڪ پاسي ٿو، وڏو جادو گر هو ياسي ٿو
اڄ نہ سياڻي نيٺ ڪڏهن، پر ڪانءُ ٻٽنگو ٿاسي ٿو

ڪي ٿي روپ مٽائي ٿو، ڪاڏهون جو نہ ڏسائي ٿو
اٽڪل سان ٿاسائي ٿو، حق پراوا نہ ڀاسي ٿو

واه جو ماڻهو اڳياڙيءَ ۾، بيحد بچڙو پوياڙيءَ ۾
ڪافر ڪوڙو چوياريءَ ۾، ڏسجي هر ڪنهن پاسي ٿو

انڌين ـ مسلم چئي ٿو آهيان، ڪنهن بي ڏرتيءَ جو مان ناهيان
مخلوق هوائن جي مان آهيان، رهي منهنجي پرپاسي ٿو

سنڌين جهڙا ساڌ مليا تس، خادم ڳجر ۽ ڳاد مليا تس
ڏاريو آهي داد مليا تس، چوري ٻنهي نہ ڀاسي ٿو

ڀاسڻ = سچي ڪرڻ، مڃڻ

129. بکر ڳوٺ 07 .8 .10

آس اکين کي ايندين تون

کنوڻ کنوين تي وڄ چمڪي ٿي، مينهن وسڻ جي منڊ ٿئي ٿي
سانوڻ رُتِ ۾ سِڪَ سُڏڪي ٿي، آس اکين کي ايندين تون

ٿار ملي ٿو ڏرتيءَ کي، ساهه ملي ٿو سمرٿيءَ کي
سنسار سڏي ٿو سَرَتِيءَ کي، ساڻ ڪڏهن مون کي نيندين تون

هاريءَ هر جو مان وڌي ٿو ڍور ڍڳي جو شان وڌي ٿو
جڏن جو جيئدان وڌي ٿو اڃي ٻني کيڙيندين تون

اونهاري ۾ ياد هجي ٿي، سياري ۾ فرياد هجي ٿي
تنهنجي پل پل تات هجي ٿي، پر ير کو نہ مڃيندين تون

خادم! هاڻي موٽي آءُ، ڇڏ اوکائي ۾ انياءُ
سڄڻ! لَهڻُ ڪا سُڌِ سَماءُ، پهچي پوءِ نہ وينديں تون

تاتِ = سِڪَ، ڇِڪَ
اوکائي = ڏکيائي
پَرَ = يار، سنگتي
انياءُ = ظلم بي انصافي
آهه = پِٽَ، پاراتو

130. ڪراچي 2007 .8 .11

جهنگ چڏي ميلو گهمجي

ڇُوٽو پاٽي جي ڪسجي، ڏينهن جو اوندهہ جي ڏسجي
ڏونئوري ڏينهن تو تر ڦرجي هڪ هڪاٽيءَ ڏي ويجهي

ڪلما سچ جا ڪم نہ ڏين، ڪمدار ڪاراوا روز ڏنين
راتيان ڏينهان سُور سَٽن، بندوق پٽاريءَ ڪي ڪڇجي

ٽاٽا بي بيحال ٽا ڪن، ساڻ وڏيرا پال ٽا ڪن
بيئي گڏجي چال هلن، ڏوهہ وڏو ناحق سهجي

ڪڏهين ڪُٽٽا ڦندَ نہ ٽين، اسلام وارا پابند ٽا ڪن
چارئي پاسا بند هجن، گهوٽ پٽائيءَ ڪان پڇجي

ڏاها بي ڪو ڏس نہ ڏين، جياپي جو گس نہ ڏين
ويتر ابتو پنڌ ڏسين، موٽي نہ وري تن ڪان پڇجي

ساڃهہَ جِنِ وٽ جي نہ ڏسين، اڪيون آليون جي نہ پسين
وات تِنهِين ڪئون چو پڇين، جهنگ چڏي ميلو گهمجي

خادم پي جي ٻين سان آهي، ٺاهہ ٺڳيءَ جا توسان ٺاهي
بلڪل سمجهہ سچن سان ناهي، باهہ سندس گهر ڪي گهرجي

ڏونئورو ڏينهن = چنٽو ڏينهن

131_ ڪراچي 11.8.07

لڳٽي ٻيڙي

يارن وٽ ڪڏهين وجبو آ، تورو وقت اُتي هجبو آ
سنگت کي ڳڪِ ڪو نہ ڪبو آ، الزام اسان تي لڳٽي ٻيڙي

ڪڏهين ڪنهن جو هٽ منجهيو آ، ڪيس اڪيلو ڪو نہ چڙيو آ
پوئتي جو اونو نہ ڪيو آ، گهوري سي سڀ چوندي ميڙي

ٻاڙي ۾ وڏڙا ٻي ناهيون، پر ايڏا ننڍڙا ٻي ناهيون
آنڌيءَ مانجهيءَ گڏ ٻيٺاهون، ڪريون ڪونہ نبيري چيڙي

ڳوٺ راڄ ۾ ڪاڄ ٿئي ٿو ڪاٽي ڪڏهن فساد ٿئي ٿو
راضي سيڪو ساڌ ٿئي ٿو اسان سڀ جا ٻائر خيري

پنهنجي پنهنجي ويڙهي آهيون، خادم جي پر ٻاڙي آهيون
وڙهيا ڪنهن نہ ڏهاڙي آهيون، جنگ پنهنجن سان ناهي جهيڙي

132. ٻکر ڳوٺ 12.8.07

ٻاهر ٻُنيي تي

ٻاهر ٻُنيي تي، ٻيهي ڪيم سڏ
مائي مَنَهن مان، نڪتي نِينگرِ گڏ
لڳان پيو مائيءَ کي، آهيان وڏو ڏَڏُ
ابا ڪنهن کي سڏ؟ مائيءَ پڇيو مزمان کان

لُڏي ويس لالاڻ ۾ جڏهن نِينگرَ نهاريو
ٻکجي ويس ٻاڻ ۾ سڄو ئي سارو
ونجي ويس پاڻ ۾ تي ينواتيءَ ماريو
چاچيءَ چيتاريو ٻيو پيرو ارمان سان

چاچي تنهنجي ويڙهه ۾ جاڙو رهي تو
مونسان گڏ مسيت ۾ پارو پڙهي تو
ننگر نالي نينگرو ڇِئُہ جهارو گهري تو
لالَڻِ لامارو ڏنو وڏي شان سان

ڀري ڀاڳيَرِي ڪٽي لسيءَ جي چوَنرِي
آئي ڏِلندي ٿور سان وڏي مستيءَ ۾ ڇوري
چونري وٺندي چاهہ مان ٻالهہ ٿي وئي ٻوري
گام ۾ هئي گوري وريُس لڱل ڪان سان

ادا جاڙا اها ڪير آ، ادا ننگر منهنجي ڀيڻ آ
ٻانهن اها مون کي کپي، سمجهين متان اهو ويڻ آ
ننگر تنهنجي نانءِ ٿي، اڄ کان منهنجو سيڻ آن
آءَ اڱڻ تي ڀير ڏن اڄ نہ تون مزمان آن

ويڙهہ = ويڙهو هڪ لوڙهي اندر ہہ چار گهر
وريُس = موٽيُس
پارو = قرآن شريف جو سيپارو
جهارو = ڇڊي لسي

133. بکر ڳوٺ 12.8.07

سنڌ جهيڙيندي اچي

هيءَ هوا هيئن گُهلي پلي، آڙاهہ ۾ اڇلي پلي
۽ پوءِ مونتي ڪلي پلي، پر نہ ٽيڙيندي مون کي

مخلوق ڪا هيڏي اچي، ڪٽي رات جي اوندهہ اچي
۽ سٺ ورهيہ ساندهہ مچي، ڪجهہ نہ ميڙيندي هتي

جهرڪي باز بي ٽئي پلي، پنهنجن نواز هجي پلي
سورن جو ساز وڄي پلي، ليکو اٽل ڏيندي هتي

ملڪ کي ڳاهي وٺي، سلطنت ٺاهي وٺي
ڪيڏو بہ ماپائي وٺي، نہ پيير کوڙيندي هتي

خادم جو هي ايمان آ، هيءَ ڪيتي جو جهان آ
ڏاريو هتي مزمان آ، سنڌ جهيڙيندي اچي

آڙاهہ= باهہ جو وڏو مچ

ڪيتو = هڪ سماجي چوٽي تہ ماڻهو جيڪي گناهہ ڪندو انهيءَ ڪيل ڪم/ ڏوهہ جو حساب ڪتاب ڏيندو/ ڪيتو لوڙيندو.

134. بکر ڳوٺ 07 .8 .12

اوٺارا مونجهارا ڪيئي

اوٺارا مونجهارا ڪيئي، ڪوڙا سنڌ جا نعرا ڪيئي
منهنجن فصلن ۾ پائوا! روز پون لابارا ڪيئي

هرڪا جهولي آهي خالي، ڪانءُ ڪُتي تي مند نرالي
سيڪا دلڙي آهہ آبالي، سناسين سانوڻ سيارا ڪيئي

پنهنجن ساڻ تہ ڀرڇڻ ڪونهي، غيرن ساڻ بہ ڪُرڪڻ ڪونهي
ريتي رتَ ۾ پڙڪڻ ڪونهي، موت جا هت لامارا ڪيئي

روز ڏسئون ٿا ايندي ويندي، ڌرتيءَ ماءُ کي پاڳا ٿيندي
هنن هٿن جي هوندي سوندي، ڪسجي ويا هن ٻارا ڪيئي

خادم کي پي سمجهن ٿا پيا، تيڪَ وڏي سان ٺڪِن ٿا پيا
سينو تاڻي گهمن ٿا پيا، منهنجي وطن جا مارا ڪيئي

ڀَرڪڻ = سُرِي پهچڻ

135. بکر ڳوٺ 07 .8 .13

تيرهن تالي

پاڙي دانهين آهيان اباڻي، گهر پهچان تو کيسا خالي
مون آ جيوت جٺ ۾ جالي، موتڻ_ماءِ آ تيرهن تالي

در تپان تو پٽ کي گاريون، ماريا بچڙا ايتريون ڪالون
پٺهين پوءِ ڏيندو مون کي ميارون، يا چوندو هي بل آ جالي

پاڙي ۾ وهاڻ جي تئي تو هن غريب جو هياڻ ڪاچي تو
ڦرڦران جو ڏاڻ ڏسجي تو تِلنڊِي جڻ رياست جي بالي

عيد اچي تي ڪپڙا ڪاتي، گم رهين تو الائي ڪاتي
هيلهه هلنداسي سيوهڻ جاتي، حڪم ڏيندي هيءَ ملڪ جي والي

خادم ياءَ ڏاڍو هان ڦاتو، سگهندين ڪو نه ڪري تون ڪاتو
بچاءِ مون کي ڦري تو ماتو بر منهن ڪيان يا تيان موالي

136. بکر ڳوٺ 07. 8. 14

ڏرتيءَ ڪئون ٿيءِ نہ ڏار

گهر نہ منجهہ سراب، جي ڏينهن هن خراب
وانگر ابو تراب، ڏرتيءَ ڪئون ٿيءِ نہ ڏار

جهنگ ۾ مِڙن لاءِ، بچائڻ پنهنجن گهرن لاءِ
پنهنجن ٽرن برن لاءِ، ڪٽي توکي ترار

سرڪار تي ڏمرجي، تنهنجي سنڌ پئي ٿي ڦرجي
لاٽار ڪن نہ گهرجي، وچٿو ناهي پرار

اخبار تي پڌائي، ڪيڏارو پيئي ڳائي
پل پل پيئي چتائي، ايڏي نہ ننبڊ ڏار

قوم لاءِ ڦٿڪو يارن کي ڪُوڙو اُڏڪو
ڪنهن کي بہ ناهہ اُلڪو خادم! اکيون نہ ڍار

پرار = درياهہ جي ٻي ڪنڌيءَ ڏي

137. بکر ڳوٺ 15.8.07

چوڪير بس اونداهه آ

ڏاڙي وڏو ڪو ٽڪاءُ آ، منهنجو مٺ ۾ ساهه آ
نئين سج هتي ڪو لقاءُ آ، تپرس ۾ مان منهنجو ياءُ آ

ظلم جو تو اُپ ڳجي، وچ ڪان ڪيئن پاسي ٽجي
واٽڙو هان ڇا ڪجي، اندر ۾ رڳو تاءُ آ

مِينهن ۾ رحمتِ نه آ، ڏينهن ۾ فرحت نه آ
رات ۾ راحت نه آ، ڪنهن وٽ نه ڪو ڪهڪاءُ آ

سائو نه ڏسجي ٿو سلو، ڪڏهن ٿيندو ڪو ڀلو
ڪاٽي ڪيان وڃي ڪو چِلو چوڪير بس انياءُ آ

هن وقت آ ههڙو ڪيو ٻڙ ڪي ڪانديرو ڪيو
چاڻ هي بي وقت ويو خادم ڪوڙو ڏهڪاءُ آ

چِلو چلو ڪيڻ = پنهنجي چوڏاري ليڪو ڪيڏي مقرر/ گهربل وقت تي ڪو وظيفو پڙهڻ

138. بکر ڳوٺ 15.8.07

لائنئون نيٺ ڏريون لهنديون

ڪوڙ نٿو مان ڪمايان، ڏاڍو توکي ٿو پانيان
ڪيئن توکي پرپايان، تون ئي ڏسِ ڪٿي

ڪو پُٽُ ناهي اهڙو محبت تورڻ جهڙو
هي سِرُ آ گهورڻ جهڙو پيوُ واجهايان وٽ ڪٿي

جڏي موٽ پلي نٿو پانيان، دل چئي ٿي وِڪَ متايان
بس هاٽي جند ڇڏايان، ڪيان اِتي ئي بس ڪٿي

پيار منجهئون نہ نهارين ٿي، ڪاوڙ بي نہ ڏيکارين ٿي
مارين ٿي نہ جيارين ٿي، ايئين چو آ پدمٽي

رانديون ڪيسين هي هلنديون، ڳالهيون ڪيسين هي ڳجبيون
لائنئون نيٺ ڏريون لهنديون، خادم ڪاڏي ڪسُ گهٽي

ڪسُ = گهاٽو نقصان
جڏ = جڏهن

139. بکر ڳوٺ 07 .8 .15

تنهنجا وسن آکيرا

ڳيرا او ڳيرا تنهنجا وسن آکيرا
کسجن نہ توکئون پکي تنهنجا واهيرا
ماري نہ مارين توکي ڳيرا او ڳيرا
تنهنجا وسن آکيرا

دهلي لاهور تنهنجا کٿن ٿا پيرا
کيئن ڪُهن سوچين سانجهيون سويرا
هوندا نہ هتڙي هي هن وقتن جا ويرا
تنهنجا وسن آکيرا

ڳيري جي لوءِ سنگتي توکي ٿي ساري
جوڳين جي جُوءِ جانب تو لاءِ نهاري
ارٿر ڪناري تنهنجا دلين ۾ ديرا
تنهنجا وسن آکيرا

جندڙي خادمُ سهڻا توتان ٿو گهوري
پري نہ ٿيءُ پيارا اڄ تون اوري
تسبيح تنهنجي ٿو سوري ڏينهن ۾ ڏهہ پيرا
تنهنجا وسن آکيرا

140. ڪراچي 18.8.07

سرچاءُ تو ڪپي

اسان آچيو آ لهڻو ڪنهن کي ڏبو نہ مهڻو
ڏک سک آ گڏجي سهڻو سرچاءُ تو ڪپي

جيڪي بہ سج اچن ٿا، مايوسيون ڏين ٿا
اُداسيون بچن ٿا، پرياءُ تو ڪپي

منهنجا پنيون ۾ پارا، سُڪندا وڃن ٿا سارا
سڀ ماٺ تو مون پارا، گوگاءُ تو ڪپي

پوتار جي آ ياري جيڪو ڪائي نهاري
سڌريو نہ عمر ساري ڪو داءُ تو ڪپي

ڏاڍو وڏي ويو تمجهڻ، جنهن کي بہ ڏس تہ هڻ ڪڻ
خادما پٽڙڻ وڏا وڻ، لاءِ واءُ تو ڪپي

واءُ = وڏو طوفان

141. بکر ڳوٺ 19.8.07

لڪندا هياسي ۽ ليندا هياسي

ڏينهَنِ ٽَڏنِ ۾ پلالن ٻنڌُن ۾
پاسن ڳُنڊنِ ۾ ۽ مينهن ڳُنَڊِن ۾
پاٽيءَ ڍَنڍُن ۾ ۽ هڪ ٻئي مُنڍِن ۾
لڪندا هياسي ۽ ليندا هياسي

ٻيرن پڪن لاءِ آين ڪچن لاءِ
ساون چٽن لاءِ لابن ڪرڻ لاءِ
وارن ۾ ڳتيل سڳين ڏسڻ لاءِ
سڪندا هياسي ۽ رلندا هياسي

ڇاپڙ تي پرچي ويندِيون هون جهوليون
۽ هڪ ڏورَ ۾ چوريون ميڙڻ ۾ پوريون
چَرنديون هون چوڏس ڪاريون توڙي پوريون
کيئندا هياسي ۽ کلندا هياسي

ٻيرن ميڙيندي پليءَ کي پٽيندي
ڏنارن ڏي ڏسندي ۽ اکين ۾ کلندي
پوتيون لوڏيندي ۽ ورور تڪيندي
ڏسبا هياسي ۽ ڏسندا هياسي

خادما! ويا وسري وچن جي ڪياسي
لوڙهن ۾ بند تي ڏريون ٻئي وياسي
نہ ڪئي وقت واهر ڏکيا پوءِ ٿياسي
پلبا وياسي پلبندا وياسي

142. ڪراچي 20.8.07

ڪا سون ورني دل هجي

ڪا سون ورني دل هجي، درياھ ۾ ڊوتل هجي
ملڻ جي موڪل هجي، او يارا اڳتي ڇا ڪجي

جيڪي آ دل ۾ چئي ڏئي، نہ وات ۾ ڪڏي مڱ وجهي
غيبت گلا ڪئون پري ڀڄي، چئي آءَ ير ۾ باغ جي

سهڻي مُنڍيءَ تي تِڪ هجي، ۽ لڪن ۾ هڪ هجي
پيار ۾ ٻي پڪ هجي، ڏسجي تہ بس پيو تاڪجي

هرڻيءَ جيان هلندي هجي، ڪڻڇيءَ جيان ڪوڪندي هجي
آڙيءَ جيان اُڏندي هجي اهڙو نظارو ڇاپجي

خادم جي ڀاڳ ۾ ايئن ڪٿي، جو سون ورني دل پسي
ڪيس جڏهين اڪ ڏسي، پيار جو گيت آلاپجي

143. ڪراچي 20.8.07

هٽجي ونجهہ ڪنار ڏي

لالانگهرو ٿيو يار ڏيہ ڪٿي خيال ويو هو خمار ڏي
من پرين جي پار ڏيہ هردو بہ ويو هُن پار ڏي

مانوت جڏهن بيٺي اچي، سوچيم تہ اڄ چوٽي نچي
راضي تہ ناهي تي ڪٿي، پڇيو مانس خبرون چار ڏي

ڪڏهين نہ مونڏي تي سُرين، هت ڪيئن اڄ منهنجا پرين
اڱڻ منهنجي تي ڦِرين، چيئين چڪ چڪيو تو يار ڏي

پَتِ نہ پئي تہ ڪو خواب آ، مجي دل نہ پئي ڪو سراب آ
سمجهيم ياڱن جو غوراب آ، هٽجي ونجهہ ڪنار ڏي

ڳالهہ ٻڌ خادم ادا!، چئي پئي تنهنجي آهيان سدا
ايئين لڳو مون کي خدا، ڪٿي ويو آ مند بهار ڏي

لالانگهرو = چڪ، سڪ
هردو = اندر، من
پَتِ = ويساهہ، پڪ
سراب = دوکو، رڄ
ڪِنارِ = ڪِنارو، ڪنڌِي

144. ڪراچي 07 .8 .21

قدرت جا پنهنجا طوفان

ڪرسيءَ تي هو جڏهين آيو هنيائين "چٽي چڏيندس" نعرو
هٽڙي هوندس ڇا ٿا ڀانيو ٻڌجي ويو آ آپي خان

نادر شاهہ جو ڄايو آهي، هٿ بہ چار سوايو آهي
اپ ڏهون ڀانءِ تہ آيو آهي، قادر ٿيو آ نادر خان

پڪ وڏي ٿس هوندس مان، جيڪي وٽندو ڪندس مان
فاني ناهيان جيئندس مان، فرمايو آ خاني خان

ٻت جي ڪَلَ بہ وردي آهي، سرديءَ گرميءَ ۾ تي ٻچائي
ٽڏي ڪوسي ويندس پچائي، سمجهو مان ناهيان مزمان

ڪالاباغ بہ ٺاهيندس، سنڌ سان ڪين گهٽائيندس
بک بدحالي بہ وڌائيندس، ايئين هلندو پاڪستان

پير وڏيرا ساڻ ڪٽي، بندوق جو ٻچڙو ٻاڻ ڪٽي
ناحق جو سامان ڪٽي، وٽج ڪيو آ هن ڪپتان

خادم سنڌ بچائي ستگر، توڪا تي ويا آهن اجگر
هُنن وس وڏا هن ڪيا پر، قدرت جا پنهنجا طوفان

پاڪستان جي چوٿين ڊڪٽيٽر جنرل پرويز مشرف بابت سندس وقت ۾ هن بلوچستان تي وڏا ظلم ڪيا، نواب اڪبر بگٽي شهيد ٿيو بلوچستان بابت ڳالهائيندي سندس واتئون "چٽي چڏيندس" جا لفظ گهڻو ٻڌبا آهن، ملڪ جي وزير اعظم ميان نوازشريف کي لاهي 1999 .10 12 تي ملڪ جو جهان خان ٿي ويهي رهيو.

هِن = آهن

145. ڪراچي 07 .8 .21

ڪي ٻه ٽي ڳالهيون ڪريون

اڄ اڄوڪيءَ رات تي، لائون لهڻ پريات تي
ان اسان جي ساٿ تي، ڪي ٻه ٽي ڳالهيون ڪريون

صبح جو لنگهندو هئين، ڪجهه مڙئي ڪنگهندو هئين
مون کي ڏسي کلندو هئين، مونوٽ ٻه ڪي چالون هيون

اسڪول تورو هو پري، مان مٺا تنهنجي ڪري
هلندي هيس هوريان ڪري، جيئن ماڳ پنهنجي تي ملئون

سَڱ هيو چاچي گهريو، مڙس بابو هو پريو
پاڙي چيو چريو ڪريو آ اڪين تي گڏ هجئون

پوءِ اسان جي عيد تي، پوري جڏهن اميد تي
ڏاج جي پوءِ خريد تي، پيتيون ڪير جون خادم وٺيون

پريو = پريو مڙس، گهر پاڙي ڳوٺ جو چڱو مڙس پاڙي جو وڏو

146 ڪراچي 07 .8 .21

ڪاريون پوريون چاريان تي

خيال ۾ توسان جاليان تي، پل نہ توکي مان وساريان تي
دل ۾ توکي ڏاريان تي، وچن پنهنجا پاريان تي

پرھہ ڦٽيءَ جو مان ۾ ڏاتي ڏوراپن جو ڪُلي تو ڪاتو
چولو تنهنجيءَ تات جو پاتو سانجهہ سوير سنڀاريان تي

موٽان تي جڏهن گاهہ ڪري، سوچيان توبِن ڪيئن سري
تانگهہ تنهنجي جيئي نہ مري، ايئين ڏينهڙا گهاريان تي

گهر ۾ گهمندي اڳٹ اُٿندي، هيڪل هلندي توسان پٽندي
مهٽا ماروئڙن جا سٹندي، ڪاريون پُوريون چاريان تي

سومهٽيءَ جو سار ٿئي تي، خادم دل لاچار ٿئي تي
هيءَ حياتي بار ٿئي تي، تارن ڏي پوءِ نهاريان تي

جالڻ = ڏکيو وقت گذارڻ
تاتِ = سڪ
سارَ = يادگيري
پارڻ = پُورا ڪرڻ
وچن = واعدو، انجام
ڏوراپو = ميار

147. ڪراچي 23.8.07

مهل تي هاڻي وڃي

توڏي تڪيندي او مٺي، ٿي منجهند جي ماني وڃي
دلربا ديدار لئہ بيٺي، ڄنگهہ ٿي ساٽي وڃي

اسڪول ۾ بي وڃُهہ نہ آ، منهنجي لاءِ تہ ڪجهہ نہ آ
لوڏ تنهنجي ڏس تہ آ، جڻ تہ ٿي راٽي وڃي

سَنهُن آ تنهنجي ماءُ جو ۽ سائين چِتن شاهہ جو
ٻانهن تنهنجي واهہ جو جڻ ٿي ڪانياٽي وڃي

سدائين ڏنو اهو آهِ مون، چوندي دريءَ ڪان آنهِن تون
اڄ نہ ملنديئنءَ چو تہ تون، اڄ ٿي ناناٽي وڃين

سوڪڙي جي ڪا ڏنم، نہ موٽ تو ڏَهُن ڪا ڏنم
سڪڻي نہ آٿت ڪا ڏنم، مهل ٿي هاڻي وڃي

سَنهُن = قسم
آٿت = آسرو، اميد

148. ڪراچي 07 .8 .28

اڄ هڪ هڪاٽي تي ويچي

توکان پري منهنجا منا ڏينهن ڏکيا مون ڏٺا
بهتر تہ توسان بي منا اڄ هڪ هڪاٽي تي ويچي

تنهنجي ڪُوڙن تي يُلي هيءَ جواني وئي هلي
دير سان ڳنڊيو هيءَ ڪُلِي ناحق جواني تي ويچي

هردي هن ۾ هڪڙو تون پري پڇڻ لاءِ تڪڙو تون
جي نہ مون لاءِ مُڪڙو تون بند آڪاٽي تي ويچي

جوت جو پاڇو بہ لڙندو چنڊ چوڏهينءَ جو نہ ڪِڙندو
نيت گل ايهو بہ چٽندو ڪڏ پڇاٽي تي ويچي

وقت جي وهنوار ۾ جڳ پنهنجي ڪم ڪار ۾
هي من آ تنهنجي سار ۾ اڄ مهل هاٽي تي ويچي

هردو = من، اندر، دل
سار = سڪ، يادگيري چڪ
ڪڏ = ڪڏهن

149_ بکر ڳوٺ 07. 8. 24

رَليا هئا روح جوئر ۾

پيهي تي بيهي وڏي هئم جُوءَ جوئر ۾
ڪانا لڏيا ڪيئي لڳي پئي هُوءَ جوئر ۾

ڪانياٽيءَ سان جهار ڪي هڪل ڏنم يار ڪي
سهڻن جي سردار کي ساجهر صبوح جوئر ۾

پيهو چڏيم پوئتي لتاڙيم پوءِ لوءِ کي
بيٺل هئي هوءَ پونءِ تي جاتي هو ڪوهه جوئر ۾

وتيون سي همراهه ڪئون خبرون چڱي ئي چاهه ڪئون
پنهنجي منور ماه ڪئون نه هئي ڪا ٽُوهه جوئر ۾

موتي آيس پوءِ ٽيهي تي پهتس اڃي پوءِ پيهي تي
آڪيم اڃي پوءِ جيهي کي رَليا ها روح جوئر ۾

جيهو = سنڌ جي ذات
ٽيهو = ڪم جي جاءِ
پيهو =
جُوءِ =
ڪانياٽي =
جهار =
لوءِ =
پونءِ =

150. بکر ڳوٺ 07 .8 .29

سوچ ڪاڏي ڪاهيان ڪرهو

مُنهن ۾ گهُنڊُ نہ پائين تو ٻار جي دل وندرائين تو
اوڻائين ورنائين تو سنگتي مان تو ٽيان سرهو

جڏهين ڪوڙ ڪمائين تو معصوم جي ملڪيت کائين تو
ڪو نہ تنهن تي پڇتائين تو بي حد تو مان ٽيان ارهو

پنڌ جي ڳس جي سُڌِ نہ پئي وٽن واڪا ٻُڌِ نہ پئي
غم گوندر جي ڳُڌَ بہ ٿئي سوچ ڪاڏي ڪاهيان ڪرهو

سِيرَ ۾ ٻيڙي لُڏِي پوي طوفانن ۾ ٻُڏِي پوي
دل جي ڪنهن جي ڏڏي پوي لوچ ڪو هٿ ڪريان ڦر هو

خادم جِيوَنَ جي جَرَ ۾ سانت هجي ساري سَرَ ۾
ٽيڪ هجي توڙي چَرَ ۾ ٽاٽي تون ٻَڌِجان ترهو

سِيرَ = وهندڙ پاڻيءَ جو چوهو وچ
جَر = پاڻي، پاڻيءَ جو ترو
سَر = پاڻي تلاءُ، ڪُنڀُ
چَرَ =
ٽاٽي = چڪي
ترهو =

151. ڪراچي 07 .8 .29

ڪاڏي پائيندينءَ جُتي

جِي تہ وجبو تو بِنا پر ڳالھ هيءَ ناهي سُني
چو تہ اج تائين مني ناهي جدائي مون سَني

مال چاريندي نديءَ ۾ ڪٽڪ پيي وجهندي گنُدِيءَ ۾
منهن لڪائيندي گنَدِيءَ ۾ ڏاڍي لڳندي آن سني

ٻنيءَ ڪان تي جي ورين گهر ۾ ڪِر ڪِر تي ڪرين
پوءِ ڪِلي مونڌي سُرين راند واھہ جي ٽئي رتي

جڏهن تون منهنجي پُڪي چو چڏيان توکي پَکي
پيار ۾ مون کي ٻکي ڪيئن تون ڏيندئن ٻُني

خادم! منهنجي هيءَ سَوتِ ٽئي چئي تي تہ جلدي گهوٽ تي
پوءِ ونِي هل گهوٽڪي آهي سدا مونسان ڪئي

152. بکر ڳوٺ 07 .9 .5

لالچ نہ ملڪيت مال جي

مِٺي پلڙي پار جي اعواڻ اظهر يار جي
سلطان سخيءَ جي ٻار جي چڪوال جي سدوال جي

ڄائو پلي ڪنهن جاءِ هجي ڪنڌ ڪوٽ يا ڪوٽيا هجي
پهتي ڪلاچيءَ وٽ اچي هيءَ سوکڙي سدوال جي

جنهن سان رکي پاڪر پري اظهر نہ پوءِ پوئتي وري
هي شينهن آ دل جي کري لالچ نہ ملڪيت مال جي

مائون ڇٽينديون هن مٽيا کي توڙڙا داٽا ڪٽا
کي بي ٻها اظهر ٻٽيا هيءَ ڳالهہ ناهي ڪالهہ جي

الفت اٽس سندراٽين سان محبت اٽس جڪراٽين سان
ڪلڪل اٽس ڪڪراٽين سان اها ڳالهہ آهي پال جي

کي چار ڏينهن گڏ گهارياسي واهہ جا پهر گذارياسي
ٿهڪن ۾ ڏکڙا ٽارياسي اها ڳالهہ آ جڻ ڪالهہ جي

چڪوال جي پرسان ڳوٺ سدوال (پنجاب) جي رهاڪو هڪ سنگتي محمد اظهر اعواڻ هڪ جيڏي يار جي مان شان ۾ مٽي چيل ڪلام

153 ـ لاڙڪاڻو 6.9.07

ڪوپهہ ٿئي

عجب آهي تہ اِيئن ڇو ٿو ٿئي
تنهنجي ويجهو جي اچان ٿو مئہ ٿئي
تنهنجي وڇڙڻ جو مني ٿو پئہ ٿئي

پبڻ جا گورا تنهنجا ڏاڍا وڻن
۽ اهي ماڻا تا منهنجو سِرُ ڪٽن
جي رُسين تي سمجهہ تي اوندهہ ٿئي

ڪڏهن سمجهان هيءَ رانجهي جي هير آ
گئلريءَ تئون ڪا لٿي تصوير آ
تو تڪيان توڏي نٿو پر ڏِءُ ٿئي

تون بہ تون پر مان بہ مان هان پدمڻي
سُڪَ تي ويندي آن هيڏي اڪ ڪٽي
آ ضروري ملڻ جو ڪو پُهہُ ٿئي

دل چوي تي منجهہ بيٺل جوئر ملئون
يا پلا نہ تہ ڏانهن هُنَ ٻاجهر هلئون
پنڌ ڊيگهارو پلا ڇو ڇئہ ٿئي

پبڻ جا گورا = سنگتياڻي جا اُرَهہ

154. لاڙڪاڻو 7.9.07

ڪنوار- ٻوٽيءَ جو هڪ ڦرهو

پنهنجي مُنهِن هٿجي ٿو دڙهو گلي پنهنجي سان هلي نہ ڪرهو
ڪنوار - ٻوٽيءَ جو هڪ هڪ ڦرهو پاڙ ساڳي پر ڏار آ ڦرهو

ڏينهن ڏٺي جو سنڌ سان جهيڙو سمجهئون ٿا پيا دشمن ڪهڙو
انياءُ اسان سان اڳي نہ اهڙو اسان اُجهاڻل دشمن سرهو

ٻڙ ساڳئي جا ڏار ٻہ آهيون ۽ اهڙا لاچار بي ناهيون
تپرس ۾ اسان ڏار ٻہ آهيون پاڻر پاڻ ۾ هڪ هڪ ارهو

ڏرتي ساڳي پاڻي ساڳيو ۽ هي نصيب نماڻيءَ ساڳيو
پٿ ڏٺي آساٽي ساڳيو تاريندو ڪڏهين ٺُرهو

ڪيئي خادم سرندا اچن ٿا ويڙهہ جي ٻِڙَ ڏي چرندا اچن ٿا
مچ دلين ۾ ٻرندا اچن ٿا ، چڏٽو ناهي دشمن سرهو

155. لاڙڪاڻو 07 .9 .8

چورِ ڏاڙيل جو چوبول آ

الله گادي آهه هتڙئون ويو ڪٽي
هاڻ هن ڌڻ جو نه آهي ڪو ڏٽي
چوطرف اوندهه آ ڏس تون اک ڪٽي
ويڙهه ۾ ويساهه جو اڄ جهول آ

ڌرتيءَ جو پٽ جيڪو به آهي آ نڌٽڪو
ڪلر تي ڪانڌيرو بيٺو آهه ڇڻ ڪو
چوطرف پوليس جي بوٽن جو ڪڙڪو
خوش رڳو هت ٻاهرئون جو رول آ

سٽ سال تي ويا ڳالهه هيءَ سمجهان نٿو
ڏاهن جون ڳالهيون تو پڙهان پُرجهان نٿو
جي ٻڌي ناهي ته مان ليڄان نٿو
ڪوجهو هاڻي هن ڪچهريءَ ڍول آ

تو ڌهاڙي مال کي ڌاڙو لڳي
دانهُنِ بنا پوتار تو ٻاڙو لڳي
لوڙهي بنا هي ڳوٺ تو واڙو لڳي
چور ۽ ڌاڙيل جو چوبول آ

دانهن جي پوتار وٽ ڪنهن ڏاڍ جي
ڪل لهندي سمجهه پڪ سان ساڌ جي
پڳوان ورنائي نتو اناٿ جي
هن جو خلقيل پيڄرو ڏانواندول آ

راتيان ڏينهان تيون تين جاڙون هتي
وونئڻ ناهن ۽ نہ ڪاتياريون هتي
پيل آهي پيا ٽا ٻاڪاريون هتي
پتڪي لٽي لوفر جو بالا بول آ

ڳنَ جو ناهي نڪي آ وات جو
ڪڻ ضروري وقت آهي ڪات جو
خادم آ گهُرجائُو. سنگت جي ساٿ جو
وڙهه وري وري وڙهه هوشوءَ جو ٻول آ

156 لاڙڪاڻو 07 .9 .9

ناڻ تنهنجي تي وچان

دل ۾ پئي ڪاوڙ ڪيان دير چو ڪئي تو اچان
سنگتي تنهنجو سڏ ٻڌان توڙي امالڪ مان پچان

جڏهين ٽپين تو در اچان من ڪري چيريون ٻڌان
تنهنجي نيٽن ۾ نچان ۽ تنهنجي ياڪر ۾ اچان

سڏڻ جو سوچين اچان پهچي تو وٽ جهٽ وچان
وينجٽان توکي هٽان پوءِ ڪوڙ ۾ توسان وڙهان

پکيئڙا ٻولين نٿو چو دل جا پر کولين نٿو
جي مون سان اورين نٿو پوءِ تي وسامي مان وچان

تو جڏهن موٽڻ جي ڪرين مون کان کسجڻ جي ڪرين
تِرُ نہ ترسڻ جي ڪرين ڏسِ مان پوءِ ڪاڏي وچان

روز مارين تو مون کي ۽ جيارين تو ٻکي
گهربل! نہ گهارين تو پکي پوءِ مان ڪنهن ڪان جيان

ياڳ ۾ جي هيئن هجي ۽ اهڙو ڪوئي گس هجي
اهڙي ڪائي تل ڪجي، مان ناڻ تنهنجي تي وچان.

پکو = ڳوٺ جو ناڻ
منُ = دل
منُ ڪري = دل چوي

157. بکر ڳوٺ 07 .9 .10

توکئون ڦار وڇاياں مان

رونبو ڪندي تنهنجي ڪنگهڪر
منهنجا ڪن ٻڌن ٿا هرهر
تنهنجي ڪاڻ آهيان مان دلبر
تنهنجا سهرا من ۾ ڳاياں

ٽڪڙو مينهن وسي جي پئي
دل جو شهر وسي جي پئي
من جو ميت ملي جي پئي
ڀاڳ ڪلي پئي شل مان ڀانياں

ايئين منڙو رب ڪري
جلدي مونساں قرب ڪري
منهنجي ڪيڏي دل ٺري
جي مان تنهنجي ڪنوار چواياں

وقت ڪنهن جي بي وس ۾ ناهي
ڪنهن کي ناهي ڪنهن کي ڏاهي
ڀاڳ منهنجي ۾ لکيل ڇاهي
مان توکئون ٿار وڇاهيان

اُهو ڏينهن سڀاڳو ٿيندو
ڇاچو سڱ گهرڻ لاءِ ايندو
منهنجو مڱڻو توسان ٿيندو
ناڻ تنهنجي مان نڪ ٽوپايان

رونبو = سارين جو رونبو

158 بکر ڳوٺ 11.9.07

بالي هئي هِن دور جي

ريل ۾ هُنَ کي ڏٺم جيل ۾ من کي وڌم
وَيل ۾ جڏهي اک پٽيم ٽيشڻ هئي لاهور جي

ڇيم اک جو ڦير آ هُن ڇيو سڀ خير آ
مونسان گڏ بس ڏير آ گُهرَ آ ٽُڪرَ پور جي

آءُ اسان جي گهر هلئون پاڻ ۾ پوءِ ٿا ملئون
پوءِ پيار جون ڳالهيون ڪريون بالي هئي هِنَ دور جي

بس جوانيءَ جو جنون ونٺو هيو باهريون پنو
هوس نہ مان پيي ڪو پنهون سسئي نہ هوءَ ڀنيور جي

جيسين هئي هٿ ۾ رقم هئي راز ۾ ڏاڍي منڊم
جڏهن هٿ ڦرائي دنگ ڪيم [ڇڏيم پچر لاهور] جي

159_ بکر ڳوٺ 07 .9 .12

ڄنگهن جيئن گذاريو

هڙئون جي وياسي وڙئون پر نہ وياسي
توڙئون ايئن نہ هاسي وقتن آ ماريو

ڏڙن ۽ ڏنگن جي هئي ساڃھ ننگن جي
نہ پرواھ ڪنهن جي ڄنگهن جيئن گذاريو

جي سياڻا نہ ٿياسي اياڻا نہ هاسي
نماڻا رهياسي نوِين هو نهاريو

هئي ساڃھ اکين ۾ ۽ مڃتا ننڊين ۾
هئي مٺيا وڏن ۾ زمانن ڏيکاريو

مڙس مور هئاسي جيسن جوڙ هئاسي
ڏاڍا زور هئاسي ڪنهين ملھ نہ ماريو

جيسي = طاقت ۾ هڪ جيترو

160. ڪراچي 15.9.07

آهيان غير فاني

آ بندوق ڪڇ ۾ ۽ آمريڪا ٻڪ ۾
ٻه فوتي آ هٿ ۾ فرونيٽ آ مُک ۾
پلي ڏيهه ڏک ۾ آهيان پر مان سُک ۾
مون کي ڪير ماري آهيان غير فاني

چٽي جي چڏيان ڪنهن کي قدرت ۾ آهي
چڏڻ ٻاري رڻ منهنجي فطرت ۾ آهي
۽ ماري چڏڻ منهنجي حرڪت ۾ آهي
منهنجي هٿ ۾ پاڻي منهنجي هٿ ۾ ماني

مِٽيءَ کي ڏڪاريان تو مان ٻاهه آهيان
۽ ڌرتيءَ تي ڌارئي جو مان ساهه آهيان
جو سنڌ جو آ سمجهي تہ مان ڪاهه آهيان
هي مذهب منهنجو آهه بلڪل بئيماني

آ پوتار جيڪو بہ سجدا ڪري ٿو
ٿين بوٽ اونڌا تہ سبتا ڪري ٿو
هي پنهنجن سان پر پيير ابتا پري ٿو
ختم ناهي ٿيٽي منهنجي راجڌاني

چڱائي منهنجي چال ۾ ڪڏهن ناهي
ڀلائي منهنجي خيال ۾ بنهه ناهي
خدائي سڄي چار ۾ جڏهن آهي
هي اعلان آهي منهنجو مٽ نہ ثاني

161_ بکر ڳوٺ 07. 9. 16

سنڌ چڏائڻ آ درڪار

پنهنجو پئسو ڪوڙو ٿئي زهر جو تي ھوڙو پئي
قادن جو تي پوڙو پئي لوڀ لالچ ۾ ٿئي بيمار

ڏسڻا وائسڻا لُڏي پون ڏاڪ ڏٺي پڻ ڏُڏِي پون
جُنگ جوانا ٻڏي پون گرو گنجو تي پئي سردار

سورج اپرڻ چڏي ڏئي تارو تمڪڻ چڏي ڏئي
هنيانءَ ٻہ ٿَھڪڻُ چڏي ڏئي پيءُ هجي پٽ ڪئون بيزار

دريھ ٻي جي نٿو وھي پنهنجو ٻي سک نٿو سهي
پاڳيو چور تي نٿو ٻھي لائق ڳار جي ٿئي پوتار

اهڙي حال ڪي پهتا آهيون جهڙا آهيون تهڙا ناهيون
خيال انهيءَ تي ٻيٺا آهيون سنڌ چڏائڻ آ درڪار

قادن = قاضي قادن

درڪار = گهربل

جُنگ= پهلوان، بهادر

162۔ بکر ڳوٺ 18.9.07

چا ٿيندو نہ ٿيندو

دل چوي جاڏي بہ تون پئين تي هلي
واٽ پنهنجيءَ تي نہ تون پئين تي پُلي
جي کهاڙي ٿئي اُپي چئين تي پِلي
تنهنجي نيڻن ۾ نہ آهہ آئيندو

وهم ۾ ناهين تہ هو ايندو نہ ايندو
عيد آ جنهن ڏينهن سو ٿيندو نہ ٿيندو
پر هلي پئي ٿين جيڪي ٿيندو سو ٿيندو
ڪو نہ سوچين تي تہ چا ٿيندو نہ ٿيندو

سر جو سانگو ناهہ ڪرٽو پنڌ ۾
پل کهاڙيون بي لڳن سَنڌ سَنڌ ۾
پل پون چڪ بگهڙن جا ڪنڌ ۾
آ اکين تي ڪاٽ بي جي وقت آٽيندو

ڏيءُ ناهين تون نڪي تون پيڙ آن
اوڙي پاڙي ڪان ڪاري تون ويڙ آن
رُڪُ آ ايرادو توڙي تون ميڙ آن
جو وچن جنهن سان وفا ٿيندو ئي ٿيندو

تنهنجي چادر ۾ رڳو هڪ چاهه آ
ميهار هُن پار وِچ درياهه آ
توکي پوڙي جي چڏي پرواهه ناهه
موت جي توڏي اچي پل ڪاهيندو

سنڌ جي ڪاريا جي تون سنڌ ڪان مرين
پيار جو ايهو وچن سنڌ سان ڪرين
۽ ڪهاڙيءَ ساڻ تون پڙَ ڏي سرين
خادم ڪي پڪ آ ديس هي آزادي ماڻيندو

163_ بکر ڳوٺ 23.9.07

نيٺ اهو پِتَر پُرندو

جنهن وٽ پنڌ اٽانگو آهي ۽ پرَ سِرَ جو سانگو آهي
جنهن جو نينهن نہ نانگو آهي مِٽيءَ لاءِ سو چو مرندو

لانگ بوٽن جي چانو گهري تو ڪوڙ جي واٽ تي پانءُ ڌري تو
ملڪ ۾ هن جو نانءُ ٻري تو خير وطن جو چو گهرندو

جنهن جي ساڃهہ ۾ سنڌ ناهي ماءُ سندس جي هيءَ مُنڌ ناهي
جنهن جو پکن ڏي پنڌ ناهي دانگيءَ تي رت چو ورندو

ٻئي جو اڇليل چار هجي تو پنهنجن ڪئون هي ڌار هجي تو
ٻُڙَ ۾ سمجهہ تہ ڪار هجي تو ڪرسيءَ تي ٽڪڙو ڪرندو

جيجل ڪي جو ماءُ نہ سمجهي پنهنجي ڪي هو ياءُ نہ سمجهي
خادم وقت ڪي واءُ نہ سمجهي نيٺ اهو پِتَر پُرندو

پانءُ = پير

164_ ڪراچي 24 .9 .07

هن ملڪ کي لٽاڙيو پلي

هن نياڳي نانوَ ۾ ڪُوڙ ڳجَ جي ڏانوَ ۾
بندوقڙيءَ جي ڇانوَ ۾ هن ملڪ کي لُٽاڙيو پلي

پوتار بي چوندبيو هتئون غدار بي چوندبيو هتئون
ائون ڪار بي چوندبيو هتئون پنهنجي چال تي ياڙيو پلي

اسلام کي ڳايو پلي قرآن بي پاڙهيو پلي
مولود ڳارايو پلي پڙ ڪوڙ کي ڪاڙهيو پلي

ماني ڪسيو پاٽي ڪسيو مينهون ۽ مانڌاٽي ڪسيو
جهرجهنگ ڪانياٽي ڪسيو بيلن کي بي ساڙيو پلي

رکجو خبر البت اها رهٽي نہ آ حِرِفَتَ اها
خادم کي ڏئي خونن بها بئي هنڌ ڪُنِي چاڙهيو پلي

165ـ بکر ڳوٺ 07. 9. 27

ڪانءُ ڪير جهرڪي

ڪانءُ ڪبر جهرڪي ترڳڙ ۾ پيا ترڪي
مان ڳپ ۾ ڪريس چرڪي پوءِ پيس اتي ڊُرڪي

جڏي پڙهڻ ڪئون موتان تو آهيان تڪل ڏاڍو سمجهان تو
اڄان چانئٺ ڪون ٽپان تو امان ياڪر وجهي مُرڪي

ماني پوڙ جڏهن ملندو آ ڏاڍو جهيڙو پوءِ هلندو آ
مونکي گهٽ ياڳو ملندو آ آهيان ڏءُ ڪندو ڪُرڪي

ننڊ جڏهن بي ايندي آ امي ٻَرِ ۾ هوندي آ
ايئين دل پوءِ چوندي آ وڃان جهوليءَ ڏي سُرڪي

منهنجو بابا ٻه ڳائي تو ءِ ڪلام ٻه ناهي تو
نالو خادم سڏائي تو پوي سونهن تي تو هرڪي

166_ بکر ڳوٺ 07 .9 .27

ساٿ سنگت کي سارياں وينو

ڪيئي ڏڪ پچايان وينو ۽ ڪي ڏڪ ڳُسايان وينو
پنهنجي منڙيءَ ماتا ڪارڻ اُجهنڊڙ مچ مچايان وينو

هوڏهون هر هر ڪاهه هجي تي ساندهه وسندڙ باهه هجي تي
مان وٽ بي ساچاهه هجي تي هٺُ هَٺَ سان اٽڪايان وينو

تاجيپيتو لٽاڙن وينا منهنجا ڳوٺ ٻه ساڙن بيٺا
جهرجهنگ منهنجو تاڙن وينا روز ڏسان ٿو ڪنايان وينو

جيئن جيئن بک وڌائن ٿا پيا پوتارن کي نچائن ٿا پيا
غدارن کي گهمائن ٿا پيا مان تارا ڦوٽاريان وينو

ارمان آ جڪرو جادم ناهيان پنهنجي امڙ وٽ نادم آهيان
هن سُگهڙِ جو خادم آهيان ساٿ سنگت کي سارياں وينو

167. بکر ڳوٺ 07 .9 .28

او وقت اسان ايئين چو آهيون

ڪوڙڪين ۾ قاتل آهيون ڍهندڙ مڪليءَ جا ٽُلَهہ آهيون
گوندر جي ول جا گل آهيون او وقت! اسان ايئن چو آهيون؟

مانيءَ تي پنهنجو وس ناهي پاڻيءَ جي پڻ هَٿَ-ڪَس آهي
ڇانوَ ڇپر ڏي ڪو گس ناهي هٿ ڪٽي ڪنهن تي باهيون

پوتار بي راندڪي سمجهيو ناهي مڇ وٺيندڙ امجهيو ناهي
هي آ پرائو پنهنجو ناهي چو نہ پهرين هِنَ کي ڳڙڪايون

صبح سويري سڪ موڪلائن ڏک سُري اچي پاڪُرَ پائن
پاڳ اچڻ کئون پيا ٽا نتائن ڳڻتن جا پيا ڳاهہ ٽا ڳاهيون

گهاوَ وقت جا گهرا پائو! بندوقن جا پهرا پائو!
تيئون پلي نہ ابهرا پائو خادم! جوت کي پر جاڳايون

168_ ڪراچي 28.9.07

ڪٽڪ لئي آمانوٽ ٻهُ آ

ڪوسا ڏينهڙا ڏٺا گهٽا هم رُڪَ جا ڏاڍا ڇپيا ڇٽا هم
هيلهہ ڪٽڪ جا ڇتيا ڪٽا هم ڪٽڪ لئي آ مانوٽ ٻهُ آ

ياڳ جو گهوڙو ناهي پنهنجو آهہ ٻين لاءِ پل پل سهنجو
مانوٽ پر آ هرپل اهنجو هُتِ ڊوڙي تو مان وٽ گهُ آ

هِيڪل وسورو تي پيو آهيان ڏاڍو اٽپورو پيو گهاريان
ڏينهن سدورو ٿيندو پانيان تنهنجي ايندي تنهنجو سَنهُن آ

رات ڪُتي تي، باک ڦُٽي تي ووڙيندي هيءَ وات ڪُتي تي
پٽ ڏٽيءَ جي بات ڪَتي تي پر جي پيارا تو وٽ پَهُ آ

جا ڏي ڏس رڳو هن ماري دل خادم جي ڏاڍي ڏڪاري
ڪاٽي آن استاد بخاريا من تي مونجهاريِ جو ٿَهُ آ

هَمِ = هئم

169. بکر ڳوٺ 07 .9 .29

بگهڙ مارڻ تا ڪپن

سِينگ ساهيندي ڏسو تا بگهڙُ آ ڪنهن اوٺ ۾
پير ڀاهيندي پسو تا جانور ڦڙقوٺ ۾
گزُ تنبيو ان جي اڪين ۾ بگهڙَ مارڻ تا ڪپن

بيت ڳاهيندي ڏسو جي سُگهڙ آ ڪنهن سوچ ۾
۽ ڪنائيندي ٻڌو چڙ جهنگل آ ڪنهن موج ۾
پيار سان آٽيو پکَن ۾ سگهڙَ سارڻ تا ڪپن

واڄ ويندي جي ٻڌو تي بانسري ڪاڻي وڄي
خيال اوڏهن تا اُڏن تي نِينگرِي جا تي سُجهي
پل سنگت ڪاڻي هجي ير وچن پارڻ تا ڪپن

پر جي ڏانهيندي ٻڌو مظلوم آ ڪنهن مار ۾
گار ڳائيندي ڏسو پوتار آ ڪنهن خار ۾
پوتار ڏي بندوق ڪيو پوتار مارڻ تا ڪپن

وطن پنهنجي ڏي ٻُري، بندوق ڪڇندي جي ڏِسو
ڌرتيءَ جي ڏانهن تي وري، دشمن مٿان ڪڙڪي وَسو
اٽگتو هر ڏڪُ هجي، موزي سي مارڻ تا ڪپن

170_ بکر ڳوٺ 1.10.07

نرواڻ چوي ٿو گهاٽو گهرجي

منجهند جو هي ٽاڻو آهي پيٽ بي نہ اجهاٽو آهي
بلاول وري ساماٽو آهي نرواڻ چوي ٿو گهاٽو گهرجي

سٺ ورهيہ جي هڪڙي منجهند سوکهڙو وٺ آهي پنجند
درياهہ سڪي ويو آ وٺ مانجهند تنهن لاءِ رت جو ناٽو گهرجي

کهڙو ڪتاب چڏائيندو ڪو بہ مُلان نہ بڏائيندو
وت ڪيڏو بہ نتائيندو پڙُ هاٽي رتهاٽو گهرجي

ڪرڙ ڪانڊيرا ڪاٽي آهيو پيٽ ماري ٽا سگهہ ڏيکاريو
پوءِ بيهي هڪ ٻئي تي باهيو بند ڪرڻ سُر راٽو گهرجي

ڳٽ سان ڪرٽو وات سان وڙهٽو قدم ڪپي اونچي ڳات سان ڪٽٽو
پرٽو جي آ ڪات سان ڪرٽو خادم! ڪو نہ ٽو ماٽو گهرجي

171. ڪراچي 3.10.07

سرباٽ نٿو گھرجي

پريل بندوقون ٺاٺا آهن
۽ پڙ طول وهاٺا آهن
مخدومن لاءِ گھاٽا آهن
گھر جي مالڪ لاءِ هتي گھر گھاٽ نٿو گھرجي

اڪ انهن جي آهہ اسان تي
سنڌ سڄيءَ تي رڳو نہ مانتي
ڪاتي دهلي ۽ مان ڪاتي
مون کي مارڻ لاءِ هڪ ڏڙڪو ڪات نٿو گھرجي

ڪم اسان جو اَنُ اپايون
ڪير سندن لاءِ مال کي چاريون
ناهہ مجال جو مٿي نهاريون
پرڏيهيءَ کي ڏيهي جو اونچو ڳاٽ نٿو گھرجي

سٽ ورهيہ کي تورا ناهن
پر هتڙي سڀ پورا آهن
ائين لڳي تو ڪورا آهن
انهيءَ ڪري ئي ڪنهن کي ڪنهن جو ساٿ نٿو گھرجي

خادم وٽ بس "نيٺ ڪجي چا"
وات نہ ليجي نيٺ هجي جا
سوريءَ سان ير ڏيٺ هجي ها
ارمان اهو آ ڪنهن کي بي سُرباٽ نٿو گھرجي

172. ڪراچي 07 .10 .11

اُڪاريندين تہ خوش هوندين

اُهو هو ديوتا ديوي ٻنهي پوءِ پاڻ ۾ ويهي
وڏو هو ٻج ٻنيءَ ويهي ڳٽيا ڏيهڙا هيا ڪيئي
اُنا مينهڙا هئا ڪيئي جي سارييندين تہ خوش هوندين

پئدا ٿيو پيار جو ٻوٽو ٽري شل واءُ جو جهوٽو
هٽي نظرون نہ ڪو ڪوٽو امڙ ايئين هيو ڳوتيو
سِپِنِ سان ساهہ هو اوتيو سنڀاريندين تہ خوش هوندين

وَڏي جڏي جوت جهوليءَ ۾ وٽي ڪا مُنڍَ ٽوليءَ ۾
ڏرين ڳالهيو پروليءَ ۾ ٿي وئين ٻلهار هوليءَ ۾
آئي پوءِ هوءَ ڏوليءَ ۾ نهاريندين تہ خوش هوندين

وطن تي ڪاهہ ٿي وئي پوءِ چوڏاري دانهن ٿي وئي پوءِ
هيٺي هر ٻانهن ٿي وئي پوءِ چڌيري چانوَ ٿي وئي پوءِ
ٻہ ڪُن ۾ ناوَ ٿي وئي پوءِ اُڪاريندين تہ خوش هوندين

هاٽي سنڌڙي اڪيلي ٿئي نہ ٻولي ٿئي نہ ٻيلي ٿئي
سروٽو ٿئي گليلي ٿئي هٽيڪي ڪر پليري ٿئي
خادم سان ٻانهن ٻيلي ٿي جي گهاريندين تہ خوش هوندين

ٻلهار ٿيڻ = گڏ گڏ ٿيڻ ڏاڍو خوش ٿيڻ
ناوَ = ناءُ ـ ٻيڙي

173۔ بکر ڳوٺ 13.10.07

مان بادشاھہ آھيان

ميرن ۽ ڪوجھن تي مان تاءُ آھيان
اياڻن اپوجھن تي مان باھہ آھيان
چڪارن ۽ چورن ڪان درگاھہ آھيان

لھڻ مونتي گھرجي تو ايرڻ بي مونتي
فسادن ڦڙن جو نبرڻ بي مونتي
سپاجھن سياڻن تي مان ڪاھہ آھيان

ڪلي ڪو بہ اسڪول تو منھنجي تر ۾
سڙي خاڪ ٿيان تو مان پنھنجي اندر ۾
ڏينھن رات پنھنجن ڪان آڙاھہ آھيان

آ ٽاٽو بي مون وٽ تہ ناٽو بي مون وٽ
آ گھاٽو بہ مون وٽ تہ داٽو بي مون وٽ
ھٽڻ لٽ ڏيڻ چٽ جو مان شاہ آھيان

ڪوئي ڪرُ ڪٽي جي گھمي منھنجي تر ۾
ھٽي نعرا سنڌ جا پلي پنھنجي گھر ۾
ڪندو مانس چنٽي مان بادشاھہ آھيان

آڙاھہ = باھہ جو وڏو مچ
ڪرُ ڪٽڻ = ڪنڌ متي ڪٽڻ

174 _ بکر ڳوٺ 13.10.07

جانداهيون جنڊ جيئندا ها

سياري جون ڊگهيون راتيون ڪچهريون ۽ ملاقاتيون
سُگهڙ جون بي بها باتيون ٻرندا بنڊ هوندا ها

ڪنڌن ۾ ڪنڌ هوندا ها مُنڊن ۾ مُنڊ هوندا ها
پوپٽڪا بند ٿيندا ها هو منڙيءَ ننڊ هوندا ها

ٽڏي پوئين پهر ۾ ٻانگُن جا دس شهر ۾
ها ڏيندا کير گهر ۾ جانداهيون جنڊ جيئندا ها

ٽِڪاٽا بي وَسايل ها ۽ مندر پڙ مچايل ها
ديون کي سون پاتل ها صبح جا گِهنڊ وڄندا ها

جڏهن جو عيد ايندي هئي خوشين کي سِينڍَ ٿيندي هئي
يارن ڏي نينڍ ويندي هئي مارو ڪنهن ڪُنڊَ هوندا هئا

مُنڊُ وجهڻ = هٿن جون آڱريون ورائي ڪنهن هٿ کي جهلڻ
مُنڊُ = هٿن جو آڱريون
پٽڪو = ڪن ۾ ڳالهه
سِينڍَ = آواز سان اشارو يا سڏ
نينڍَ = سڪ جو سڏ

175. ڪراچي 17.10.07

چيتي ڪي رکبو جائيتو

ذات ڄي جي نفي هجي ڏيھ وٺ جي ٻڏي هجي
وات پنهنجي چٽي هجي هٽي سگهبو ڏڪ پوءِ هنڌائتو

رات ۾ رانديون ڪجن ڳٽپ ۾ ڳالهيون هجن
پل تيرهن تاليون هجن چيتي ڪي رکبو جائيتو

ٻوڙو ٻڌبو لوچبو سانگين سان گڏجي سوچبو
ير گس ملندو ڪو نہ ڪو هجي وٽج بس وقتائتو

جيڪي هو ڪرٽو جو رٽيو اُهو ڪالھ تائين ڪو نہ ٿيو
ست ساھ پورو ڪو نہ پيو هاٽي ڪجھ ڪجي ڪارائتو

ماضي تنهنجو مانائتو آئيندو بي شانائتو
حال هي آ لاءِ تو پر دگ هجي لايائتو

چيتو = خيال، سوچ
لايَ = فائدو
لايائتو = فائديمند

176. ڪراچي 20.10.07

ڪاتِي ڪنڌِ پهتي آ

مينهن ڏيڻ چڙي ڏنو ڳوٺن ڳنڍڻ چڙي ڏنو
ماڪي مڪڻ چڙي ڏنو اِتي سنڌ پهتي آ

گهاٽن ڳهڻ چڙي ڏنو جوانن جُنبڻ چڙي ڏنو
مانجهين مرڻ چڙي ڏنو ڪتي جنگ پهتي آ

سگهڙن سڪڻ چڙي ڏنو ڏاهن ڏسڻ چڙي ڏنو
سياڻن سلڻ چڙي ڏنو چِڻي بند پهتي آ

يارن رُسڻ چڙي ڏنو پيارن پُڇڻ چڙي ڏنو
مارُن ڍنڍڻ چڙي ڏنو ڪاتي ڪنڌِ پهتي آ

آهن اچڻ چڙي ڏنو دانهن ڏڪڻ چڙي ڏنو
خادم ڪلڻ چڙي ڏنو اِتي جِندُ پهتي آ

177. بکر ڳوٺ 07 .10 .28

منهنجو پڙُ پر پالهو ناهي

عرب نہ ها اُهو موڪو هو سنڌ سڄيءَ جو توڪو هو
ماءُ سان پُٽَ جو دوکو هو منهنجو پِڙُ پر پالهو ناهي

دهلي نہ هئي اِها روپا هئي ڏاهڻ هلي منهنجا جهوپا هئي
نيٺ ڳُهائي ڳُوپا وئي پر ننگر جو اج نالو آهي

اج مدينا تڙتي ناهي ارغون ڪوئي بي ڪڙ تي ناهي
دريهہ اج پي پِڙَ تي آهي هٺ سندس ۾ پالو آهي

ڪاراسازيون پل تہ ڪندو هل سنڌ جا بچڙا پل ڳُهندو هل
ساڙ حسد ۾ پل سڙندو هل وقت اجوڪو نرالو آهي

ڏينهنِ مند متائي آهي باگهُلِ موتي آئي آهي
دشمن پاتي چائي آهي هاڻي ڪو بہ اپالو ناهي

محترمہ بينظير ڀٽو راڻي شهيد جي 07 .10 .18 تي مُلڪِ موٽي ڏيهہ ڏسڻ ۽ ڪارساز ڪراچيءَ وٽ بمن ڦاٽڻ ۽ سڌيون گوليون هلڻ ڪري 179 شهيدن ۽ لڳ ڀڳ 500 ڦٽڪِن واري واقعي جي ڏک ۾ چيل

دريهہ = دولهہ دريا خان

178 ڪراچي 2.11.07

سٽ سالن جي هڪڙي ٻاٽ

اُتر جاتي چيھ ڪري تو ڏڪڻ ڏي پرڏيھ هجي تو
نيٺ اُتي ٻي سج ايري تو اُتي ٻہ نيٺ ڪُٽي ٿي رات

هن ڌرتيءَ تي ڪاٿي نہ ڪاٿي ٻانهپ آهي ماٺهوءَ ماٿي
اٿون پر آهي ٿتڪڻُ ڦاٿي جيسين اڇي موٽي پرڀات

ايئين ٿي اڄ سنڌ سان ٿيو آ دوکي ڏاڍ جي ڦند سان ٿيو آ
وَيل وڏو هن جند سان ٿيو آ ڪانهي وانجهيل ذات ڪا ٻاٽ

پڇتايون ٿا پنهنجي وڍيءَ تي ناهي چِنٽو سُتي ڦَڪِيءَ تي
ڪا نہ ٻڌِي سي هتڙي ڌِٽي سي سٽ سالن جي هڪڙي ٻاٽ

ٻيجل خادم وانگ گهٽا هن سورٺ جا ور پر هٿ ناهن
پنهنجن تي ٻيٺا ٿا ٻاهن آهي ديس ٻڪر ٻوسات

179۔ ڪراچي 18.11.07

وچن آهي وڙهڻو آهي

منڇر جي مان محبت آهيان آڙين جي مان الفت آهيان
ڍيل مان ڪارونجهر جي آهيان پنهنجن مورن سان گڏ آهيان

پنهنجي حورن سان گڏ آهيان پنهنجن جهورن سان گڏ آهيان
سانگيئڙن جي سنگت آهيان جهانگيئڙن جي رنگت آهيان

منڙي ماءُ بلاول آهيان سنڌ سڄيءَ جي جيجل آهيان
ذوالفقار عليءَ جي زينب آهيان هن مٽيءَ جي ٻانهپ آهيان

نصرت جي مان نصرت آهيان يوگاجي ڪا ڪسرت آهيان
ڌرتيءَ جي پيار سان پاليل آهيان سندس سڪ سنڀاليل آهيان

ڇيڪيءَ تي ٻيراڳڻ آهيان سنياسن جي ساٿڻ آهيان
ڪنڊو ويرن اڪ ٻر آهيان ڪانو ڏارين ڪُکِ ٻر آهيان

هالار جبل تي ويٺي آهيان پنهنجي پير تي بيٺي آهيان
ويٺي ڪنهن جي ڪڙتي ناهيان ننگر ياءُ سان پِڙَ تي آهيان

هوشوءَ ياءُ ڪان پري نـ آهيان پِڙَ ڪان پري ان ڪري نـ آهيان
ساڙيلن جي سڄاتل آهيان دودن جي مان ٻاگهل آهيان

سيلان جي نائڪي باندرا آهيان سنڌ جي گانڌي اندرا آهيان
بندوق آڏو زوراور آهيان هارياڻي بختاور آهيان

ڪربلا جي زينب آهيان ڪرب و بلا جي زينت آهيان
ماروئڙن جي ميران آهيان اونداهن ۾ نوران آهيان

ڀُٽي جي مان وڏور آهيان پڙ تي اڄ بيٺل پر آهيان
ڏوٿيئڙن جي ڏوٿڻ آهيان ويڙهيچن جو اوڇڻ آهيان

پنهنجن لاءِ اياڻي آهيان ڏارين وٽ سياڻي آهيان
مِٽيءَ ماءُ جي راڻي آهيان راڄن وٽ اگهاڻي آهيان

بلاول مريدياڻي آهيان ڏک جي پيتل پاڻي آهيان
ٻيلائن جي ٻانهي آهيان انهن ڪاڻ ڳنيون تي چاڙهيان

سنڌ تي ساڻن ساڻي آهيان چو تہ مان گهر ڏياڻي آهيان
ٻک ٻهاري سک آڻينديس گهٽ نہ ٿيندي جيسين جيئندس

هيءَ حياتي هڪڙو ڦيرو سنڌ تان گهوريندس ڏئي ڦيرو
ڏونهون واءُ ڪوهيڙو آهي وقتي هي واچوڙو آهي

سرڪار لطيف جي سونهون آهي منهنجو منهن مٿانهون آهي
جيسين جيئڻو ڏهٺو ناهي وچن آهي وڙهڻو آهي
ساهہ سرير ۾ سنڌڙي آهي گهوري جيئري جندڙي آهي

مٿيون نظم سنڌ جي شهيد راڻي بينظير جي شان ۾ لکيو ويو هو.

180. ڪراچي 20/11/07

سمجھ ٽڙ ڏي خير ناھ

ڪچھري جي نٿي مچي، ھيءَ پري جي نٿي ڪچي
بندوق ھُن جي نٿي پچي، سمجھ ڪُڙَ ڏي خير ناھ

رات ھيءَ جي نٿي ڪُٽي، باڪَ پر جي نٿي ڦُٽي
دانھن سڏ ناھي ڪٽي، سمجھ ٽڙَ ڏي خير ناھ

پڪيئڙو ٻولي نٿو وات ڪا ڳولي نٿو
واڪو نہ آ پائو اُتو سمجھ گھر ڏي خير ناھ

پٽڪو نہ آ مانار آ، ۽ ڪنن لاتار آ
ڪاوڙ نہ ڏئي جا گار آ، تہ پوءِ ننگر ڏي خير ناھ

ٻاھيون شھر ڪي لڳي پون، وسنديون جي اُتي پون
مَٿَ دِلا جي ڪجي پون، خادم! شھر ڏي خير آھ

181. ڪراچي 24/11/07

سڀ ڪجهہ تيندو هتڙي آهي

سنگت چڏيو هو لوهہ ڪري، مارجي ويو هيس موهہ ڪري
وينس وڏو ڏوهہ ڪري، هاڻ ڏاڍو پڇتايان ٿو

مُرڪڻ سندس هو رواتو هَٿَ ۾ سندس مان هوس ڏاتو
ڏرتيءَ تي نہ هو ڪو ٻـواتو، سُرت ۾ نہ هوس مان پانيان ٿو

ڏُرِ هڪڙي سنداڻ تي وئي ۽ ٻي ڏُرِ وڏاڻ تي پئي
منهنجي لاءِ هوءَ ٻاڻ تي پئي، تو کي ڳالهہ سڄي مان ٻڌايان ٿو

ڪِلي تي جڻ پئي گل ورهائي ۽ مون کي هر هر هِرڪائي
سمجهيم تہ رڳو مون کي تي پانئين، پر ايئن نہ هو مان ڄاڻان ٿو

سنگتياڻي هي سڀ ڪجهہ چاهي، موٽ ڏنئين تو هڪ ۾ چاهي
هيءَ منهنجي جوت جواني آهي، اجايو مٿو کاوان ٿو

ڇِڪَ جا ماڻ ماپا کهڙا هن، رڳو اکيون نہ اجا کي ٻيا هن
نُوهہ پُٽَنِ تي ٻيا ٻي پيا هن، سوچيم ڏَڪُ پچايان ٿو

خادم! هيءَ آڪاڻي آهي، جِنَنِ ۽ پَرِيُنِ جي ناهي
سڀ ڪجهہ تيندو هتڙي آهي، سنگتي! تو کي سٽايان ٿو

182_ بکر ڳوٺ 07 .11 .25

ڀنگ ناهي هيءَ مهي آ

ڀنگ ناهي هيءَ مهي آ تنهنجي پيئڻ جي وهي آ
ڀِڙَ تي سنگتي لهي آ هڪ ٻئي کي سڏيندا هئاسي

واٽيا هٽڙئون کو نہ ويا ها اڃا اوڏهون ڪونہ آيا ها
ڀَٽَ اڃا ڪوسا نہ ٿيا ها پٽ تي پير ڏريندا هئاسي

هوءَ جي ڪنهن جي امانت آهي ڪرٽي ڪانہ خيانت آهي
ايڪڙ ٻيڪڙ جي ضمانت ناهي پرائي کو نہ تڪيندا هئاسي

وڻ هيا ۽ ماڪيون هون ۽ ڪيرن جون دکيون هون
ڏِڻ هيا ۽ سکيون هون ڏيئا ڏڻ تي ٻاريندا هئاسي

سنڌ سخي ۽ ماڻهو سولا ڏارين جا نہ هيا هٿ ٿولا
ڏئي ٿو سڀ کي منڙو مولا مندر مسيتين ويندا هئاسي

هن ڏرتيءَ تي ٻار هئاسي پٽ جي گهوٽ ڪان ڏار هئاسي
اکڙين منجهہ خمار هئاسي ڏاند ڏاندن گڏ هوندا هئاسي

خادمؔا کو واڇوڙو آيو سنڌ جي سُک کي چنبن چايو
ڀائُنِ پوءِ رُئندي موڪلايو جن کئون ڌار نہ ٿيندا هئاسي

183. بکر ڳوٺ 07 .11 .25

ماڻهو نہ آهن مسلمان آهن

ڪيو وس هو ڏاهر تہ تر کي بچايان
ويهي پنهنجي گهر ۾ مان گهر کي بچايان
پنهنجي تر ۽ بر کي ڏارين کئون بچايان
پر موکي ڪيا ماڻهو حيران آهن

ڪلهہ بي هو موکو ۽ اڄ بي آ موکو
اتهاس جو هي وڏيرو آ توکو
ڪڏهين نہ سُڌري ڪٽي وس وڏا ڪيو
راڄن لاءِ باهِن جا سامان آهن

پنهنجي پيغمبر جا ٻچڙا ڪٺائون
وڏن توڙي ننڍڙن کي ساڳيون سزائون
انعامن جي لالچ ۾ سڀ ڪجهہ ڪيائون
ماڻهو نہ هي "مسلمان" آهن

ڌرتيءَ ڌڪاڻا ۽ هر هنڌ وڪاڻا
جڏهن آيا هتڙي هئا انڌا ۽ ڪاڻا
هاڻي هِتي هن هُنن جا ئي ماڻا
هڪڙو نہ سيئي هي شيطان آهن

هنن کي نہ قدرت ڏني ماءُ آهي
نهيل باھہ جا بس وتن باھہ آهي
ڌرتيءَ جي ساوڪ تي بس ڪاھہ آهي
مان ڏاهر جو پٽ هي مسلمان آهن

اَتن وات ۾ رت هتن ۾ ڪتاريون
اسان تي اُلَرَ تن اکين ۾ اماڙيون
۽ ڪاوڙ اها تن ڪُنِي چو تا چاڙهيون
هي ارغون تيمور ترخان آهن

سُکن جا سيئي پير ڊاهي چڏيا تن
نفرتن جا سپ فصل ڳاهي چڏيا تن
هتي پاڻ لاءِ بهشت ناهي چڏيا تن
پنهنجو پاڻ حورون ۽ غلمان آهن

ڪتاري = خنجر
اُماڙي = پرندڙ ڪائي

184ـ ڪراچي 1.12.07

سُتَتُ پنهنجا پير ڊاهـ

پيارن جي اکين ۾ پسين جي پيار ناهـ
بهتر تہ سنگتي سُتَتُ پنهنجا پير ڊاهـ

يارن جون اکيون ڪڏهن تيون ڪاڏي ڏسن
توڏي نہ جي اکيون توڏي پوءِ خير ناهـ

سنگتين جا نيڻ جي هوڏي ڪجن
تند توسان تنهن ڇڇڻ ۾ دير ناهـ

يارُ جي ڦيري اکيون تي تو سگهي
ايهو نہ ڏسندو ڪر تہ هوڏي ڪير آهـ

وات ۾ مُڱ ۽ اکئين ڳوڙها هجن
سمجهبو سنگت سچي ڪو ڦير آهـ

بيوسائن ۾ اکيون آليون هجن
سمجھ ڪو ڏک آ اجايو نير ناهـ

اکيون نہ جي مُرڪن نہ آدر ياءُ ڪن
سمجھ خادم تو اڳيان ڪو غير آهـ

185_ بکر ڳوٺ 07 .12 .2

تون هن ڪيٽ ۾ ناهين

مان ڏاڍو خوش آهيان تہ تون هن ڪيٽ ۾ ناهين
ڇو وقت ظالم جي سدا اڪتيٽ ۾ آهين

تو وٽ چالا ڪيون چوٽ تي مان خوش هان ڪيڙيءَ ۾
واٿهڙو اتهاس جا منهنجي پيٽ ۾ چاهين

ٻاهرئون ڏاول هجين تو اندرئون ڪاڏل
ڪين آهين تون آسوءَ ۾ ڇو نہ ئي ڪنهن چيٽ ۾ آهين

اوپرو تون آن اڪين ڪي هي اڪيون تو لئي عذاب
هوندين نہ منهنجي ڪکِن ۾ تون لپيٽ ۾ آهين

اُين ۾ اڏندو ئي وٽ ڪا ڀانءِ توکي ڀونءِ ناهہ
سائو سلو ناهين مِٽيءَ جي پيٽ ۾ ناهين

هان = آهيان

186. بکر ڳوٺ 07 .12 .9

اها راند وڏيرا ڪيسيتائين

دَلبن سان ڳيڙو تو ڪُهائين ڏِيا اميدن جا تو وِسائين
ٽيڪ ڌارين جي تڙ تو تپائين اها راند وڏيرا ڪيسيتائين

بندوقن جون چوڪيون وڌن ٽيون رولِن جون هٿ پونڪون بجهن ٽيون
ڏاڏايون تنهنجون بي سُجهن ٽيون ڌاريو آن تون ديسي ناهين

اوڙي پاڙي آهن خوشيون ڌارين وٽ ۽ تو وٽ خوشيون
مون لاءِ پر چو ناهن خوشيون پاڻ لئہ نفرت ڪي تو وڌائين

وڃن ٽا سُڪَ لڏيندا هوريان اڇن ٽا ڏک سڏيندا پريان
هن اوندهہ ۾ ڪيئن مان ڪريان تڙي تازي تو خَرَ کُپائين

جڏهين ڏس پائن تي باهين تون پوتار اسان مان ناهين
سنڌ جو ڪائين بين کي ڳائين خادم سنڌ وٽ توتي دانهين

187_ بکر ڳوٺ 10.12.07

ڦاٽو آهيان خرڪار وٽ

ڦاٽو آهيان خرڪار وٽِ ناهي سوجهرو سنسار وٽ
دانهين آهيان دربار وٽ پٽ ڏٽي سرڪار وٽ

چئي تو وڏي هيءَ رات ڏس ڏاڍي پري پربات ڏس
ڳولهه ڪِٿِ ڪو ڪات ڏس ڪانهي ڪهل انڌڪار وٽ

ڳوٺ جا ڳيڙرو ڳٽي سورهيه جي سنگتي ڪٽين
چوڏر تي ويندي چٽي پٽي آهي سوپ پڪ مهندار وٽ

ڪيڙ ڪي ڇڃڻ ميڙُ ڪن ويڙهه ڪي ڇڃڻ ويڙهه ڪن
ڏِسُ ڪٽي گهٽ گهيڙ هن انڪل هجي اوتار وٽ

خادم جي سنڌ سان نينهن آ گدڙ ڏَرِ تي شينهن آ
وسٽو جي رَتُ جو مينهن آ کهڙي دير پوءِ ڪرتار وٽ

ڪيڙُ= پنهنجا پائر پنهنجو ڪهول – پنهنجي قوم جا ماڻهو

ڏَرِ= گدڙ جو پنهنجو گهر

ڪرتار= الله سائين

هِن = آهن

188_ بکر ڳوٺ 07. 12. 11

سنڌ سڄيءَ ۾ جهولو آهي

ڏُودَ دکائڻ ڏُونهنيون ٻارڻ پائو اهو ڪم سولو ناهي
کهجَرَ ميڙي مَڇَ مچائڻ ڏاڍو اهو ڪم اَوَلو آهي

مالُ مَڏِيءَ تي سِرُ اَڏِيءَ تي اک اُڏِيءَ تي ڪاهه ڪُڏِيءَ تي
ڇانوَ جَڏِيءَ تي پالُ پُلِيءَ تي ايئين ڪجي جي پولو ناهي

جيئڻ جو چڻ ڏانءُ نه آهي فرحت ۾ ڪو ڳانءُ نه آهي
سياري جو ڪو نانءُ نه آهي سنڌُ سڄيءَ ۾ جهولو آهي

جُلِهَہ رڳو ڏارين جي ناهي ورديءَ ۾ هت جانڙ آهي
ڳڏ وڏيرو خانڻ آهي مونسان وڙهي ٿو ڇولو لاهي

پائُنِ کي آ وقت ڇنو اڄ ناهه سلامت ڪو به ڇَنو اڄ
خادمؔا ٿي پئه هڪ منو اڄ هن رڏٽي ۾ رولو آهي

189. ڪراچي 12/12/07

ٻُهَه ڪي ٻاهه

ڪولهڻ آن يا منهنجي ٻيلڻ، هٿ ٻريل تنهنجا سان ڇيٽن
گهٽ نہ ڪئي آ تنهنجن نيٽن، ٻُهَہ ڪي ٻاهه لڳائين ٿي

او سَرَتي ڇِيڙهالي ڏرتي،ڪيڏي طاقت تو آ ورتي
مان منجهہ ڪانهي ايڏي سَمَرِتي ڇو مون ڪي آزمائين ٿي

ازلئون اصلئون هِتڙي هوندي رانديون مون سان روح رچندي
جهوُنا واءُ وٽن مئون ٻُڏندي منهنجي ڪاڻِ ڳنائين ٿي

تون ۽ مان ۽ ۽ هيءَ جهولي، ڏاريو ٻيچندو ڪونہ پرولي
تو سان منهنجي ٻيار جي هولِي، چنڊ تارن ڪي سُٽائين ٿي

پورهيت ٻيير سگهارا تنهنجا، اهڙا ناهن نيارا ڪنهن جا
ساڳيا منهنجا چارا تنهنجا، ٻوءِ ياڪُرَ ڪئون ڇو نَٿائين ٿي

190. ڪراچي 13/12/07

اَڙي باهہ

اَڙي باهہ اَڙي باهہ اَڙي باهہ اَڙي باهہ
متيءَ منهنجيءَ تي ٻلي ڪاهِ اَڙي باهہ

ٻُونءِ ٻلاريءَ تي جا ساوڪ ڏسين تي
سڙين تي ۽ ٻَرين تي، ناهي ساوڪ کي پرواهہ

تنهنجي وَسَ ۾ ساڙڻ آهي، تنهنجي ٻُڪَ ۾ ٻارڻ آهي
منهنجي ڏک جو ڪارڻ آهي، هي منهنجو سائو گاهہ

اُلا تنهنجا اُپ ڏي آهن، سَلا تو ۾ ٽيندا ناهن
جاڙون تو وٽ پاڙون ناهن، چانوَ تہ تو وٽ اصلي ناهہ

ڪَهلَ جي ڪهڙي خبر تو کي، مَهلَ ڪا ناهي صبر تو کي
اکيون آهن ٻِنهہ نہ تو کي، عالمگير تون عاليجاهہ

تون جٽين تي نہ نِپائين تي، اندي آهين کائين تي
جنهن کي ٻاڪُرُ پائين تي، سو ڪو نہ ڪٽي تو ساهہ

ڳڳر جڏهين ڳَر ڪٽن ٽا تو کي ڏسندي وَر ڪٽن ٽا
۽ تو لاءِ پوءِ چُرَ ڪٽن ٽا، ڪا نہ اٽي پچڻ جي جاءِ

جهُڙَ جو ڪم پاٽي آٽڻ آهي، تنهنجو موت وسامڻُ آهي
ياڳَ تنهنجي ۾ اُجهامڻُ آهي، موٽي وري ساوڪ وٽراهہ

او باهہ تنهنجو ڪو ديس نہ آهي ڪو بي تنهنجو ويس نہ آهي
ڪيئي هڪ لَبيس نہ آهي، سٺ سال باقي ڪي ماهہ

اُلا تنهنجا اُڏٽا آهن، مِينهن هِتي بي وسٽا آهن
پنڌ ڏکن جا ڪُنٽا آهن، ٽيندي سنڌوءَ جي ساڃاهہ

191. بکر ڳوٺ 07 .12 .13

ڏنگھرن تي اٺو

ڏنگھرن تي اٺو تڏھن ھاريو آ
جڏھن سمجھ پنھنجيءَ کي ماريو آ
ڦوڪون ڏيئي ٺريل کي پيو ڪاڙھبو آ
وڏي پوءِ ارمان ۾ گھاريو آ

ڪڏي پنھنجا باھر ۾ ھُتڙئون گھرائي
ھڙوئي ھلائي مڙوئي ڦُرائي
جيئيم ويو پنھنجي مرضي ملھائي
ميارن ۾ چاھي بيڙو تاريو آ

اسان سان اھا جٺ ھردم رھي آ
جيڪي مان ڪيان تو اھو سڀ صحيح آ
ڳچيءَ ۾ جڏھن ڳالھ پنھنجي پئي آ
وڃي پوءِ ساٿيھ کي ساريو آ

اُپري تو جيڪو نئين اڄ ڏئي تو
ٽيو ڪلھ نہ آھي وري وجھ ڏئي تو
جي وڙھندين تہ پيارا سدا سچ ڪٽي تو
پنھنجيءَ تي ايندين ڏونگر ڏاريو آ

ٽيپي پيار جو پنڌ رڳو عشق تي پٽ
چريائپ جو ڏاڪو چڙھي مست تي پٽ
جي وڙھٽو وطن لاءِ تہ پوءِ ڪرت تي پٽ
سنگت ڪڻ ايئين جيئن ٽِتِر ڏاريو آ

192۔ بکر ڳوٺ 07 .12 .13

رنگ روپ ۾ منهن مهانڊو

رنگ روپ ۾ منهن مهانڊو پڄندو پُرندو نيٺ هي پانڊو
ڪو ٻه ڪنهين جو ناهه آڳانڊو ميٺو پئي ٿو منهنجا يار

سنبرئون ٿا ير گهر چڙي هلڻو آهي هُنَ تڙي
لکيو سمجهه جي ڪُنُّ سڏي نه ته ڪاٽي ٻيڙا ڪاٽي ٻار

گَرِبُ چڙي جهولي ڏسجي ٿي جيوت ڪن پل پوءِ هجي ٿي
ڏکن سورن ۾ پِسجي ٿي ڪا نه رهي ٿي سڄڻ سار

ڪلندي ڪڏندي جوانِ ٿيئونَ ٿا ڪانه ڪنهين جي ڪاڻ ڪيئون ٿا
جاڏي تاڏي پاڻ هجئون ٿا پل پهر آ منجهه [لتاڙ]

ساڳئي رُوپ ۾ پلي نه اچبو پر جنم ٻيو ضرور وٺبو
فاني ناهيون ايئين ئي چئبو خادم ڪر ٻي خبر چار

آڳانڊو= آسرو پرجهلو

پانڊو= بت پڃرو

ٻار = ڪُنُّ

گرِبُ = ماءُ جو پيٽ

193_ ڪراچي 13.12.07

دروپديءَ جو ديس

ڏس ڪيڏا هي ڪِيسَ ڪري ٿو ۽ هيٺن سان رِيسَ ڪري ٿو
ڏاڍن وٽ پر ڪِيسَ ڪري ٿو دروپديءَ جو ديس ڪري ٿو

سوين سال لتاڙيل آهي اِتهاس جو ملڪ لُٽاڙيل آهي
عزت_ ڍنڍ جو ڍاول ناهي انهيءَ ڪري ٿي ڪينس ڪري ٿو

هن ڪي منهنجي ڌرتي گهرجي تنهن لاءِ ٿي ڪيس سمر ٿي گهرجي
معنيٰ تہ ڪيس تي اَرِتي گهرجي هي گهوڙو ڪي سئيس گهري ٿو

ساگر تائين پير کُپن تنهن لاءِ وڏيرا پير ڪپن
ملان قاضي مير ڪپن، بندوق سان گڏ لبيس ڪري ٿو

هن ڏٺي رڳو آهہ غلامي ٻن پئسن وٽ آهہ سلامي
عزت آ اوڇڻ نيلامي گورن جي آسيس گهري ٿو

ڪِيسُ = ظلم، ناحق
ريس = ساڙ_ حسد
ڪِيسَ = توبهہ
دوروپديءَ جو ديس = پنجاب
اِتهاس = تاريخ
سمرتي = سگهہ_ طاقت
ارتي = موت جي ڪٽ جنهن تي چڙهي چڪيا تي چڙهي
آسيس = دعا

194. بکر ڳوٺ 07 .12 .15

عزت

عزت ڪنهن کي گهربل ناهي عزت سڀ کي گهربل آهي
مانَ جو ڪو بي ملهہ نہ آهي مانُ ملي جيڪو پل آهي

آدر ڀاءُ اکين کي گهرجي ديد جو داءُ دلين کي گهرجي
پيار جو ساءُ پَريَنِ کي گهرجي عزت پيار ۾ ويڙهيل آهي

عزت ڪارڻ خون تين تا خان وڏا بي لوڻ تين تا
ڀاڳ جي باز جي ڇُوڙِ تين تا بي-عزت ڏُڏُرَ ۾ پوريل آهي

ڊاول لاءِ ادمبر آهي راول جو هي ممبر آهي
سِگَن وارو سامبر آهي هي لفظ موتين ۾ پويل آهي

پر پيينوءَ کي ماني گهرجيٌ عزت جي نہ آڪاڻي گهرجي
ڏِوَ سمجهڻ جي چواڻي گهرجي سونهن جي ساڃهہ گهربل ناهي

راول = حاڪم —بادشاهہ
ممبر = ڪچهريءَ کي خطاب ڪرڻ لاءِ وڏي ڪرسي

195_ بکر ڳوٺ 15.12.07

ماتيءَ ۾ مانڌاڻي گھرجي

سوکھڙا سارين ۾ سھندي ڳاراٽا ۽ ڳٽيون ڪندي
سور سانگين جا ڏسندي ٻڌندي ڪجھ تہ اکين ۾ پاڻي گھرجي

اونداھيءَ ۾ گھورون وجھندي ھٿواڙيون ڏيندي ڏيندي
ھٿ نہ ھٿ کي پھچي پسندي ھاڻي رات وھاڻي گھرجي

جوان! ڪپي اتھاس پڙھڻ بندوق ضروري آھہ ڪلڻ
سچو سنڌ سان ياءُ ڪلڻ پر پٽ جو گھوٽ تو ساڻي گھرجي

جھيڙو آ اسان ۾ٽ تي آھيون ڪنھن پوتار جي ڪڙ تي ناھيون
پنھجن کي پنھنجو ڻا پانيون توڙي بلاول گھاڻي گھرجي

سٺ ورھيہ جو ڪيتو آھي سج ايري اوسيئڙو آھي
رات رھي ائين ٽيڻو ناھي ماتيءَ ۾ مانڌاڻي گھرجي

اتھاس= تاريخ
اوسيئڙو= آسرو_ اميد

196 بکر ڳوٺ 07. 12. 21

دير ڪانہ ٿي هاٺي وٺي

انسنو اٽنڻ هجي اُلکو اُڊکو پڻ هجي
هورا کورا جڻ هجي ڪيئن پوءِ ماني وٺي

ملڻ جو ٽاٽو هجي ۽ ڳٽتي ڳاراٽو هجي
مان هجان راٽو هجي ير تو رڳو جاني وٺي

جي رُسي دلدار تو ۽ پري ٽئي يار تو
ٽئي دل تي ڏاڍو بار تو ماني نڪو پاٽي وٺي

وٽندڙ هجي اهو وقت تو گهربل ملي جڏي شخص تو
گهرجي نہ ٻيو ڪو بخت تو نٽي ٻي ڪا آڪاٽي وٺي

سهٽو سپُورنج تو ڪپي خادم ڪي جيڪو دڳ ڏسي
آچپي جي وِڪ ڏسي دير ڪانہ تي هاٽي وٺي

انسنو اٽنڻ اُلکو اُڊکو هورا کورا= ڳٽتي – ڳاراٽو – اهي
سيئي لفظ هڪڙي ساڳي معنيٰ ۾ ڪم ايندا آهن
سپُورُنج = مهاڏاهو
دڳ = واٽ

197 ڪراچي 07 .12 .22

هاڻ هُوهَڻ ڪندا هلو

هاڻ هُوهَڻ ڪندا هلو پيرِ جيان وڄندا هلو
سگهاري سُرَ ڪندا هلو ڏاريو ڳنُ ڪنيِي ويندو

رات ۾ باھ پيڙ ناهي تو وٽ جي چاپڙ ناهي
راڄن ۾ جي رڙ ناهي بگهڙ پڪ بچي ويندو

جهار جي جُوئر وٽ آهي ۽ جي چڏي تو ڪٽ ناهي
ڪانياٽي تو وٽ ناهي وَهيو پڪ ويهي ويندو

وڏي ڪچهري پر آهي ڳالهين ۾ جي ڳرُ ناهي
سمجهڻ جو بي سُرُ ناهي وقت اجايو وهي ويندو

پڙَ ڏي پيارا پنڌ ناهي سنڌوءَ لاءِ جي ڪنڌ ناهي
منڙي خادم جند آهي ڏاريو ڪو نہ ڏڙي ويندو

وهيو = جهرڪيءَ ڪئون ٿورو وڏو پکي جيڪو بيٺل فصل جوئر ٻاجهريءَ جا سنگ
چُڳي ويندو آهي

198 ـ بکر ڳوٺ 23.12.07

پاندَ آجا پر ڪرٽا آهن

ڪيسين رهبو ڪوهيڙن ۾ ساءَ نہ آهي دوهيڙن ۾
جوت نہ آهي جوڳيئڙن ۾ پاندَ آجا پر ڪرٽا آهن

هي گهڙيون جي نياڳيون آهن مندون مور نہ ساڳيون آهن
قومن جهاڳون جهاڳيون آهن ڏينهن اسان جا ورٽا آهن

هي جيڪي تون اڄ ڏسين ٿو وڪ وڪ تي تون اهنج پسين ٿو
انياوَ جو ٻرندڙ سڄ سهين ٿو پڪ اهي سڄ لهٽا آهي

ڏاڍ ڪريب بہ ويٺو آهي اورنگزيب بہ مرٽو آهي
ڏاريو جو بہ نڪرٽو آهي ليڪا چوڪا ٽيٽا آهن

ڌرتي اُجاري ڪيسين رهندي نيٺ تہ هتڙي وَس بہ ٿيندي
ساوڪ نيٺ تہ موٽي ايندي مِينهن منداٽا وسٽا آهن

ڪوهيڙو = سياري جي راتين ۾ گهمر هوا ۾ گڏجي دونهون ٿي ويندي آهي ڪجهہ بہ ڏسڻ ۾ نہ ايندو آ تنهن کي ڪوهيڙو چئبو آهي.
ڪِريبُ = دوکو
وَسَ = وسڪارو

199 - بکر ڳوٺ 24.12.07

جڏهن ڏيهه ڏکيو ٿئي ٿو

جڏهن ڏيهه ڏکيو ٿئي ٿو بيمار بکيو ٿئي ٿو
مانديون دليون ٿين ٿيون آليون اکيون ٿين ٿيون

جهڙ جهجهن ٿا پيا گجگوڙون ڪن ٿا پيا
وڄون وراڪا ڏين ٿيون ۽ اُڀَ تي رانديون ڪن ٿيون

مينهن وسن ٿا پيا . پَنَ پسن ٿا پيا
تاريون ٿمنديون ٿين ٿيون پاڙون پاڻي پيئن ٿيون

وڻ پيا وهنجن ٿا ۽ ٿُرَ تڏا ٿين ٿا
ساوڪ ۽ سُرهاڻ ٿئي ٿي ڌرتي خوشين ڪاڻ ٿئي ٿي

مارووڙن وٽ مُرڪ اچي ٿي سانگيئڙن کي سُرتِ ٿئي ٿي
ڪم وارن کي ڪِرتِ ملي ٿي پيار وارن کي پِرتِ ملي ٿي

سُرتِ= جاڳ، خوش

200_ ڪراچي 07. 12. 24

سيڙهہ جو سيلهہ ڇپي ويو آ

هوڏي بندوق هيڏي بندا ڪيسيتائين چرڪ پريندا
سنگتي ڪڏهن اڳتي ٽيندا ٽاٽو ڊيگهہ وٺي ويو آ

جي وارو آ پاڻيءَ جو ۽ پاءُ پلي آ پنهنجو
رت وهائيندس تنهنجو ڇيلو جڻ تہ ڳسِي ويو آ

پيڻ سان رانديون ٽيون آهن پيار ڀر پاڪيون پيون آهن
جي خبرون ڳڻِ پيون آهن پادر جهٽ پُسِي ويو آ

مائٽ ويجهو پري جو آ جيڪو جيڏو ويجهو آ
ان سان ايڏو ڪيٽو آ پاڻي اک مان سڪي ويو آ

هڪڙي گهر جا پاتي آهيون وڻ وڻ جي جڻ ڪاٽي آهيون
هڪ ٻئي جا پڪ ساٿي ناهيون سيڙهہ جو سيلهہ ڇُپي ويو آ

ٽاٽو = وقت
ڪيٽو = جهيڙو
سيڙهہ = جهنگ ۾ رهندڙ ڪڪڙ جيڏو جانور جنهن کي ڪنين بدران وڏا ڪنڊا ٽيندا آهن. ڊگهي ڪنڊي کي سيلهہ سڏبو آهي.

201_ ڪراچي 07 .12 .25

وات ڳاڙها اُتي پون

وات ڳاڙها اتي پون هٿن ۾ هٿ ڏئي هلن
سنگ سان ليڪو نہ ڪن ڪوڙ واتون ليپي پون

اتهاس ڪي جي پڙهي وٺن پڙهڻ ڪان پوءِ ڪڙهي پون
هڪ پيرو سمجهي وٺن سوڀون سِرَ چو تيون گهرن

جي چون تہ اُٿو اُٿو گهوڙٽو آ اڄ مٿو
ناهہ ڪرٽو انسٽو سر اَڏيءَ تي ٿا ڪپن

موت ڪي اڄ اڄ چون ڪيئن مرجي سُڌِ رکن
سنگت ساريءَ ڪي سڏن راتيان ڏينهان باهيون ٻرن

موت سان ماٽو نہ آ پڄڻ جو ٽاٽو نہ آ
آجپو چاٽو نہ آ ٿا رُڪَ چٽا چپٽا پون

ڳيرُو ڳات متي ڪٽن پيرڻ هَٿِ بندوق ڏين
ياد لاڪاٽن ڪي ڪن ٽوڙي ڦاٽڪ ڏي ڏسن

خادم پلي ڪن پل جيئي پر پنهنجن سان گڏ ٿئي
متيءَ ساڻ وچن ٿئي ساٿيهہ جا سڏ ٿا ٻجهن

202_ بکر ڳوٺ 07 .12 .25

بُتُ ڀلي اَپرو هجي پر آتما سَيرِي هجي

بت ڀلي اپرو هجي پر آتما سَيرِي هجي
پٽ ڀلي ڳڀرُو هجي پر ديوَ سان نبري اچي

سُورَ ساماٿلُ هجي ۽ موت ڏي مائلُ هجي
پڙَ سان پاڇاريل هجي ۽ سوڀ ڪان سنبري اچي

پنهنجي ونيءَ ڏي نهارڻو اوڏهن اکين کي آ ٽارڻو
ڏاريءَ ڏي هٿ نہ وڌائڻو ڀلي ڀرسان ڇِنَڪمِري هجي

عقل جو اڪابر هجي ۽ هڪل تي حاضر هجي
پيرن تائين ناظر هجي چنبڙيل متان ڍنگهري هجي

ڏاريو ڏسي سرهو نہ ٿئي پنهنجو پسي ارهو نہ ٿئي
ارغون جو ڪرهو نہ ٿئي گڏ پاڻ سان امڙي هجي

بُتُ= بدن_ جسم، ڍِيلُ
اپرو= هيڻو بي طاقتو
آتما= روح
سيرو سيري= سگهارو طاقت وارو
ڳڀرُو = جوان، جوان، نئون ساماٿل، مڇن جي ريهہ آيل هجيس
پڙُ= رانديا ويڙهہ جو هنڌ_ ميدان
پاڇاريل = ڳنڍيل
وَني = پنهنجي زال
ڍنگهري= ڀيريا ٻير مان وڍيل ٽاري، ڪانڊيرو جنهن ۾ ڪنڊا هجن
ڪرهو= اُٺ
اَمڙي = مٺي ماءُ

203_ ڪنڊيارو 26.12.07

ڏيءُ مان ڪنهن شاهہ جي

ڏيءُ مان ڪنهن شاهہ جي، جاگير جي بادشاهہ جي
تنهن ڪري ئي اوادبا، مونکي جيئري دفنايو ويو

پيءُ پنهنجيءَ آٿ تي، ڀاءُ ساڳيءَ واٽ تي
ناحق جي تڪساٽ تي، منهنجو حق بخشايو ويو

قرآن پڙهايو ويو ڳٽ ڳچيءَ پاتو ويو
جيڏانهن سڄ سنسارهو اوڏانهن اڇلايو ويو

اڄ آ ارواح ڪي، چڪ ڏاڍي ساهہ کي
ڳوليان ٿي وٽراهہ کي، مونکي رڃ ۾ لاٿو ويو

هيءُ اک حيران آ، هيءُ گهٽي ويران آ
ڪارن مان چانڊي ٿي ويا، ڪوبي نہ هٿ آيو ويو

جمڻ پيي هن ڪوٽ ۾، مرڻ پيي هن اوٽ ۾
شان ڪوڙي ڪارٽي، معصوم کي ماريو ويو

204_ ڪنڊيارو 26.12.07

آئي ڪٽجي منهنجي نگر

آئي ڪٽجي منهنجي نگر
ويٺي نمر تي اڇي منهنجي گهر

اڳي بہ هڪڙي صبح
پيئي هئي منهنجي آڳهہ

چوڪٽجي هيڪل هجي تي
ڪنهن لاءِ وياڪل ٿئي تي

رڳو ڳوڳو سندس ٻجهي
سندس اڄ، لڳي، نہ اُجهي

هيڏي حياتي هيڪل
۽ پڻ جيون وياڪل

لڳي ٿو تہ سنياسڻ آهي
لڳي ٿو تہ ڪاجوڳڻ آهي

لڳي ٿو هيءَ ميران آهي
هيءَ پڪ تہ ميران آهي

205ـ ڪراچي 27.12.07

منهنجي ٻه من ۾

منهنجي ٻه من ۾ ڪا هڪ مُنڊَ آهي
ڪنهين ڪنڌ پاسي، ڪنهين هنڌ آهي

مون ساڻ سک ۾ ۽ مون ساڻ ڏک ۾
منهنجي ٿي ہک ۾ منجهہ پنڌ آهي

سورن سفر ۾، آهيان سندس پر ۾
هن جي سنگهر ۾ منهنجو ڪنڌ آهي

ڪري ڪي پڪارون، نہ ڏئي تي ميارون
توڙي ڦاڪون ڦارون، سندس جنڊ آهي

خادم ڪي پياريائين، پريت جو پيالو
سندس نانءُ نالو سهڻي سنڌ آهي

206_ ڪراچي 27.12.07

بلاول ساماڻا

منڙا هي مارو!، هي منهنجا اباڻا
اهڙا دل جا راڻا، جهڙا مکڻ چاڻا
مان ٿي تو ڇاڻا، تو مان ٿي سڃاڻا

هي ڪُتِ خلق ناهن، پليل آن تون ياڙي
تولاءِ تپندي، آهي توجا چاڙهي
ليکو توکي ڏيڻو آ ڏينهين پڇاڻا

سڃاتل صدين کان، سنڌ جا هي سياڻا
رڪ جا نهيل ٿئي، نہ ٿئي هي اياڻا
تون پي تو ڇاڻين، ۽ مان پي تو ڇاڻا

ڳاڙهيءَ کي ڪاري، ڪري وٺ وڏيرا
ايندا هتن هيٺ، تنهنجا بہ ديرا
اهي ڪرٽ ڪوتن ۾، پوندا سياڻا

او ارغون سنڌ جا، گهمائي وٺ تون گهاڻا
هڪڙو نہ ڪيئي، بلاول ساماڻا
سدائين نہ ساڳيا، ٿرندا هي ٿاڻا

207 ـ بکر ڳوٺ 28.12.07

گوتم کي ڪڏ ڏاٺو هلاڪو تو گهري

سنڌ کي آجو ڏسڻ جي تو گهرين
انُ بچائڻ تو گهرين پاڻي بچائڻ تو گهرين
سگهه پنهنجي جي مڃائڻ تو گهرين
ڪڏ هاڻي گوتم کي جو ڏاٺو هلاڪو تو گهري

هن مٽيءَ ماڪيءَ تي تيون مکيون اچن
ايئن ڳوڙو تيءُ جيئن تا آڳ پچن
ويڙهه لاءِ ٻاهر نه کي ميلا مڇن
ٻڌ جيڪي اڄ وقت واڪو تو ڪري

ڳدڙ هن پر هِتِ بگهڙ تي تا گهُمن
تون مِٽيءَ تي سيج تي هي تا سُمهن
ڇٽَ جو پٽ تا ويٺا توکي چون
خالي نه هي هَٿُ اڄ گهوباتو تو گهُري

هڪ نه ڪيئي ڏڪ ور ور تا لڳن
ڇو اکيون ور ور ڪري اپ ڏي ڏسن
آ ضروري ينگ جا ڪوندا پچن
هي ناڻءُ پيارا تيڻ ڦاڪون تو گهري

وچڙي ٻاگهلِ اڄ ولر ڪئون آوئي
ڪسجي بختاور اسان ڪئون آ وئي
آجپي جو ڏئي سبق هوءَ آ وئي
اتهاس آزادي ڪالهاڪون تو گهري

پِترَ روئڻ مان وري ڪجھ ڪو نہ تو
زنجيرَ پيل هڻُ پر نہ موتي حسين تو
منگتو تو وٺ هٽي هيءَ سَين تو
دودو ڪپي دولهه ڪپي مهراڻ لاڪو تو گهري

ڀاڻ سان دوڪو خادم! ڪرٽو نہ آ
ڪوٽ واريءَ جو ڪڌهن بچٽو نہ آ
ڏريئون ڏارين سان ڳڏ رهٽو نہ آ
پنهنجن سان ٽاٽو سَگ سياپو تو گهري

208_ بکر ڳوٺ 07 .12 .29

نيٺ ڏاريائپ چڪ ڪري ٿي

هتڙي جا مخلوق اچي ٿي اندر ۾ سا اَڪَ هجي ٿي
ڊوهہ ڪري ٿي ڏاڍَ ڪري ٿي ڏنبَ ڏئي ٿي ڏڪَ ڏئي ٿي

اڄ سياڻي ڪنهن ڪنهن ٽاڻي وقت واڇُوڙا پيو تو آڻي
پر پوءِ سيج ڪنبڻ جي ماڻي مند متجي ٿي ساوڪ ٿئي ٿي

ڪيئي پَلَ ڏمرجي پيا ست ورهيہ بي گذري ويا
پيارا آس اَسَرَ جي آ رات ڪُتڻ جي پڪ هجي ٿي

ياٿر آهيون ٻڪ سُٽائي هوريان هوريان ٻُڪَ وڏائي
سانگيئڙن ڪئون سُکَ ڇڏائي نيٺ ڏاريائپ چڪ ڪري ٿي

طبيعت ۾ بي گيسَرِ آهي صدمن جي ڪا سانيَرِ ناهي
قوم کي ڏاڍي ويسَرِ آهي توڻي خادمؔ چپ ڪري ٿي

ٽاڻو = وقت
پَلُ=وقت جو ننڍي ۾ ننڍو ماپو، ننڍي ورچ
گيسر = سُستِي
سانير=ياد گيري، ساروڻي

209_ بکر ڳوٺ 30.12.07

اسان نيٺ ٿيندا سي خادم سوپارا

وک وک پسئون ٿا نظارا نيارا
پنهنجي وس نہ وستيون ۽ وَسِ هِن نہ واڙا
ڦُرجي ويا يار پاڙن جا پاڙا
سَنا ڏاڍا هن قومر لاها ۽ چاڙها

چوڦير آهي مصيبت ڪا آفت
سيڪو ويو منجهہ ٿي سُڪَ قيامت
ڏِئي ڪير ڪنهن کي آ گهربل جا آٿت
راتيون زور ڪاريون آهن ڏينهن ٻاڙا

ڍڳن وانگِ آهيون ڪڇي وک نٿي
انُ ٿا اپايون ڇڏي بک نٿي
ڪڏهن جِندُ آجي ٿئي پڪ نہ ٿي
ناهن آجپي ڏي اسان جا ڪي چارا

اهو ياد آهي ڪڏهن گهر ڪسيو آ
ڪڏهن ياڳ پنهنجو اسان ڪئون رُنو آ
ڇِتائي نہ چورن ڪي اڄ بي ڏنو آ
ڏرتي پنهنجيءَ تي وينا هون ويچارا

منهنجيون بينظيريون هتي زلف ڪارا
بختاوريون راهو سيد سونهارا
اُتِي تي اهي سمجهہ چمڪن ٽا تارا
اسان نيٺ ٽينداسي خادم! سويارا

زلف ڪارا = شهيد ذوالفقار علي خان ڀٽو
بينظيريون = شهيد راڻي بينظير ڏي اشارو
بختاوريون = هارياڻي بختاور شهيد ڏي اشارو
راهو = شهيد فاضل راهوءَ ڏي اشارو
سيد = سائين جي ايم سيد

210 ـ بکر ڳوٺ 07 .12 .31

ڌرتي تنهنجيءَ تي رهئون ڪونہ ٿا

او بندوق توڪئون ٻڃئون ڪونہ ٿا
اهو پُڇ تہ توڪئون ڳنبئون چو نہ ٿا
تنهنجي حڪم تي پُڇ هلئون چو نہ ٿا
ڌرتيءَ تنهنجيءَ تي رهئون ڪونہ ٿا

وسيلو يلو ۽ حديثون ٻڌائڻ
توريت انجيل گيتا رامائڻ
اچن ڪو نہ ٿا مون کي هي سڀ ڇڏائڻ
پڙهئون ٿا گهڻو پر ڪڙهئون ڪو نہ ٿا

اينگلز مارڪس ۽ لينن ۽ مائو
اهو جين گوتم ۽ زردشت تائو
پڙهي ڳولهي ڪا وات اچ منڙا پائو
ڌهندا وڃئون ٿا نهئون چو نہ ٿا

وطن لاءِ وڙهندڙ آهن بند کوليِ
سيد پير اتحاد هن منجهہ جهوليِ
۽ ڪارڙا بي لُڏن منجهہ ڏوليِ
انهن کي ڏسئون ٿا سڙئون چو نہ ٿا

ڦٽڪئون گهڻو ٿا ۽ ڇڙواڳ آهيون
ايڪي ٻڌي عقل منجهہ واڳ ناهيون
ڏاڍو پري پاڻ کان ياڳ آهيون
سمجهئون تہ ٿا پر مُڙئون ڪو نہ ٿا

211 ـ بکر ڳوٺ 07 .12 .31

گوريءَ ڏيءِ هو ڏيان

ڪنڊا ٻير ٻر ۾ رڏون ٻڪريون ڪير ۾

لِڱَ منهنجا ڪاٽ ۾ پر مُڱ منهنجي وات ۾

ڄَڄَ آئي پار جي موڪلاڻي ڪنوار جي

[illegible] وڃايم مُڃَ ۾ ڳوليان ويٺي رُڃَ ۾

ڪانا جوئر جا ڪائي سُوئر ويا

داڻا ٻاجهرِ جا چُڳجي ساجُهرِ ويا

ڳانو ٻاتم ڳچيءَ ۾ مُنڊِي وڃايم مٽيءَ ۾

پيرَ پٽرون مَنهَن ۾ مُنڌَ ويٺي ونهن ۾

گروءَ ورهايو گيان منهنجو گوريءَ ڏي هو ڏيان

بيت ۽ ٽيڙو

1

لنگهي آيو لوءِ ۾ چور پائي جوغو
وڏو وڏيري گهانگهوءِ گهوگهو
ويساهه ڪيو سوگهو هن پلاريءَ پونءِ کي

2

سڏڙيو آهيان سنڌ جو خادم آهي نانءُ
جندڙي ڪيئن ٿي گهورجي اُهو ڪونهي ڏانءُ
منهنجو هڪ ڳانءُ لُٽاڙجي ويو لوءِ ۾

3

ورهيه ٿي ويا ست وڏيري جي واٽ کي
لوپي لڪيندو اچي چارئي پهر چٽ
لڳي اٿس لٽ ڪڏهن خادم! ڪين کي

4

جيڪي منجهه جهان سو تاريءَ تڳي تنهنجي
گُنديون خالي خالقا ناهن مالڪ منجهه مڪان
اهڙي ئي ارمان ڪيري ڇڏيو "ڪين" ۾

5

جاجڪ ائين نہ جھُڪ لڄي ڪرين تو لوءِ کي
ھوڙي ڇڏ تون پاڻ کي ڍڪڻيءَ پائي ڍُڪُ
نادر سان نوڙت ڏيکارين تو ڏيھہ کي

6

موڪي عربن کي گهَٽَ ڏيکاريا گهير
سنڌ تي ٻاھرئون صاحبي آندي ھن ڏقير
پر پوءِ دير سوير آجو اَڱھہُ ٿي ويو

7

مدينا راڻي ٿي نہ سگھي ڪڏي راڻي
محلاتن جو مان نہ ڄاتئين
پوءِ سمن جي ٿي پڄاڻي

8

رُوپِي نہ ھُئي ٻھرُوپِي ھئي
راڻي نہ ھئي ڪا گوپي ھئي
ڪني مڄي ڪاٿئون آئي
پونگر راوَ نہ ڏوتي ھئي

9

گرُوا وگرُوا ڪونھي ٻڌڻو تنھنجو گيان
گوريءَ ڏي آ منھنجو ڏيان پيار جو ڪو نہ ڪبو اپمان

10

مرشد سائين! موتي وج

دوزخ بهشت جون باتيون بيشڪ

پنهنجو پاڻ سان چاتي وج

جوين جوت گهُري تو بيو ڪجهه

11

هيڏي باھ هوڏي پاڻي

ڪونڌر! ڪيئن ڪجي پوءِ هاڻي

منڙو مالڪ ٽيندو ساٿي

12

هيڏي رُڃَ هوڏي سُڃَ

ڏاڍي اُڃَ ورائي وئي

مولا مينهن وسائيندو

13

بک ۾ پاھُ سُڪي تو ساھُ

هيڏي ڪير ڪنائيندو

ڏاتر ڏارَ نوائيندو

14

هوڏي بگهڙ هيڏي لوُمڙ
سنڌ کي ڪير بچائيندو
آگو پالا آڻيندو

15

ناهي جاڻ ناهي کاڻ
ڪهڙو سڌ اُونائيندو
والي واتون ناهيندو

16

نڪو نوحُ نڪو بيڙو
ڪهڙو سنگتي ساريندو
پاڻهي پار اُڪاريندو

17

وڏي رات
ناهي پريات
صاحب سِجُ اوياريندو

18

هيڏي چوري هوڏي ڏاڙو
منهنجو خالي ٿي ويو واڙو
مالڪ مال موٽائيندو

19

ناهي گَسُ ناهي وَسُ

ادا ڪبڙ ڇا ٽيندو

خاوند خير ڪندو

.20

ناهي هور ناهي ٽور

هي ٽاٽو ڪيئن ٽرندو

جيڪي واحد کي وٽندو

21

ههڙو ڏاڍ ههڙو زور

هيءَ ميندي ڪيئن لهندي

ڏنڊ جڏي وڄندي

22

جڏهن ڏنو مون ازل کي

اوندهہ هُئي اُتي

نڪرڻ جي پوءِ ڪئي آ مون

پهتو هان هاڻ هِتي

23

چاهي بريلي چا ديوبندي
جتِ جا پٽ ڳنَ ڪولي ٻڌُ
تون آن هُنن وٽ
سڪڻو سنڌي

24

پهر پَلَ جون لک پلايون
هندِ هڪ جو بيهي نٿو
واهه وقت جون چلولايون

25

وقت جو ڳورو پيرُ تڻي تو
پير سهڻ جي سگهه ڪپي
پيچرڻ وارو ڪير تڻي تو

26

ڦَرهيءَ تي لِڪِيلُ آ
ڳُلَ پتڻ نقصان آ
پر چا ڪجي
اٿيڙهيل طوفان آ!

27

او ڏونگر او واري
ڏاڍ ۽ ڏوکو تو وٽ آ
انهيءَ ڪارڻ پُڇي نٿي
ڇيڪي ويچاري

28

پاڙ کي پَلِ پَلِ پاڻي کپي
باهه پر پاڙون هڻندي ناهي
تنهن ڪري باهه وساڻي کپي

29

ڏيکار اهو جو لٿو ناهي
۽ پنڌُ اهو جو ڪٽو ناهي
اهنجُ اهو جو لٿو ناهي

30

آس نراس ڪٿون ٿي باهر
اتهاس ڏي جڏهن نهاريان ٿو
قانون ضرور ڪندا واهر

31

جيڪي خيال اچن ٿا
ٻنڙي ڏينهن جيئِن ٿا
نوان وري پلجن ٿا

32

پاهڻ نتو لوڙهين
هي سوال گهري تو جواب
ڇو پَنَ تو تون ٻوڙين

33

هرڻ کسين تو
بگهڙ بچين تو
ڇو اهڙا ڪم ڪرين تو

34

انب ڪسي وَئين
اڪ ڏنا ٽئي
ڪيڏا ڏک ڏنا ٽئي

35

ڪوڙُ بَدُوڙُ بيوس آهي
پاڻ کي ڪوڙو سچ ڪوٺي تو
ڪيڏي طاقت سچ کي آهي

36 جُنيون تين تيون سالن کئون
پوءِ بہ تون آن ساڳيءَ واٽ
جندُ ڇڏاءِ حوالن کئون

37

مسيت هجي بارگاهہ هجي
مقبول هنن وٽ ناهين تون
ڪيڏي بہ تو وٽ چاهَہ هجي

38

ارغون هجئون يا ابدالي
ڏاهر جا پٽ توکي وڌبو
اسلام ڪئون تون آهين خالي

39

عرب سڄورو ٿي سگهندين؟
ڪيڏا ڪلما پڙهہ پائو
ڏاهر جو پٽ اي رهندين!

40

ساميءَ جو آ مارڳُ ڪهڙو
مٽيءَ ماءُ ڪئون ڇجي ڪري
جيون جو آ ڪارِجُ ڪهڙو

41

ڪِرڙُ ڪبڙ ڪانديرو
ڇٽ جا پٽ هي نالا هن
نہ ڪپي ڇِپڙُ مِتيرو
ذيشان جا شان دويالا هن

42

هي ٽئي اهو نانءُ
تنهنجي منڙي مُلڪ جا
خالي ڪيا جنهن ٿانوَ

43

ڪرند پسند ايئن چئجي ٿو
پر ڏرتيءَ تي هيئن پَسجي ٿو
معصوم بہ ناحق ڪُسجي ٿو

44

ڪري ٿو سو تہ پري ٿو
ڏنو پر ايئن ويو آهي
ڪو نہ ڪندڙ بي ڏري ٿو

45

ملان منهنجي لاءِ
چاهي وٺ الله
جنت!
نهي آ دوزخ تنهنجي لاءِ

46

پاڻيءَ وَرائيندي
نانگ ڏنگيو مون کي
ملان ڏني فتوا
الله ڏٺو توکي

47

ٻکُنِ ۾ آن منهنجو آهين
ڪرسي توکي جڏهن بہ ملندي
او ٿوهر! پوءِ پنهنجن جو ناهين

48

ڪان ڪڍين ٿو ڪاٺ
جيڪي وٺيئي ڪرين ٿو
ناهين جو انسان

49

اوندهہ تي وئي ٻاٿَ
ڪن ڪولي ٻُڌُ يار پيارا
ڪانهي ويڙهہ سوا ڪا واٿَ

50

تنهنجي گهرِ ڏاڙيل
بارود، بندوقن سان
پر تو وٽ ٿاهہ جا ڪيل

51

اٿ سَوَ سال سڪيون هن رانديون
ڪهڙي خبر آ جٽن ڪي
تہ سڪٽي متيءَ مٿون
ڪيئن ڪبيون هن چانديون

52

پوليس وڏيرا ۽ پوڍاوا
سيني جي سَدَّ اسان هجئون
پنهنجي گهر ۾ پيرين اگهاڙا

53

ٻيلن ڪي ٻاهيون
توٽي مَنهَن سَڙن
پوءِ ٻي پيارا پائوا چئون ٿا
ويڙهہ وارن مان ناهيون

54

کڏي ريڙهہ چڙهي آ مون؟

وطن جي واٽن تي

کڏي ويڙهہ چڙهي آ مون؟

55

يارڙا پيچن تا

ڳالهيون متي ستي

اُيري ڏهاڙي سج تو

چو اوندهہ نٽي کٽي

56

پنهنجي ڳچيءَ وڏي ٽٽي

عربن سندي آڪاٽي

ڪڏي سنڌ کي پڙهيو ٽٽي

آ تنهنجي کهڙي ڪهاٽي

57

ڪلمو پڙهيو سي

تنهن ڪري

ڏاهر شهيد ڪئون

سنڌ آ پري

58

وئي ورائي ڏپ هن مُنئي مانداڻ جي
سوڙهو ڪري ويا سنڌ کي سيالڪوٽي سَپَ
ڪارڻ پاڻيءَ لپ درياهه ٿو دانهون ڪري

59

جهڙي منهنجي ڪالهه تهڙو منهنجو اڄ
بوندون ناهن پُونءِ تي رڳو واءُ واچوڙا وِڄُ
نٿو ايري سِڄُ سُکن جو ساڻيهه تي

60

سُئِي ڪانهي سنڌ ۾ رلهيءَ سيبي ڪاڻ
پيپڙ ۽ بارود جي ڪيئن ڪيرِ تي آهي ڪاڻ
آڻ راڪيٽ آڻ اجا جيئي جُوءِ تي

61

واتون ناهن ويهه مون کي لالچ انڌ انڌوڪيو
هلي پيو هان ڪوڙ سان جاڏي لوپ سجيهه
ڪندس ڪم قبيح ناهي ساڃهه سوپ جي

62

تپي ڪندين ڪوهه ادن جي افعال تي
مايا جي ميدان ۾ لالڻ تي ويا لوهه
بک بڇڙو ٿول داناءَ ديوانا ڪري

63

ڪارڻ ٻن ڏينهان ٻچڙو ٿيان ڀاءُ
وساري ويهان پنهنجي جيجل ماءُ
ڪندس ڏوڙ ڏڪاءُ جيسين جند جهان ۾

64

هيءَ جا لوئي لوءِ جي
وچ ڪاريءَ ڪي ڀاءِ
ساڃهه ساڻ سڄاڻ تون
پيڙ پنهنجيءَ ڪي پاءِ
ٻگهڙ تنهنجيءَ واڙ تي
وري وري ڪن ڪاهه
ڳولهه اهڙي ڪا واهه
پينڙي جيئن بچي پوي

65

حڪم وٽئون الله آ
ٻڪ ۾ ساهه ڪيڏانءِ پلي
پاڻ مارڻ گناهه آ

66

ڪوهن ۾ ڪٽاهه
ٻيلا ٻارڻ تي ويا
ڪاٿي آنهن الله

67

جيڪي آهه هنن جو آ
جُهڪِرَ جا جاهل
الله هُنن جوَ آ

68

ملان مرئي ماءُ
آجو ڪيئن "اڄ" تئي
اُهو قرآن پڙهاءِ

69

جيڏو تنهنجو ناڻ
باهه به ايڏي باغ ۾
رکي نه سگهان پاڻ

70

ڪيڏو تنهنجو ناڻ
مون کي منهنجي ملڪ ۾
ملي نٿي ڇانوَ

71

جان ڏجها نه ڏي
پر جي نٿو مُڙين
آتم هتيا ته ڏي

72

ڏٽن جا ڏٽي

چوکسي آ تو

منهنجي سنڌ اڳوٽي

73

مان تو مڱان ٻاجهه

تون تو ڏئين ڏوجهرا

صبح توڙي سانجهه

74

نہ تون ڇپر نہ تون ڇانوَ

ناهي تو ۾ آسرو

پوءِ ڪجاڙو ڪهاڻ

75

منهنجو هڪ ڳاڻ

پيلن بينا پولڙا

وٺي تنهنجو ناڻ

76

ٻڌُ منهنجي فتوا

ڏرتيءَ منهنجيءَ تي

لِکيلَ ٻانهپ ناهہ

77

هوڏي ڪلما ڪوڙ

هيڏي سڪڻي سنڌ

گھري تي جاڪوڙ

78

اوڏهون آيا پلي آيا

تون ڇو هتڙي ڏسجين تو

هتڙئون جا ڄايا ؟

79

پيرين ڏريم پنبڻيون

يار منهنجي مِنڙي

چميون ڏنيون سڪڻيون

80

هنڌ وڇايم وار

ڇيائين هي پيرو ڇڏ

ايندس مان ٻيهار

81

اڙي! اِهو ڪير هو

مُرڪي تو ۾ هٿ وڌائين

ڏيرياڻيءَ جو ڏير هو

82

وري ڪڏهن اچبو

پڇيم نوٽ ڏئي هٿ ۾

چيائين ٻيو نوٽ ملي سوچبو

83

انُ اُپايان تو

ڪُپي ڪيتيءَ ۾

پادر ڪاوان تو

84

جَنڊُ مڪُڙِي ڪِيرُ مُٺيو

سانوڻُ سارينڊي

مُنڊَ ڀِلَوَ سان نير اُگهيو

85

پنهنجي مُنهن ڇوڪر

هڪل ڏني مانس

هيڏي نہ نهاريندو ڪر

86

مِينهَن جون آسون

سنڌ سُڪِي وئي آ

تہ بہ پِيرَن تي باسون

87

ڏاهپ جو ڪو ڏانءُ

ڪارن مئون اچا ٿيا

سکي نہ سگهيس آءُ

88

سنگ ناهي مون سينءُ

ڏاها ڏي ڪو ڏانءُ

سنڌ ڇڏايان ڪيئن؟

89

ڪجهہ بي ناهہ درياهہ

ڪنبي ويو سَرِيرُ پر

آڏو ڏسي واهہ

90

نِمُورن جي ڇانوَ

ملڪ منهنجو منڙو

ڪائن وينا ڪانوَ

91

منهنجو ملڪ ملير

عمر تنهنجي ڪوٽ ۾

ڪانهي ٽَڏڙي هير

92

وڏيرا پوليس
چاپڙ ڪٽندو ڇوڪرو
گهٽِبا ٽيندڙ ڪيس

93

ڏارئي جو درمانُ
ڳولين نٿو ڇوڪرا
آهہ ڏاڍو ارمانُ

94

ڏوٽي آهن ڳڌُ
راڙون ڪندي رُڃ ۾
ملي نٿو سڌُ

95

ڄاپڻ هڪ پيرو
گهوريان نٿو سنڌ تان
پنهنجو منهن ميرو

96

ڪوڙا احوال ڏکن جا
هر ڪنهن کي پيارا
پنهنجا اعمال ڪُکَنِ ٽا

97

اڄ بي هي لوڙها

اڄ جو مان بي حُرُ

هو نيت ٿيندا سوڙها

98

لوڙهن ۾ حُرَ فقير

هي پيي ويندا اُلهي

جيئي سُورهه پِيرُ

99

مڙس هُيو گڏ گوڏي

ماني کائيندي

ڇرڪ ڇڪيو توڏي

100

جَندُ مڪُڙِي ڪِيرُ مُنيو

انهن سان اوريندي

تنهنجو ناءُ ڪُڪِيو

101

جهوليءَ ناهي ڳوٺ

آڳهُ ڪيئن آجو ٿئي

ڏَس پتائي گهوٽ .

102

ميهر سان محبت

ڪچي سيڪاري

قرباني سان قُربت

103

نِمُورين جي ڇانوَ

پهرين وڏمر ٽئي تي

ٻُسرِي تنهنجي نانءُ

106

خالي ٿي ويو ٿانءُ

ڳوڙها ٻار جي مُکَ تي

لولو ڪائي ڪانءُ

104

مڙس ڏني مُنڊَ ڪي

سون سندي ڇُوڙي

پر مرڪ مليس ڪُوڙي

105

جيونُ پاڻيءَ تي ڦوٽو

ساهه ۾ سانڊيلُ آ

يار منهنجو ڪوٽو

106

بندوق لڳي ڏيرِ ۾

آڙيون اُڏاڻيون

ڻاپر آئي نيرَ ۾

107

ڪُڙِي جَندَ جي ڪِيرَ ۾

ساري ور جا ويڻ

ناري ٻڌي نيرَ ۾

108

نيرُ آ منجهہ ڪونارِي

لٽ نيرولڀءَ هٿ ۾

دريءَ ۾ سوناري

109

استال تي اوپرا هٿ ڪتاب ۾

اکيون اٽڪيون

پوءِ جيون سڄو سراب ۾

110

تو وٽ وڏو ڏهڪاءُ

مان وٽ ٻي آهي

پٽ ڏٺي بادشاهہ

111

قانون ڏي ڏسجي

ڪهلَ ڏي ڏسجي

يا مهلَ ڏي ڏسجي

112

واري ڳٽي نٿي

تنهنجو تورو

ڇيڪي ڪٽي نٿي

113

دربار ڇا ٽيندي آ

ملڪ منجهائڻ لاءِ

ڪا سِٽَ سِٽيندي آ

114

رسمون ۽ رواج

اڳڪٽت ايامن ڪئون

ڌرتيءَ جا هن ڏاج

115

اسان اڇئون توڏي

تون وڃين ڪِسڪي

يار نہ دوکو ڏي

116

ڪٽڪ لتي آ اڄُ

چنڊڻ چاهيان تي

پر خالي منهنجو ڇڄُ

117

چوڏاري آ باهہ

جيئرو جي تون جَڳ ۾

جاڏي تاڏي ڪاهہ

118

جيڪي منجهہ جهان

سڪيو آسودو

سوا هن انسان

119

واهيري جي ووڙ

پڪي موتيا سانجهہ

مونکي بہ تنهنجي هورَ

120

ڏني تيا تم ڏينهن

ڪُهہ جاڻان ڪهڙا پرين

نهوڙيو آ نيهن

121

مڙسالو او مڙسالوُ

مان بي ڏاڏي سُنڙي

پر تون بي آنهن ڪچالوُ

122

خيالن ۾ وجهندو وت پڪَ

مور نہ ايندي سانءِ

دل ڏکيءَ ۾ ڏوئي رکُ

123

لغڙ اڏائيندي

ڪوني تئون ڪريو

مون ڏي نهاريندي

124

راول تون ڪنهنجو

موٽ ڏنائين منڙي

جيڪو چئي منهنجو

125

چڏيئي لوھہ ڪري

لوهرياٽي

وينس ڏوھہ ڪري

126

فقيرياڻي! اج ڪاڏي سنبت آ

اڪيون اولاري اوير ڏي

چيئين جاڏي سنگت آ

127

چيڪلي تي چار

نيڻان نيڻن سامهان

سنسار جي خبر نہ چار

128

نالو خادم ڪڪراڻي

گهوري گهوريو مانس

آهي مڙس مکڻ چاڻي

129

پاڙنِ جا پاڙا

آئيندي جي آس ۾

پيرين اُگهاڙا

130

هاريءَ چيو صبوح

وڏيري جي پيٽ جو

ڪڏهن پربو ڪوهہ

131

گھُر ڪا دعا مُلان منهنجي لاءِ
چتَ جا پتَ
ٿهي آ دوزخ تنهنجي لاءِ

132

اچين جي هيڪار
هيءَ وڻ ويڙهي
مورُ نہ ڇڏئي ڏار

133

ڪيئن توکان معافي گھُران
دِلاسن ۾ رُيائين تو
جَوَ پوکي ڪٽڪي لٽان

134

وسندو ڏسئون مينهن
آءَ تہ ماڙيءَ مٿون
پوءِ موٽي ويندين ڪيئن

135

اچي ويهہ مٿا
مَنَ جي ماڙيءَ ۾
هجئون باقي ڏينهن ڪٿا

136

جيلن ۾ پل جنڊ پيهان
سنڌ امڙ ڪئون مُنهن موڙيان
ڪارڻ ٻن ڏينهان؟

137

پهرين ڪانئن ماني کسجي
کسجي پوءِ ڇايا
ڪاڏي ويندا سنڌ ڇايا

138

ٻج ڪوئي ڪڏهن نہ ڦٽي آ
هيلهہ ايئين ڇو آهي
ڪاٺي ڪا پل ڦٽي آ

139

صوفيءَ کي ٻي وڙهڻو آهي
ڪوفيءَ ساڻ
نبيرڻو آهي

140

پوپٽُ ڦٽي مان اڇان
تنهنجي هٿڙن ٽي
ويهي توکي ڏِسان

141

ڳالهائين نٿي ڪا ڪاوڙ آ
وڃان ٿي پيڪين
اُتي ستاوڙ آ

142

او منڊ! مون سان محبت ڪر
جنهن سان لڏيم لائئون
گهُور تنهين تان نگر

143

ڪلمو پڙهيو سي تنهن ڪري
ڏاهر شهيد ڪئون
سنڌ آ پري

144

قادن قاضي جي تنهنجو
سنڌوءَ جي اتهاسن ۾
مخدوم بلاول آ ڪنهن جو؟

145

چو واٽ بند ٿئي
ڏاهر جي مامري ۾
سُوالي هيءَ سنڌ ٿئي

146

اتهاس جي چواڻي
توسان بہ ڪڏهن ٿي آ
ڪا ڪربلا ڪهاڻي

147

جيئن خيمن کي باهيون
تئين پڻ هِتِ آهن
بيلن کي باهيون

148

جيئن پاڻي بند امامن جو
تئين پڻ هت آهي
بند پاڻي ميزبانن جو

149

الفت ابو تُراب سان
هِتِ هِنن جي آهي
گُلفت تُراب سان

150

سردار وڏيرا لئہ ڪري وٺ
ڌارين جي سنگت سان
منهنجو ملڪ ڦري وٺ

151

ڪاريءَ مِٺون بي ملندا

هي سڀ ساوا نوٽ

ڪاري ڪئون بي مِلندا

152

هي تنهنجو پٽڪو

آهي پڪ لتاڙيو

جڏهن وقت ڏيندو سٽڪو

153

جٽ پڙهيو آهي

پير وڏيرو شئي ڪهڙي

الله اڙيو آهي

154

تِمجهَه آندي ٽئي هِتِ

ڌرتيءَ جا دشمن

شرم نہ آ تو وٽ

155

تو تِتِر ڪي تاڙي

توکو تاڪ ڦبائڻ لاءِ

ٻوڙا تو ٻاري

156

پوتار ٿئي تہ سُکُ ٿئي
جنهن ڏينهن وئي هليو
ڏاريا پو ڪَکُ ٿي

157

ليلان کي قيسُ ٿو کپي
مون کي بہ منهنجا بابل
جوڙ جِيس ٿو کپي

158

پل پهر سمهان ٿو
فاني جهان ناهي
ڪجهہ ننڊ ڪري اُٿان ٿو

159

قيامت ۾ ناريءَ کي
ملڻو آهہ ڀتار
پر سهڻيءَ کي
ملندو يارُ ميهار

160

نينهن بي نباهبو
پر اِن کان اگ سنگتي
مانيءَ ڳيو کائبو

161

هي ٽيڙ ناهي ڪارڙو آ

ساڳي ٻولي ٻوليندي

پنهنجن وٽ ويچارڙو آ

162

ڇاڪئون ڏور وڃي ٿو

ميچ ملي ٿس نئين ڪاڏهون

تيلاهون وهلُور وڃي ٿو

163

لنگهندي پاسو هٽي وئي

راحت رني ڪوٽ جي

دل کي داسو هٽي وئي

164. درٻاري او ٻاريا

ساڏن لاءِ صلاحون ڏيندي

وئي عمر تنهنجي ساري

165

درٻاري او درٻاريا

اُڄَ نہ تنهنجي لهٽي آ

روح تنهنجو آ واري

166

درٻاري او درٻاريا
اهي پيٽ نہ تنهنجا ڀربا
تنهنجي آکهہ آهہ اُجاري

167

مٽيو رومال ۾ بند
تنهنجو ساهہ مٽئي ۾
منهنجي ساهہ ۾ سنڌ

168

ويٺا هن قطار ۾
جرنيل جي آڏو
ٽُرا هڪ مهار ۾

169

يارڙا گهٽبا وڃن
جيئن بک وڌي ٿي پائو
ڪارڙا وڌندا وڃن

170

ويندي قبر ڏي
ساراهہ ڪيڏي ٿئي
نهار پنهنجي ٽر ڏي

171

هيءَ حياتي
تو بن ساتي
آهہ مماتي

172

سنڌ جا وڏيرا
ٿو ماراڻين ڳيرو
جيئن مارجن ڳيرا

173

ڪانا جُوئر جا
ٻاجهارا مونتي
پارا ٻاجهر جا

174

قديم آهي قديم آهي
بي سمجهہ ماڻهو منهنجي
ٻولي عظيم آهي

175

ڏاڍو وڏو مان سيٺ هان
جيڪڏهن ۽ جڏهن بي
امڙ اڪڙين هيٺ هان

176

اُس آ جولاءِ جي

پر بچائي ٿي مونکي

چانو منڙي ماءُ جي

177

هنج لولي ماءُ جي

ننڊ ڏاڍي ٿي ڏئي

پلٽَ جا پِرياوَ جِي

178

نينگري او نينگري

پڙُ چڏي جي تنهنجو ياءُ

ايهو ننگر بنهہ ناهہ

179

مڙس منهنجا ڪجهہ تہ رِڙهہ

لوءِ ڪارڻ لٽ ڪٽي

ٻاهرين سان ڪجهہ تہ وڙهہ

180

جنهن وٽ سر جو سودو ٿئي

او ٻاگهل!

تنهنجو دودو ٿئي

181

ساڻ ڪر تيندڙ ڏندن
ڏينهن راتيان سوچ ۾
ڪيئن ڪسن ماڪئون وطن

182

مڪڙ ڪاڏهون جا
پيٽ پري پل وچ پنهنجو
هي وڻ سڀ آهن منهنجا

183

او وطن منهنجا وطن
ڪيترا بي ڪن جتن
جمندا نه پر پيرا سندن

184

هن ڪنڊن جي سيجَ تي
نيٺ ڪهڙي ڏوهه ۾
سنڌ آ صليب تي

185

پوتارن ڪي آڪڙ
جنهن ڏاڻ ڏياري آ
سا چاڻ اُڏي ماڪڙ

186

مسلم انڊيا جو آهيان
پر مان انڊيا جو ناهيان
ڌرتيءَ ڪنهن جو بي ناهيان

187

ملان پير وڏيري جو
ايمان اصل ڪئون آ اڌڙا
خير نہ گھربو ديري جو

188

پٽس ڏاڏس ڪئون
پوتار مونسان گڏ آ
پر گار۔ گاڏڙسڏ آ

189

پوتار جا هتڙي
وڏا وَس هلن تا
مونتي بي گارين جا
وڏا دَس هلن تا

190

اوطاق مسيت گادي
آهين ڪير ڪنڊ،
مان انڌي ۾ جنڊُ

191

پِتون تيڙس پير
ڪڏهن ڪين ڏٺائين
هھڙا تين تا ڏير

192

موتي آيا مينهن
لالڻ ناهي لوءِ ۾
لائون لهنديس ڪئين

193

ڏڪائي تو سيءُ
جانڻ ناهي جُوءِ ۾
جهِجي منهنجو جيءُ

194

ڪرند پسند ائين چئجي تو
پر ڏرتيءَ تي هيئنءَ پسجي تو
معصوم بہ ناحق ڪُسجي تو

195

ڪري تو سو تہ پري تو
ڏنو پر ايئن ويو آهي
ڪو نہ ڪندڙ بي ڏري تو

196

ليلا ليلايو
ڪونہ پيس پر جهوليءَ ۾
توڏهون پن سائو

197

پهرين ڏوهيءَ ڪي
ڏوهہ ڏبو آهي
پر تو وٽ ايئن ناهي

198

ملان! بهشت ۾ جي تون
هڏِ نہ هلان مان
جاتي هوندين تون

199

ملان آهين چورُ
ناهي منهنجي ملڪ ۾
تو جهڙي ڪا چورَ

200

صبح توٽي سانجهہ
تاٽيان ٽو توڏي
تو وٽ ناهي باجهہ

201

پنهنجي ڳچيءَ وڏي ٿئي
عربن سنڌي آکاڻي
ڪڏي سنڌ کي پڙهيو ٿئي؟

202

جهرن جهنگن ۾
گلن پنن ۾
وڻن وچئون
ڪا مورت موهي ٿي

203

ٻيڙيءَ تي ٻيهي
هٽندي ونجهه دلين تي
نوري نهوڙي ٿي

204

اڱڻ تي ايندي
ٻهاريون ڏيندي
لوڙهي جي پرسان
ڪا مُنڊَ نهاري ٿي

205

هرڻ مون پارو
۽ ٻي حد اجارو
ڪڏهن نہ ڪڏهين
ڪاٿي نہ ڪاٿي
ڪُسجي ٿو يارو!

206

ڏاگهو ڏسي متي ڏاند ڏسي هيٺ
وک کڻجي ڪٿي سنڌ ڇتندي نيٺ
پنهنجائيءَ کي ڇڪ ٽٽي تي
توڙي ڏيٺ نہ ويٺ
وياج سمورا موٽائيندو
ڪاڏي ويندو سيٺ

207

ڏينهن سدائين ڏکيا سکيا
ڀاڱ ۾ سڀ جي آهن لکيا
وقتن جي وهنوار ۾ ڪنهن ڀي
انب سدائين ناهن ڇکيا

208

ويندي ڏيندي وئي گونگيون ميارون
مونکي ڪري وئي ڦاڪون ۽ ڦارون

209

ڪا ٺيءَ تي مُنڌَ آ
ڏسوتہ پهتي ڪاٿي
گوتم جي سنڌ آ

210

ڌي تارا

آڌي اونداهيءَ ۾

ڳوليان ٿو چارا

211

ونري جي چُله جي چٽنگ

ڏني برکي باهه

٣ مارچ ١٩٤٣

اها ساروٽي آهه

212

الله جو نعرو هڻي

لشڪر ترارين سان ڪٽي

واريءَ وٽئون آيو هيو

سنڌ کي ٻاريو هيو

منهنجي موکي ساڻ گڏ

213

ايئن اچي ويئو

دل جي ڳاڙهيءَ ڪٽ تي

جيئن ناري جو سيئيو

سنڌ ۾ ملهائڻ جهڙا ڏڻ/ڏينهن
(عيسوي سن ۾ ڏنل)

- رسول ڪريم ڄم 570_04_20 وفات 632_06_08
- علي سائين جي ڄم 600_05_25
- حضرت عمر خلافت تي ويٺو 634_08_22
- ڪربلا جو ڪوس 680_10_13
- مهاراجا ڏاهر شهادت 712_07_02
- حسين منصور هلاج شهادت 922_03_28
- هلاڪو خان جي بغداد کي باهه 1258_02_10
- پهريون سمو ڄام انڙ تخت تي ويٺو 1337_07_29
- ورنلسي بنارس جي ڪبير جي وفات 1499_06_28
- مخدوم بلاول ڄم 1451_06_16 شهادت 1521_03_01
- ٺٽي ۽ ڪينجهر جي وچ واري ميدان کي ساموئي جو پِڙُ سڏجي ٿو. جتي ارغونن سان وڙهندي درياخان پنهنجي پٽن سوڌو شهيد ٿيو 1520_01_02
- شاهه بيگ ارغون مئو 1522_07_18
- شاهه ڪريم بلڙي ڄم 1538_01_20 وفات 1623
- اڪبر بادشاهه عمرڪوٽ ۾ ڄم 1542_10_15
- پاڻيپت جي ٻي ويڙهه 1556_11_05
- دهليءَ سنڌ تي ڪلهوڙن جو راڄ مڃيو. يارمحمد ڪلهوڙي جي

حاڪميت شروع 1718_01_01

- لانگاهہ شاهہ عنايت جهوڪ شريف شهادت 1719_05_06
- لطيف سائينءَ جو لاڏاڻو 1752_01_02
- خواجا محمد زمان لنواري جي وفات 1775_01_06
- عبدالرحيم گروهڙي شهادت 1778_03_15
- سچل سرمست لاڏاڻو 1827_04_11
- مياڻيءَ جي ويڙهہ 1843_02_15
- دبي جي ويڙهہ 1843_02_24
- مرزا قليچ بيگ جنم 1853_10_04 وفات 1929_07_03
- مولانا عبيدالله سنڌي جنم 1871_03_10 وفات 1944_08_22
- حمل فقير وفات 1878_12_09
- علامہ آءِ آءِ قاضي جنم 1886_04_09 وفات 1986_04_13
- سنڌ جو سائين ڄي ايم سيد جنم 1904_01_17 وفات 1995_04_25
- ڳوٺ آباد پرسان لڪي شاهہ صدر ۾ محمد ابراهيم جويو ڄائو 13_08_1915
- شهيد اندرا گانڌي جنم 1917_11_19 وفات 1984_10_31
- ماهوار ڪونج هلائيندڙ لاڙڪاڻي ڄائو هري موٽواڻي جنم 1919 وفات 07_05_2006
- ڳوٺ ٻنڊي تعلقي ڏوڪري جو ويٺل سوڀو گيانچنداڻي جنم 1920_5_03
- شيخ اياز جنم 1923_03_02 وفات 1997_12_29
- سکر ڄائو پارتي اديب ارجن ناشاد جنم 1924_12_17 وفات 2006_11_03
- محمد حسين پنهور جنم 1925_12_25 وفات 2007_04_21
- بلوچستان جو نواب اڪبر خان بگٽي جنم 1927_07_12 شهادت 28_08_2006

- ذوالفقار علي ڀٽو شهيد ڄم 1928_01_05 وفات 1979_04_04
- گوبند مالهي ڄم 1930 وفات 2001_02_10
- رسول بخش پليجو لطيف جي پيغام جو ڄاڻو ڄم 1930_01_20
- شاعر اديب بدين جو ويٺل شمشير الحيدري ڄم 1931_09_15
- لاڙڪاڻي جو ويٺل هندوستان لڏي ويل اديب شاعر
ڄم 1932_05_25 وفات 2007_04_06
- سنڌ جو وڏو آرٽسٽ ظفر ڪاظمي 1933_12_25 ڪان 2007_01_12
- پروانو ڀٽي سکر 1934_02_16
- لاڙ جي وڏن شاعرن مان هڪڙو انقلابي شاعر ابراهيم منشي ڄم 15_
01_1934 وفات 2003_07_31
- سنڌ جو سپوت الھ داد ٻوهيو ڄم 1934_08_18 وفات 1999_07_16
- موتي لال جوتواڻي اديب ڄم 1936_01_13 وفات 2008_01_29
- اديب لڇمڻ ڪومل ڪنڌياري ۾ ڄائو 1936_03_26
- امر جليل ڄم 1936_11_08
- لاڙ جو سرويچ سجاولي ڄم1937_03_14 وفات 2007_10_22
- ريڊيو فنڪار صالح محمد شاهه ڄم 1938_04_14 وفات 2007_09_01
- مريوسف پٽ لونگ مگنهار ڳائڻو ڄم 1940_1_14 وفات 97_2_14
- ڳائڻو سينگهار علي سليم سکر جو ويٺل 1940_04_15
- حر ايڪٽ پاس ٿيو 1942_03_20
- سورهيه بادشاهه شهادت 1943_03_30
- الھ بخش سومرو شهادت 1943_05_14
- ٿر جي ڄام ساقي جو ڄم 1946_10_31
- ڀڳت ڪنوررام ڄم 1885_4_13شهادت 1939_11_02

- ڪڪڙ ضلعي دادو جو هوميو ڊاڪٽر نظير احمد چارڻ ڄم 1947_06_02
- خيرالنساءِ جعفري اديبا ڄم 1947_08_17 وفات 1998_03_04
- سنڌي هندن جو ڪراچيءَ ۾ ڪوس 1948_01_06
- پاڪستان جي قومي ٻولي رڳو اردو اعلان 1948_03_21
- هارياڻي بختاور جهڏو گدام شهادت 1948_06_22
- سنڌ جي راڻي بينظير ڄم 1953_06_21 شهادت 2007_12_27
- شاعر اديب نصير مرزا ٽنڊو نوڙهو ڄم 1955_07_20
- پاڪستان جي پهرين زائفان اسپيڪر فهميدا مرزا ڄم 1956_12_20
- سنڌ بمبئي کان ڌار ٿي 1935_04_01
- سنڌي ٻولي هندوستان جي قومي ٻولي ٿي 1967_04_10
- سنڌ جي ابي حيدر بخش جتوئيءَ جو لاڏاڻو 1970_05_21
- بنگلاديش جو جهنڊو جهوليو 1971_03_23
- سماجوادي سگهڙ عبدالڪريم گدائي وفات 1978_01_28
- ڊاڪٽر شيرين سومرو جي هڪ فوجيءَ هٿان لچالت 1978_10_01
- ٽنڊي الهيار جو نظير عباسي شهادت 1980_08_09
- مولوي محمد عثمان ڏيپلائي لاڏاڻو 1981_02_07
- خيرپورناٿن شاھ ۾MRD جي شهيدن جو ڏينهن 1983_09_12
- M.R.D جا لاڪاٽ جا ڳوناٺا شهادت 1983_09_29
- ڪيئي ڪتابن جو ليڪڪ ماتليءَ جو رئيس ڪريم بخش خان نظاماڻي وفات 1983_12_31
- MQM ٺهي 1984_03_18
- ٺوڙهي ڦاٽڪ جي شهيدن جو ڏينهن 1984_10_17
- ضلعي دادوءَ جو محمد مشڪرو وفات 1985_02_27

- اديب شاعر جي الانا وفات 1985_03_08
- ويتل تعلقو ڪنديارو رستم سنڌ شير ميربحر مله وفات 1985_03_28
- شاهنواز ڀٽو فرانس ۾ شهادت 1985_07_18
- سنڌ ترقي پسند پارٽي نهي 1986_03_26
- مائي ڀاڳي ترياڻي ڳائڻي وڇوڙو 1986_07_07
- محمد اسماعيل عرساڻي جمر 1986_11_01
- سنڌ جو جوڳي فاضل راهو شهادت 1987_01_17
- پير علي محمد شاه راشدي وفات 1987_03_11
- ڪراچيءَ ۾ سنڌين جو پهرين پيرو ڪوس 1988_10_01
- مير مرتضا ڀٽو ويتل ڳوٺ ڳڙهي خدابخش جي شهادت 1996_09_20
- سرمد سنڌي وفات 1996_12_28
- نوازشريف حڪومت جي سپريم ڪورٽ تي جله 1997_11_28
- سنڌ جو ڳائڻو علڻ فقير وفات 2000_07_04
- سنڌ جي شاعر محقق نياز همايونيءَ جي وفات 2003_01_03
- اديب ابن حيات پنهور وفات 2003_01_15
- ميرپور بٺوري جي ويتل مائي اله وسائي ڳائڻي وفات 2004_04_29
- ڪراچيءَ ۾ سنڌين جو ٽيون پيرو ڪوس ڪارساز وٽ 2007_10_18
- سنڌ جو ريڊيوءِ ٽي وي فنڪار انور سولنگي وفات 2008_04_04
- تاجل بيوس وفات 2008_12_13
- ٽوپي اجرڪ جو ڏينهن 2009_12_06
- ماستر چندر بمبئيءَ ۾ وفات 3 نومبر 1986ع

***

شاعري خادم حسين ابڙو

موجوده دور جي اهڙن شاعرن منجهان هڪڙو نانءُ سائين خادم حسين ابڙي جو بہ آهي، جنهن ان خواهش کي هٿ وٺرائيندي پنهنجي سفر جو آغاز ڪيو ۽ هاڻ سندس ان سفر جو ثمر سندس ڪتاب جي صورت ۾ اسان جي سامهون آهي.

سائين خادم ابڙي جي مسودي جي مطالعي مان مون کي لڳي ٿو تہ هُن شاعريءَ جي بنيادي لوازمات کي چڱيءَ طرح سمجهيو ۽ پروڙيو آهي. هڪ حساس ماڻهو جي حيثيت ۾ هو سمجهي ٿو تہ سنڌي ماڻهو اندروني ۽ ٻاهرين غلاميءَ واري ڪيفيت ۾ آهن. هو خود بہ حالتن جي سنگينيءَ ۽ مسئلن جي دٻاءَ واري پيڙا مان گذريو آهي پر ان باوجود هو مايوس ناهي. اها ڳالهہ وڏي خوشيءَ جي آهي تہ سمورن دردن، بيوفائين ۽ ناانصافين وارا احساس پوڳيندي بہ سندس شاعريءَ ۾ نراسائيءَ جو عڪس نٿو ملي. وٽس، نہ نا اميدي آهي نہ مايوسي. جيڪڏهن ڪجهہ آهي تہ اُهو سندس شاعريءَ ۾ حوصلي ۽ اميدن جي مشعلن جو تجلو آهي جيڪو ڪيس ۽ سندس فڪر کي منور ڪري ٿو.

محترم خادم حسين ابڙو نہ رڳو سٺو شاعر ۽ اديب آهي، پر سچ پچ تہ هو هڪ اعليٰ انسان بہ آهي. سندس زندگيءَ جي وڏائيءَ جي جهلڪ سندس هر رويي مان محسوس ٿيندي. هو هر وقت ننڍي وڏي سان مرڪندي ملي ۽ ڳالهائي سچ پچ موهي وجهندو آهي. تمام گهٽو ڄاڻندي بہ پنهنجي پاڻ کي ڄاڻو محسوس نہ ڪرائڻ، هر ڳالهہ ايئن ٻڌندو جڻ تہ سندس لاءِ اها ڳالهہ نئين هجي پر پوءِ جڏهن پاڻ ان تي ڳالهائيندو تڏهن ٻڌندڙ کي محسوس ٿيندو تہ وٽس ڄاڻ جو خزانو آهي. اهي گڻَ هڪ عالم جا آهن، هڪ سٺي انسان جا آهن. آئون پڪ سان چوان ٿو تہ سائين خادم حسين ابڙي جهڙا انسان زماني ۾ گهٽ پيدا ٿيندا آهن.

ابڙي صاحب جي شاعريءَ جا موضوع سگهارا آهن. سنڌ ڌرتيءَ جو سباجهو ماڻهو، سنڌ جا مسئلا، ساڻن ناانصافي، سنڌ جي پيڙهجندڙ طبقي جي پيڙا ۽ درد سندس شاعري جا اهم موضوع آهن، جو تہ لڳ ڀڳ مُني صديءَ کان پاڻ پنهنجي اکين سان هن ڌرتيءَ تي ٿيندڙ لقاءُ ڏسندو رهيو آهي. سندس هيءَ شاعري انهيءَ مُني صديءَ جي ڏکوئيندڙ سفر جو سچو داستان ۽ عرق آهي. سنڌي ماڻهن جي اها مني صديءَ جي تاريخ سنڌ جي ماڻهن سان بيوفائين، ناانصافي، ڏوکن، وچوڙن ۽ وڍن سان ڀري پئي آهي.

هونئن بہ عالم، اديب، سُگهڙ، مصور ۽ ڪوي، پنهنجي پنهنجي قوم جا ترجمان، سنيارندڙ، ساريندڙ ۽ اڳتي وٺي ويندڙ سونهان هوندا آهن. اهي ڳالهيون ۽ عمل تڏهن ئي ٿي سگهن ٿا جڏهن وٽن وسيع تجربو، دورانديشي ۽ حوصلو، جستجو جو جذبو ۽ سچائي هجي. اهي ڳالهيون جن وٽ بہ هونديون آهن تن جون رچنائون امر ٿي پونديون آهن. انهيءَ سفر ۾ ڪيترائي سچا ۽ سونهان رهيا آهن. جيڪڏهن انهيءَ سفر ۾ سائين خادم جو نالو ڳڻجي تہ وڌاءُ نہ ٿيندو ڇو تہ سرڪار لطيف جي چواڻي تہ:

محبت پائي من ۾ رنديا روڙيا جن،
تن جو صرافن، اڻ-توريو اگهائيو.

ڊاڪٽر محمد علي مانجهي

پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ کا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل کِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ ڪان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ ڪان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَياز علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن ڄاڙ وڌي ٿي ڄڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ جي ٻارن کي پاڙ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٽي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڙ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄڪلهہ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چوءِ چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪِي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)